عظیم شاع
تاجل بیوس



ہولارام ہنس

GUESTS OF HONOUR



Shri Murli Adnani




Shri Pritam Ghanshamnani



Shri Prakash Chandnani

AWARDEES

Narain Shyam Award



Shri Murlidhar Jetley

Sheikh Ayaz Award



Shri Hiro Thakur

: Anand Ram Lalchandani, Mumbai. M : 9323726436 - 9820883807 e-mail: anandrl@yahoo.com

H.3 (74)

عظيم شاعر
تاجل بيوس

''سنڌ شام جي پهر ۾، ٽڙيل گُلاب آهي،
يا سونهن، سچ، سڳنڌ جو ڪليل ڪتاب آهي.''

قلمڪار
هولارام هنس

(1) ''سنڌ ۾ شاعري گهٽي آهي!
شعر ۾ چنڊ-چانڊ ڪاٿي آ! -آٿمناٿن شاهي

(2) ''غزل گيت هوندا، هجان پل نہ مان،
ويس پاڻ پنهنجو پنن ۾ اڏي.' -مريم مجيدي

(3) ''شاعر ! تنهنجا سپنا،
خالي نا هن خاڪا.'' -تاج جويو

(4) ''سنڌ ڪي ڇو ٿا وساريو شاعرو!
ڏيه وارن جون ميارون ٿيون اچن.'' - اختر درگاهي

(5) ''مون جو ڇٽيا نيڻ سمهڻ لئہ،
جاڳيو من ۾ گيت غزل ڪو.''

(6) ''شعر لکندي سُڪون ملندو آ،
شاعري آهي يا ميسحائي''؟ -عامر سيال

هيءُ ڪتاب پيش ڪريون ٿا تخليقار شري ارجن حاسد
۽ سرجڻهار واسديو موهيءَ جي شان ۾

بيسٽ سنڌي سڀا، ممبئي. پشپ 55، سال 2012

BEST SINDHI SABHA MUMBAI

(Estd- 1958)

عظيم شاعر تاجل بيوس

Azim Shair Tajal Bewas

Author:

Holaram Hans

Flat no 8,Swatantra Saink Society
Mith Bunder Rd.
Thane (E), 400 603

Mobile: 9969547534

Copies:- 500

Price:- Rs 200 /-

Year:- 2012

Publisher:-

Secretary BEST Sindhi Sabha,
7-Ram Rajya Thane (E)
Mumbai 400603

Printer:- **Impressions**

212- Allied Ind. Estate.

Mahim, Mumbai- 400 016.

Mob.: 9820883807

Cover:-

Shri Ram Lalchandani

(Artist)

DTP:

Shobha R. Lalchandani

سيا جا باغبان ۽ پشپ جا مالهي

١.ڊاڪٽر آهوجا رام

٢.هولارام هنس

٣.روپچند ڪيماڻي

٤.ڪنعيو تولاڻي

٥. پشپ ڪاميٽي:-

ڪنعيو تولاڻي

روپچند ڪيماڻي

٦. ڪاميٽي ميمبر:-

سلوچنا آهوجا، ميرا ڪيماڻي،
آنند ڇڳاڻي، سريچند چاهڙيا،
ڪيسواڻي، واسواڻي

٧. پبلشر:- سيڪريٽري

٨. پرنٽر:- **امپريشنس**

٢١٢، اَلائيڊ اِنڊسٽريئل اِسٽيٽ،
ماهيم، ممبئي- ٤٠٠٠١٦.

Mob.: 9820883807

Statement as per press & Registration
Book -Act
Form IV

PUSHP

BEST SINDHI SABHA

1. Place of Publication : Mumbai
2. Periodicity of Publication: Yearly
3. Printers name : **Ram Lalchandani**
   Nationality Indian
   Address: **Impressions**
   212, Allied Industrial Estate,
   Mahim, Mumbai 400 016.
   Phones: 9820883807
4. Publisher's name: **Holaram Hans**
   Nationality: Indian.
   Address: Flat no 8,Swatantra Sainak Society
   Thane (E), 400 603
   M : 9969547534
5. Editor Name: Same as above
   Nationality: ""
   Address: ""
6. Name & address of: BEST SINDHI SABHA
   Individual who owns 7-Ram Rajya Thane (E)
   The newspaper & Mumbai- 400 603
   Parties of Shareholders
   holding more than one
   percent of the capital.

I Holaram Hans hereby declare that the particulars given above are true to the best of my knowledge and belief.

HOLARAM HANS
Sd.
Singnature of Publisher

پيش لفظ

”سنڌ جي سر زمين تي شاعريءَ جو سرچشمو.“

شاعر آهن گُل، جن کي خدا اُن لاءِ خلقيو آهي تہ جيئن اسين اُنهن جي سونهن ۽ سرهاڻ، مهڪ ۽ موسيقي. خوشبوءِ ۽ خيال، فن ۽ فڪر ماڻي سگهون. هر گُل کي پنهنجي سڳنڌ آهي. تنهن هوندي بہ سنڌ جي سر زمين تي قديم سنڌي شاعرن جي ترمورتي آهي.

شاه (1689-1752) سچل (1739-1829) ۽ سامي (1743-1850) تہ جديد دور ۾ ترمورتي آهي، عظيم شاعر شيخ اياز (1923-1997) اُستاد بخاري (1930-1992) ۽ تاجل بيوس (1938-2007) تاثير واري تاجل بيوس بہ ڪمال ڪيو آهي! ٻيا گُل آهن:-

تنوير عباسي، نياز همايوني، سرڪش سنڌي، نواب علي زيب، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، ادل سومورو، سرمد چانڊيو، تاجل بلوچ ۽ تاج جويو وغيره. مطلب تہ اياز کان اياز گُل (1959) تائين سنڌي شاعريءَ جو سر چشمو سنڌ ۾ سُڪڻ جو نہ آهي. هند ۾ تہ عظيم شاعر نارائڻ شيام (1922-1989) ڏرو تاري مثل آهي ۽ شاه اسان جو ساه، سچل پرَ ۽ سامي آتما آهي. شيام لاءِ ستايل سڪندر فرمايو آهي:-

”ويهن صديءَ جو هو وڏو شاعر اياز
پر پڙهي ناهي ڏٺو تو شيام کي.“

سنڌ جي ڪيترن ڪوين جا ڪتاب مون وٽ ميسر نہ آهن، اُن ڪري آنءُ اُنهن جي مهڪ ۽ موسيقي ماڻي نہ سگهيو آهيان. چون ٿا سنڌ ۾ 500 شاعر آهن. ٢٢ باب ۾ مون سنڌ جي شاعرن کي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪ عظيم شاعر ۾ جيڪي گڻ جهڙوڪ پنهنجي مٽيءَ، ماڻهن، ۽ مُلڪ لاءِ اسيم محبت، خيال ۽ فڪر جي اونهائي ۽ اُڏام، موسيقي، عُمدي عبارت، وسيع مطالعو ۽ مشاهدو، ٻوليءَ تي دسترس، انساني عالمگير جذبن جي اوڪ ۽ ڊوڪ، انسان جي عظمت ۽ محنت جا گيت ڳائڻ، فن ۽ فڪر ٻئي ملوڪ هجن ۽ مکيہ ڳالهہ تہ طلب جي تنوار کان پرهيز. شاعريءَ جي قدرتي ڏات، عظيم انسان، رس، چس، رواني،ردم ۽ ترنم، ۽ قديم ۽ جديد شاعريءَ جي وچ ۾ پُل هجي تہ بهتر... اهي سڀ گڻ تاجل بيوس ۾ ملن ٿا. هن جي ”بيتن“ ۾

"فهرست"

ٿيٽ لفظن ۾ جماليات ۾ جانب شاعر، سندس ڪلام ... ”اُڪئين سياڄ سمهان، منهنجا مارونڙا پڌري پٽ سمهن،“ اڄ بہ سنڌ ۽ هند ۾ ٻاتو ٿو وڃي. هن جي شعر ۾ خيالن جي بيحد چٽائي آهي. اڇو تہ هن جو ڪلام جھونگاريون:-

(١) ” پوري ٻُت تي ڪارو چولو،
سنهڙي جُهڙ ۾ سج ٿو چمڪي.“

(٢) ” غرور ذات تي ڪونهير، ڏات تي پَرُ ٿم،
ڪلام منهنجو ڪُمي جي سگهو، ڪُمي چڙيو.“

(٣) ”ڪتاب ڪيرٿو ڪولي، ڪلام ڪونجي پيو،
پڙمي سگهو نہ بخاري ،تہ ڪُڄهہ ھٿي چڙيو.“

(٤) ”لفظ ڇا لاءِ يار ڳولين ٿو،
مون سان ڳالهاءِ دوستن وانگي.“

(٥) اسين سمنبُ ناهيون ،جو ڪو دنگ روڪي،
اسين وقت وانگي، اورانگهي لنگهون ٿا.“

(٦) ”جيون-جوڙو چوڙيان ٿو پيو،
موت متي تي پيڙي وانگي.“

(٧) جو بخاريءَ سان ناهي مليو، اڄ ملي ڪڄهہ پڙمي ڪڄهہ ھٿي،
هر غزل اُن جي تن من جو آئينو، جنبن جو اظهار هو.“

پرک:- شيخ اياز ۽ تاجل بيوس تي تنقيد ڪندي، ڪن لکيو آهي:- ”اياز تمام گھڻو لکيو آهي، اُن ڪري هن جي ڪن شعرن مان، Rough هجڻ جي بوءِ ٿي اچي، ٻي ڳالهہ تہ اياز جيڏو وڏو شاعر آهي، ايڏو وڏو ماڻهو ناهي.... يعنيٰ شخصيت جي حوالي ۾ آلن ٿوئن ۾ ساڙڻ جهڙو ماڻهو آهي.“
تاجل بيوس وري هڪ بيرو ڪريٽ هئڻ ڪري، مختلف آهي. سڌو ۽ سنڌ پرست ناهي“ (مون کي هي وڌاءُ پيو لڳي.)
ڪن پارکن جو وري چوڻ آهي تہ....”شاه لطيف کان پوءِ هن مهل تائين، تاجل بيوس جهڙا بيت ۽ ”وائي“ ڪوئي نہ لکي سگھيو آهي، پوءِ اهو شيخ اياز هجي يا اُستاد بخاري....!“
اياز لاءِ وري ڪن لکيو آهي:- ”هن قومي تراني جهڙا تاريخي شعر ڏنا آهن ۽ هو سڌو سنڌ پرست آهي.....پر اڄ هو اياز، ساٻيو اياز ناهي.“

نواڻ آهي. ”وائيءَ“ ۾ ورائي آهي ۽ هائيڪو ۾ ڇا ته منظرڪشي آهي:-

(1) ”جڏهن آئي شام
هاري وئي هالار تي.
رَتُ جا پريل جام“ - هائيڪو

(2) ”اوٺي جمل اُٺن ڪي، منهنجي ماني ڪاءِ
اسان جيءَ اوطاق ۾، جُتيءَ سوڌو آءِ.
اِجها مُرڪي ماءِ، اجهو مليو آ جچو.“ - بيت

(3) اجها ٿي پرڀات، ڦٽندي ڏارا ڪير جي،
وڃندا ڇڙا وانڍ ۾، لُونڊا پڪي لات،
اِجها ٿي پرڀات، ڦٽندي ڏارا ڪِير جي.... -وائي

تاجل سنڌ جي حال، ماضي ۽ مستقبل ۾ ٽهڪيون هيون آهن. هن جي شاعري سنڌ جي پيڙا جو پرلاءُ آهي، هن جي شاعري، قديم ۽ جديد شاعريءَ جو مهراڻ آهي، هن جي ڪومل ۽ قوت واري ڪويتا، ڪنهن ازلي ڪاتب لکي آهي. هيءَ پکيءَ مثل هو، جنهن سنڌ جي وڻن جي شاخن تي ويهي شعر ڳايا، هن جو روح اُها چولي آهي، جنهن ڪاڇ ۽ ڪوڏيءَ ڪي ٽُڏي، چنڊ ڪي چُمڻ لاءِ اُڀار ڀري. هن جي خوابن، حقيقت جي تلاش ڪئي ۽ حقيقت تائين رسي، حقيقت کي نئين معني بخشي. هن جي ڪويتا ۾ ڪا قيت مليل نه آهي. هن ڪويءَ جو ڪردار قوميت کان وڌيڪ، انسانيت ڏانهن جُهڪيل آهي. هيءُ شيخ وانگر انقلابي به هو. هيءُ سپنن جو سوداگر هو ۽ هن جي شاعري، ازل ۽ ابد جي وچ ۾ پُل آهي. هن جا ڪي شعر، سنڌ جي بهراريءَ جي حُسن جا شاهڪار آهن، هن جي تخليق، سنڌي فڪر ۽ فن جو سنگم آهي. هيءُ جيڪڏهن فقط هڪ شعر-”سنڌ منهنجي امان“! لکي ها، تڏهن به سنڌ جو هڪ وڏو شاعر ڪري مڃيو وڃي ها. هيءُ بيورو ڪريٽ هوندي به، هارين ۽ پورهيتن جو سردار هو. شروعاتي حياتيءَ جو وڏو حصو، هن بهراريءَ ۾ گذاريو هو، هڪ ڳنوار مثل. شاعري، هن تي ائين اُڀرندي هئي، جيئن وڻ تي سياويڪ نموني پن اُڀرندا آهن. هاڻي سنڌ جو ٽيون عظيم ۽ اُستاد شاعر، اُستاد بخاري (1992-1930) پنهنجي مٽيءَ لاءِ مارئي جهڙي محبت، خود داري، سنڌي زبان تي پورو پورو دسترس، پيار ۽ محبت جو شاعر، لاثاني فن ۽ فڪر....تشبيهن، اشتعارن،

1
”عظيم شاعر تاجل بيوس جي جيوني“

تاجل جو جنم خيرپور ضلعي جي هڪ ڳوٺ، ”پير حيات شاه جيلاني“ ۾ سيپٽمبر مهني1938 ۾ ٿيو. هيءَ اجا ابهم ئي هو، جو هن جو پتا صاحب 1946 ۾ گذر ڪري ويو. هن جي ماتا صاحب هنڪي پاڙهي، تاتي، لائقيءَ لڳايو. پنهنجي زندگيءَ جا پهريان ٽيه سال هي صاحب ڀراريءَ ۾ ڳوناٺي وايو منڊل ۾ پليو، پڙهيو، ۽ وڏو ٿيو. هن زندگيءَ ۾ غريبي ڏٺي، ننڍي هوندي ڪيس پنهنجو ڏڻ پاڻ پالڻو پيو، يعنيٰ ننڍپڻ ۾ ڪجھ وقت لاءِ هو ڌنار بہ هو. قادر جي قدرت ۽ ڪائنات جي ڪُڪ ۾ رهي هو پرڪرتيءَ جو پوڄاري بڻيو. هي ذات جو سمون آهي. هن جا مائٽ ملاح، ڪوري، شيخ، سيال ۽ سمان آهن. اُن ڪري هن ۾ ڪو ذات پات، رنگ نسل ، ڪاري گوري، وارو ڪو بہ ڀيد نہ آهي. هن پنهنجي اکين سان پورهيتن، ڪمين ڪاسبين، هارين نارن، تي ظلم ٿيندا ڏٺا. هن جي پنهنجي ماڻهن، ملڪ، ۽ مٽيءَ سان اسيم محبت آهي. انساني زندگيءَ جي، عالمگير انساني جذبن، اُمنگن، اُتسنن، آشائن، مُرڪ، لڙُڪ جو، هن مشاهدو ڪيو آهي - الڳ الڳ منظر پسي. ننڍي هوندي هو شاه لطيف جي درگاهہ تي پڻ راڳ ۽ سماع ماڻي چڪو آهي.

ڪوي بڻجڻ جي قوت هن ۾ ننڍي هوندي ڏٺي وئي. ڏاتار، هنکيڏات ڏني هئي، جا هن پنهنجي ڏاهه، ڏانوَ، مشق، مطالعي ۽ مشاهدي سان اُجاگرڪري عظيم بڻيو. هن جو پهريون شاعريءَ جو ڪتاب 1982 ۾ شايع ٿيو.

پنهنجي محنت ۽ اورچائيءَ سان، هن مئٽرڪ، بي.اي، ۽ ايم.اي، پاس ڪئي. شروعات ۾ اُستاد يعنيٰ ماستر بڻيو ۽ پوءِ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ اڳتي هلي وڏو عهدو ماڻيائين.

کنهن به واد وواد ۾ نه پئاجي، آنءُ هڪ سنڌي زبان جي نماڻي نثر نويس جي حثيت ۾ ائين ئي چوندس:-

''هنن ٽنهي ڏات ڌڻين، سنڌ ڌرتيءَ جي سُڳنڌ ۽ سُرهاڻ، سوڀيا ۽ سونهن، شاعريءَ وسيلي پري پري تائين ڦهلائي آهي، جنهن لاءِ هنن جا، اسين سڀ سنڌي ٿورائتا آهيون. شاعر مرندا آهن، ته صديون ويران ڪري ويندا آهن، ڌرتي ۽ سرڳ جو مٽر ملن آهي شاعري!

شاعري اسان جي شعور ۽ لاشعور ۾ پيهي، سچ ۽ سونهن جو روپ ڌاري، اسان جي ۽ قومن جي زندگيءَ ۾ انقلاب آڻي ٿي.

سنڌ ۾ اڄ اياز، تاجل ۽ بخاريءَ جي شاعري امر جوتي آهي، جنهن کي گهٽنائون ۽ هوائون وسائي نه سگهنديون.

هنن جيڪا ڏيگ چاڙهي، اُن جو ڏڪ به هنن ئي لاٿو!

دنيا جا عظيم شاعر پهريائين پنهنجي ڌرتيءَ جا عظيم شاعر هوندا آهن.

بيوس ۽ بيوس (ڪشنچند بيوس ۽ تاجل بيوس) لکڻ کانپوءِ، سنڌي شاعريءَ جو سفر ڪندي، مون سان هڪ ٽيون شاعر به گڏيو، جنهن جو نالو به بيوس آهي....يعني ''شيرل بيوس.''

شعور وارو شيرل بيوس، سنڌ جو اُهو سباجهو ۽ نماڻو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌي شعر جي قديم صنف ''ڪافيءَ'' ۾ پاڻ مڃايو. هن جون پُر سوز ڪافيون ، اڄ به سنڌ جي جهرجهنگ ۾ جهونگاريون وڃن ٿيون.

ڪافين بابت، پروفيسر ڪلياڻ آڏوڻيءَ لکيو آهي، سنڌ ۾ ڪافيون چوندڙ شاعر ۽ ڳائيندڙ ريگستاني گُلن وانگر ڳاڻاٽي کان ٻاهر ٿي گذريا آهن. جئن ملهار جي مند ۾، سنڌ ۾ واريءَ تي ٽڙيل گُل جي سندرتا تي، هرڪو مست ۽ حيران ٿيندو آهي، تيئن سنڌي ڪافين جي حُسن تي به هرڪو فدا آهي.''

(1) ''سنڌي شاعرءَ جو سفر''(2)''عظيم شاعر اياز''...

اِهي ٻه ڪتاب، بيسٽ سنڌي سيا پاران شايع ٿي چڪا آهن. باقي(3) عظيم شاعر تاجل بيوس ۽ (4) شاه لطيف.'' اوهان جي هٿن ۾ جلد ايندا. اِن کان پوءِ، هند جي ماهتاب محبوب. (5)'' سندري اُتمچنداڻي'' ۽ سنڌ جي سندري اُتمچنداڻي. (6)'' ماهتاب محبوب''.

شل ڏياري ۽ نئون سال ،اوهان سڀني لاءِ سک ۽ سمپتي آڻي ۽ آڻي آنند اُلهاس''

ڏياري 2012 — مولارام هنس

انگلنڊ جي فطرت جي شاعر، وليم ورڊسورٿ وانگر، تاجل، جهنگل، ٽڪريون، ٻيلا، ڍنڍون، ۽ ندين نارن، جو سئر ڪري وڌو ٿيو. گورڪي ۽ ورڊسورٿ وانگر هيءُ ذات جو ڏٺي ۽ سهٺو سرجڻهار، ننڍي عمر ۾ ئي ڇورو ڇنو ٿيو. مطلب تہ هن جا آزمودا، تجربا، پرپور مشاهدو، ۽ ڳوڙهو مطالعو، ڪائنات جي ڪڻڪڻ لاءِ ڪروڙا، مائٽن جو بي وفائون ۽ قدرت روپي ڪتاب، هن کي عظيم ۽ عالي شاعر ۽ شعور جو ڏٺي بڻايو.

جديد سنڌي شعر جي باني، ”ڪشنچند بيوس“، پاڻ تي ”بيوس“ نالو اُن ڪري ڌريو، ڇاڪاڻ جو هن دنوي داوَن پيچن ۾ بيوسي محسوس ڪئي. پر تاجل تخليقار، پاڻ تي نالو ”بيوس“ اُن ڪري رکيو، ڇاڪاڻ جو هو سنڌ جي عوام جي بي حالي ۽ بيروزگاري، بيڪسي ۽ بيوسي، سهي نہ پيو سگهي، اُن ڪري هنکي، ”ڌرتيءَ جو شاعر،“ چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هو هاري هو، ۽ پاڻ کي، ”هاريءَ جو پٽ“، سڏائڻ ۾ عيب نٿو سمجهي. تاجل سنڌ جي عوام جو شاعر آهي.

تاجل ڪڏهن بہ طلب جي تنوار کونہ ڪئي. شاهہ لطيف جو بيت :

”طلب جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا!
ڏکي ڪندءِ ڌار، ماڻڪ ڏئي مُٺ ۾.“

هميشہ هن هئين سان هنڊايو هو. تاجل ٻيجل نہ، پرراءِ ڏياچ هو، جو پنهنجي ماڻهن ۽ مٽيءَ لاءِ سِرُ بہ ڏيڻ لاءِ تيار هو. پنهنجي هڪ ادب لطيف ۾ لکي ٿو :-

”تنهنجي شاعري تنهنجي مُنِ پڪوڙيل وظيفي مان جنم وٺندي آهي ۽ منهنجي شاعري عوامي جدوجهد جي سيلاب مان.“

تاجل لاءِ آنءُ فرانسيسي شاعر پال ڪلائو ديل جي اُلفاظن ۾ ائين چوندس :-

”اي شاعر! تون، جيڪو رواجي ٻولي کونہ ٿو ٻولين، اي شاعر! تنهن جو ڪلام، شعر ۽ ڪوتا جي مجلسن ۾ هٿ ٺوڪين عاقلن جي سمجهہ کان مٿانهون آهي. تون پنهنجيون اکڙيون اُپ ڏانهن کڻُ، ڇاڪاڻ تہ رڳو ازل جو ڪوي، ئي توکي مناسب مڃتا ڏيئي سگهي ٿو.“

●●●

هن پنهنجي موهيندڙ ۽ ماٺيني مزاج سان سيني کي مشتاق ڪيو.

هن جي شاعريءَ ۾ قديم ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جو ٻج آهي. هن سان ”جو وَهي سو لهي!“ واري ڪارَ آهي.

شاه لطيف پڻ فرمايو هو :-

”ذات نہ آهي ذات تي،

جو وَهي سو لهي!“

هن کي پنهنجي ٻوليءَ تي دسترس آهي. هن جا لفظ، محاورا، اصطلاح، ڪردار، نظارا، سنڌس ماحول مان اُچن ۽ اُڀرن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ شاه واري موسيقي آهي ۽ آهي مٺ ۽ مٺيا!

هن جي واڌاري ۽ سڌاري ۾، راه ۽ رستي ۾، اُنتيءَ ۽ اخلاق ۾، هن جي ماتا صاحب، اُستاد صاحب، ۽ شاه لطيف جي شاعريءَ، جو وڏو هٿ آهي. سنڌ جي، هر اُمنگ، رنگ، ڏنگ، جذبي، جيون، تي هن فنڪار پنهنجي ڪلا ۽ ڪماليت سان لکيو آهي ۽ سوچيو ۽ لوچيو آهي. هن وٽ عالمي شعور جو شعاع آهي :- فرمائي ٿو :-

1) **”اُڇلايو پيا ائٽم گولا،**

ڇا هيءَ ڌرتي ڪاري آهي؟“

ڌاري صنف، ”غزل“ جو هن سنڌ ۾، سنڌيڪرڻ ڪيو آهي :-

هڪ مثال :-

2) **”جا ٻيلا ٽين ۾ ٻُرندي هئي،**

سا ڳُٽ ڳُٽ ناهي ڳيرن ۾.“

3) **”نٿ ۾ پوتل موتي ناهن،**

جوانيءَ آ، جا جرڪي پيئي.“

هي ڪومل ڪوي، ڳائي ۽ وڄائي بہ سگهندو هو. ساز، سُر، سونهن سُڳنڌ، صحبت، تي هو سِرُ ڏيندو هو.

ماڻهو ۽ مٽيءَ ڪان مَٽي، ٽين شئہ، هنکي مٽيري نٿي لڳي.

تاجل، ڏيءُ ۽ پٽ ۾ ڪو ڀيد ڀاوَ نہ رکيو. هنکي ست ڏيئر آهن، اُنهن جا نالا بہ ڏسو ڪيڏا نہ سهڻا ۽ سنا رکيا اٿس. سورٺ، سهڻي، سنڌو، ڪنول، بي نظير، موکي ۽ خوشبوءِ، وغيره.

چٽاعڪس آهن، جيڪي سنڌ جي ڀرارپيءَ جي حسن جا شاهڪار آهن.''

تنوير عباسي

''ننڍي هوندي ئي مونکي، تاجل جي طبيعت ۾ شاعريءَ جو رنگ نظر آيو. هن جي تخليق، سنڌي فڪر ۽ فن، قديم ۽ جديد، جو سنگم آهي. هيءُ هڪ عوامي شاعر آهي. هن جي شاعري قديم صراحيءَ ۾ نئين قسم جي شراب مثل ڇلڪي رهي آهي.'' - **حڪيم فقير الهندو جتوئي**

''سنڌ منهنجي اَمان''، جڏهن عابده جي آواز ۾ ٻڌم ته مونکي ائين لڳو ته ڪير اکين جي ڳوڙهن سان من ڌوئي صاف ڪري، عبادت ڪري رهيو آهي.'' **موهن گيهاڻي**

''تون! اسان جي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جي اُها سونهن آهين، جنهن جي سِٽَ سِٽَ ۾ اسان جي ساهه جا سلسلا جوڙيندي رهي ٿي.''

لڇمڻ ڪومل

''ڀٽائيءَ کان پوءِ ڳوناٺو هڳاءُ جيڪو تاجل بيوس جي شعر ۾ ملي ٿو، اُهو اياز ۾ به گهٽ آهي - **نارائڻ شيام**

''تاجل بيوس سنڌ جي روايتي ۽ بنيادي صنفن، بيت ۽ وائي ۽ ڪافيءَ کي نه صرف زنده رکيو آهي، پر اُنهن صنفن کي اڳتي پڻ وڌايو آهي.''

شاعريءَ جو موسيقيءَ سان ڳانڍاپو ۽ رشتو ازلي آهي. تاجل جي موسيقيت هن جي ڪلام کي، جهر جهنگل ۾ به مقبول بڻايو آهي.''

- **اختر درگاهي**

ڀٽائيءَ جي ڏڳ تي هلندڙ شاعر اُستاد بخاري، تاجل بيوس، ادل سومرو، جي صورت وٺي سنڌي سماج جي جياپي، عزت ۽ عظمت لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا آهن. **-امير بخاري**

لطيف کان پوءِ هن مهل تائين تاجل جهڙو بيت ۽ وائي ڪوئي نه لکي سگهيو آهي، پوءِ اُهو اياز هجي يا اُستاد. - **ساجد سومرو**

روميءَ جي راءِ.... ''شاعري جزو اَست اَزپيغمبري''.... تي يقين رکندو هئس، پر هاڻي تاجل جي شاعري پڙهڻ کانپوءِ اُن ۾ تبديل آڻي، ائين چوڻ تي مجبور آهيان ته..... ''پيغمبري جزو اَست اَز شاعري....**سراج**

2

”تاجل بيوس تي ٻين فنڪارن جا رايا“

”تاجل شاعر تہ سٺو آهي پر ماڻهو بہ سٺو آهي. يارن جو يار ۽ محفل جو مور. سندس دل پيار جو گهر آهي. پيار دل ۾ تہ سونهن دنيا ۾. شمع هوندي تہ روشني هوندي.“

اِهي اُلفاظ آهن عظيم شاعر نارائڻ شيام جا، تاجل جي باري ۾.

شيخ اياز تاجل کي، ”مصور شاعر“ سڏيو آهي. هيري ٺڪر هن کي، ”شرنگار رس جو ڪوي“، ڪوٺيو آهي. انعام شيخ هن کي، ”لفظن جو لڄپال شاعر“، نالو ڏنو آهي. اياز گل هنکي، ”سٺو سرجڻهار ۽ محبتي ماڻهو“، جي سري سان نوازيو آهي. ناز سنائي چواڻي :- ”تاجل جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل ٻولي قديم ۽ جديد مروج ٻوليءَ جو سنگ ميل آهي ۽ سندس شاعريءَ مان اُهو هڳاءُ ٿو اچي، جيڪو سنڌ امان جي مٺيءَ ٻوليءَ جو هئڻ گ هرجي.“ شمشير الحيدري لکيو :”دنيا جا سڀ عظيم شاعر اول پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڌرتيءَ جا عظيم شاعر آهن.... تاجل جي شاعري منهنجي نظر ۾ انهيءَ منزل ڏانهن هڪ اَهم قدم آهي“.

”اسان جو تاجل شروعاتي دور ۾، عظيم سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن توڙي پنهنجي دور جي وڏن شاعرن کان متاثر نظر ٿو اچي، جيئن هن جي ڪجھ ڪافين ۽ غزلن مان ظاهر آهي، پر پوءِ، هر سٺي شاعر وانگر، اُن ڍُٻڻ مان نڪري، اڳتي هلي تخليق جي دنيا ۾ ٿو پهچي، جتي نوان ردم، نوان عڪس، نئين قسم جي ٻولي، ۽ اسلوب، ۽ نئين قسم جي موسيقيت، دريافت ٿو ڪري.

نہ فقط ”بيتن“ پر ”غزل“ ۾ بہ هن تخليقي روح ڦوڪيو آهي. ”هاري ۽ پورهيت“ هن جا نوان موضوع آهن. جيئن تہ حياتيءَ جو چڱو حصو هن ٻهراريءَ ۾ گذاريو آهي.......هن جي شاعريءَ ۾ اُنان جا

3

”تاجل بيوس جي ڪوتا جا فارم“

سنڌي زبان جا اصلي نسلي ڪويتا جا فارم (مضمون) آهن بيت، ڪافيون ۽ وايون وغيره.

غزل ۽ رباعي، نظم ۽ آزاد نظم، هائيڪو ۽ ترائيل، مثنوي ۽ قصيدا، ۽ سانيٽ وغيره ٻاهران آيا.

تنهنجا نيڻ غزل ڪتاب ۾ تاجل هڪ سؤ غزل پيش ڪيا آهن.

هن سنڌ جي سهڻي ڏات ڏٽيءَ، بيت ۽ وايون، غزل ۽ گيت، نظم ۽ آزاد نظم، قطعا ۽ ڪافيون، شاعراڻو نثر ۽ نثري نظم، ٽيڙو، ٽه سٽا ۽ چو - سٽا، لوڪ گيت وغيره لکيا آهن ۽ شا ه لطيف جا سُر جهڙوڪ سر ڏهر، سُر سارنگ، سُر مارئي، وغيره پنهنجي ناياب قلم ۾ ڪماليت ۽ ڪلا سان قيد ڪيا آهن.

تاجل جي ڪومل ڪويتا ۽ شاهاڻي شاعريءَ ۾ سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ جهڙو ميناس، شاهه وارو سُرُ ۽ تال ۽ سنڌ جي صوفين جي سڳنڌ ۽ سونهن آهي. سنڌ ڀوميءَ جي سرهاڻ، هن جي هر ڪويتا جي فارم ۾ آهي. ٻاهران آيل ڪويتا جي فارمس کي ٻه هن سنڌي جامو پهرايو آهي. هن جا غزل توڙي ٽه سٽا ۽ چار سٽا لڳن ڪونه ٿا ته هوُ ڪو ڏاريا آهن. هر صنف جي هن پوري پَروَرش ڪئي آهي.

”غزل“ :-

غزل معنيٰ محبوبا سان ڳاله ٻوله ۽ تغزل معنيٰ سهڻن ماڻهن سان عشق جون ڳالهيون. سٺ ستر واري ڏهاڪن کان پوءِ ”غزل“ انهيءَ ڏُٻڻ مان آزاد ٿيو آهي. اياز وانگر تاجل جي غزلن ۾ ٻه سنڌ لاءِ سڪ،

”جڏهن پونءِ بڻي“، پڙهيوسين ته سنڌ ڌرتيءَ جي سرهاڻ بي سرت ڪري ڇڏيو. اُن سرهاڻ جو واس پهرين شيخ اياز وڻايو هو، هاڻي تاجل اُن ۾ اظافو ڪيو آهي. محسوس ٿيوسين ته اصل ۾ مکيه ڪوي سنڌ جائي آهن.“

سنڌري ۽ اُتم

”تاجل اهڙي ته سنڌي ڪتب آندي آهي، جنهن کي پڙهيل اڻ پڙهيل ماڻهوءَ ڪان وٺي، هڪ ڳنوار به سمجهي سگهي ٿو.“

محمد رمضان مخلص

”ائين محسوس ٿيو ڄڻ تتل واريءَ ۾ ڪنهن مسافر کي ڇانوَ جو احساس ٿيو هجي، اُهو احساس، تو پوري قوم کي ڏياريو آهي.“

سائين ڏنو شاهه

”تون لفظن جو بادشاهه آهين - ماڻهن جي دلين مان راز ڪڍي، سچ جو وڻجارو ثابت ٿيو آهين - ڪلا ديويءَ توتي وڏي ڪرپا ڪئي آهي.“

ساڻي سومرو

”تاجل پلي ته ڪتابن پنيان ڪتاب آڻي، پر شعري مجموعي - ”جڏهن پونءِ بڻي“- وارو تاجل وڏي انتظار ڪانپوءِ پيدا ٿيندو آهي.“

شيخ اياز

”سنڌي غزل جو هنڌ بوڪ...“ هن ڪتاب ۾ واسديو موهيءَ تاجل لاءِ هئين لکيو:- ”تاجل جي نس نس سنڌ بابت ڳالهائي ٿي. تاجل، سونهن/ جمال جو چٽ قابل مصور مثل چٽي ٿو. هن جي غزلن ۾، فڪر جو عناصر پڙهندڙن کي ڪنهن سوچ ڏانهن، موڙڻ لاءِ آماده ڪريٿو. هن جي سرڪشي به ڏسڻ وٽان آهي ۽ هيءُ هند جي اڪثر مسافرين دوارن، دوستن سان ڪيل ملاقاتن کي خوب اهميت ڏئي ٿو.... **- واسديو موهي**

ويهين صديءَ جا سنڌ ۾ سنڌي زبان جا ٽي وڏا شاعر آهن، اياز، اُستاد ۽ تاجل. **-سرڪش سنڌي**

•••

3) ”ٻاجهريءَ جي سنگ جهڙو ڪو غزل سَرجي تہ ڪيئن!
گهاٽ تان اک جي گليليءَ ئي ڪڍهن گهايو نہ آ.“

4) ”منهنجو پاڻي بہ جام جهڙو آ،
هرڪو لمحو خيام جهڙو آ.“

5) ”منهنجي هر ٻاله شام جا پنڇي،
تنهنجو هر لفظ دام جهڙو آ.“

خود ڪوتا جي فارم / صنف تي هن جا شعر پڙهو :-

1) ”منهنجي وائي آ ٻاڪ جو چهرو،
منهنجو قطعو بہ شام جهڙو آ.“

2) ”منهنجو هر گيت يا غزل ڪوئي،
ڪبوتر جي اڏام جهڙو آ.“

3) ”اهڙا سهڻا جهڙا گل،
منهنجا دوها گيت غزل.“

”جڏهن پونءِ ٻٽي“، (شاعراڻو نثر) هن ڪتاب ۾ بہ تاجل ۴۰ غزل پيش ڪيا آهن، اُن مان بہ تاجل جا ڪي غزل گنگنائڻ لائق آهن :-

1) ”سنڌ سڄيءَ ۾ هڪڙو ’بيوس‘،
مارن وٽ مياري آهي.“

2) ”بيوس هو سنگسار ويو ٿي،
ڪيئن چئو ٿا؟ جيرو آهي.“

3) ”منهنجي چورائي ويا سِٽ،
تنهنجي چوليءَ وارا چِٽ.“

4) ”نفرت آهي تنهنجو ڏاج،
پيار ڪرڻ جي موڪي پٽ.“

5) ”زندگي ڪيڏي خوبصورت هُئي،
ويئي گذري جا، ڪنهن جي ٻانهن ۾.“

ٻوناٽو ماحول، لئہ، سر، تال ۽ گهنگهرن جي ڇم ڇم آهي. تغزل ۾ گهڻو ڪجهہ توري ۾ ڇئي وڃجي ٿو. تاجل جي غزلن ۾ اوهان کي سنڌ جي سونهن ۽ سڳنڌ، سرهاڻ ۽ سوڀيا ملندي. هن جي غزل ۾ اسان کي موسيقي بہ ملي ٿي. غزل ۽ موسيقيءَ جو پاڻ ۾ روح ۽ جسم وارو لاڳاپو آهي. هن جو انسان جي، هر جذبي، جهڙوڪ ڏک سک، سماج، انساني مسئلا، سائنس، سياست، ذهن ۽ انقلاب وغيره. مطلب تہ هن ڪامل ڪويءَ، هر موضوع تي فنائتي نموني غزل کي گهڙيو آهي. هاڻي اچو تہ هن جو غزل ماڻيون :-

1) ”دلين ۾ ہاڻ اونده آ. تہ سچ جي روشني ڪهڙي!

سچي آ قوم دکياري، تہ هڪ گهرَ جي خوشي ڪهڙي!“

2) ”آ مسافر! راه گمراهيءَ، منجهان ٻولهي لهون،

سنڌ جي نجات کي شاه، منجهان ٻولهي لهون.“

3) ”اچا ڪيترو اَڻ ڏٺو ڏيهہ آ،

هوُ سورج نہ سيڪاجهہ، هي ترتي نہ ڪُل.“

هن شاهاڻي شاعر جو غزل ۾ عشق جو انداز پسو :-

1) ”گلچ گلابي، اک شرابي، گُنجر جو گورو بدن،

هٿ لڳائڻ سان پيا ٿا ريشمي تاڪيا گُلن.“

سنڌ جي ڪائنات /قدرت جي تصور جو، هن جو چونڊ جو لکجو ڏسو:-

1) ”جوين جي ڪن يادن وانگي آه سمايل ساهَنِ ۾،

پيرين، ٻيُرن، ليڙ، ماڃر، سگرن ۽ چارن جي خوشبوءِ.“

هن ذات ڏٺيءَ جو پنهنجي شاعريءَ تي ناز ۽ نياز پسو :-

1) ”يلي ڪَٿ، سگهين جي ڪَٿي منهنجو مُله،

مان موتئي جي خوشبو، مان صحرا جو گُل!“

2) ”ڪيڏي آهي لفظن ۾ موتيءَ جي هارن جي خوشبوءِ!

منهنجي سيني تي لٽڪايل ڪارن وارن جي خوشبوءِ.“

هاڻي اچو تہ تاجل جو، ”شاعراڻو نثر“ يعني ادب لطيف جو لُطف وٺون: ”انبن جهليو بور ۾“ هن فنڪار ١٦٠ ادب لطيف پيش ڪيا آهن، جن ۾ نہ لئہ آهي ۽ نہ ڪافيو يا رديف ۽ نہ وري پد ۽ موسيقي وغيره. پر آهي خيال جي اُڏام، اونهائي ۽ سياٽپ، ڏاهپ وغيره. هنن شاعراڻن نثرن ۾ حسن آهي، جمال آهي، جذبو آهي، اُمنگ آهي ۽ آهي اُتساه ۽ ڪجهہ سکڻ ۽ سوچڻ لاءِ ۽ مکيہ ڳالهہ تہ اُهي شعر وارو تاثر ٿا ڇڏن.

شاعراڻو نثر :-

1) ”چون ٿا تہ سنڌوءَ مان هڪ هلڪي سرخ رنگ جي لهر اُٿندي آهي، مائرن جي اَمرت پريل ڇاتين مان سفيد رنگ جا لڙڪ ڳڙندا آهن، ڌرتيءَ جي اُپريل ڇاتيءَ ۾ هڪ زوردار تير لڳندو آهي. جڏهن ڪنهن ڪاري ڪيل سهاڳڻ جي ڪوٺيءَ جهڙي نرم جسم تي ڪهاڙيون رقص ڪنديون آهن.“

2) ”مان جڏهن ڌرتيءَ سان روح رهاڻ ڪرڻ وهندو آهيان، تہ منهنجي ذهن ۽ شعور تي فقط ڌرتيءَ جو ئي واسو هوندو آهي، جيڪا ڪڏهن ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ وهاري، مونکي پنهنجي اُپريل ڇاتيءَ مان کير جا ڪٽورا پياريندي آهي.“

3) ”جڏهن مران تہ مونکي سنڌ جي ڪنهن بنجر زمين ۾ پوري ڇڏجو. مان ٻاجهر ۽ ڪڻڪ جي تيلن جو روپ وٺي اُپرڻ ٿو گهران. جيئن مان ڪنهن نہ ڪنهن انسان جي پيٽ پرڻ جي ڪم اچي سگهان.“

سنڌي زبان جي ڪويتا جي اصلي نسلي صنف آهي بيت ۽ وايون وغيره. شاهہ لطيف، اُنهن جو سرجڻهار هو. ٣٠٠ سالن کان پوءِ سنڌ ۾ اياز، وائيءَ کي وري ورايو. اياز کان پوءِ تاجل، بيت ۽ وائيءَ ۾ پنهنجي ٿهيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

بيت :-

1) ”مِٽي جا ملير جي، تنهن مٽيءَ وڏو مانُ،
اُٿيو آڏيءَ رات، ڏُونهيون ڪن ڏنار.“

سُرُ مارئي

6) ''هوُ ڪوري ويا سِر بيوس جو،
تو هاٺي سٺن لڳائي آ!''

7)''رات بيوس ڪي سڏي ساميءَ پڇيو،
ڏس پڻائيءَ کي ڪيئي اُستاد ڪيئن!''

غزل جي پڇاڙيءَ ۾ تاجل جي هڪ غزل تي غور ڪريو :-

1) ''زماني جو آخر ته منصور آهيان،
وري دار تي سر ڏيڻ آيو آهيان.''

''سنڌ منهنجي اَمان''، ڪتاب ۾ به هن ڪويءَ ڪجھ غزل اَسان کي آڇيا آهن. هنن غزلن ۾ سندس فڪر جي فهميدگي پسو :-

1) ''قسمت واري ڦرهي بيوس،
هرڪو پنهنجي پاڻ لکي ٿو.''

2) ''ڪنهن ڏنو تي پيار ڪنهن پيڙا ڏني،
گيت بيوس جا ائين ٺهندا ويا.''

3) ''ٻِلي پيو آن بيوس ناهي،
سنڌ ساڃيءَ جو مالهي آهي.''

4) ''جي ڪرڙيءَ جو قصو نٿا ڪو هڏايو،
ته بيوس جو نغمو ٻڌڻ دل گهري ٿي.''

5) ''منهنجي گيتن ۽ غزلن ۾،
مشعل تي انسان اچي ٿو.''

6)''آيو رات اياز، بيوس به آيو،
پڻائي اچي ها، پڻائي نه آيو.''

آخر ۾ هن جو غزل ۾ پيغام :-

1) ''منهنجي مالها، منهنجا مٽڪا،
سنڌي، سنڌيت، سنڌ، سونهاري.''

2) ''سج ڪئي تاخليق،
سَرنهن جي ڦولارَ ۾،
روشنيءَ جي ليڪ.''
3) ''سرگم تي سنگيت،
ڳائن ويٺيون ڳيرڙيون
آزاديءَ جو گيت.''

هن ڪومل ڪويءَ ۾ ڏسو موضوعن جي ڪيڏي پِنتا آهي. اکرن جو جادوگر پيو لڳي!

1) ''دوزخي آهي،
سوداگر آ سنڌ جو،
اسان مان ناهي.''
2) ''تڪو هان ئاهي،
ايڏو نقشو سنڌ جو!
ڪير پيو ڊاهي.''
3) ''سنڌ، سندرتا ساڻ،
ڪوليم دري بهشت جي
پرينءَ پسايو پاڻ.''

بيوس جي بوند بوند ۾ سنڌ سمايل آهي!

ٽـ سٽا :-

1) ''ڪيڏا گُل ٽڙيا! مالهڻ!
تنهنجي مُک تي،
ڪٽٺار ڪڙيا.''
2) ''ميان! مڃ ڪٽي،
آخر جهونيُ بڙ جا،
ويندا پن ڇٽي.''

2) ”چڪن نتا چاڪ، تنهنجا اڄ اياز ڇو؟
اڄان تنهنجا اُپ مان، اڄن تا آواز.“

مشورو

3) ”ڪنڌئين ڪانهن ڪڪوريا، وريا وٺجارا،
هلو هلو ڪُن تي، جتي آب اُڇل.“

سُرُ گهاتو

وايون :-

1) ”گلن جي سرهاڻ،
سنڌو جو اڻ جماڻ،
ڪيئن وجهين تو قيد ۾!“

2) ”وائي شاهه لطيف جي،
نانڪ جي ٻاڻي،
ڪير وجهي تو قيد ۾!“

3) ”ڏمريو ڪيئن ڏياچ هو!
’ٻيوس‘ جهڙي پنڌ تي،
نيري نيريءَ ڍنڍ تي.“

4) ”وڻ جي ٽڙيل لام تي،
چڻ ڪنهن پريل جام تي،
پکي تو ٻولي.“

وائي معنيٰ ”وراڻي“. وائي اکر نڪتو آهي ”واڻيءَ“ مان.

ٽيڙو :-

1) ”اڇي تو الاهه،
سائو ڪندو سنڌ کي،
دادلو درياهه.“

سپ ترم دنيا جا وسري ويا.
هڪ ماڻهو نہ مون کان وسريو آ ....''

نظم :-

1) ''موهيڙن جا منهن تي ٻہ - ٽي لال داڻا
ڏينهن تپي ٿيو ڏينين جهڙو.
پوءِ پيي پاڻ ڏنگائين چوري!''

گيت :-

1) ''موتي ملنداسين
تڏهن کلنداسين
جڏهن ورنديون ڪونجڙيون ......
ايندي مند گلاب جي
گڏجي ٽڙنداسين
جڏهن ورنديون ڪونجڙيون ....

2) ''هيئن نہ ٻوڙها هار، او جاني!
هيئن نہ ٻوڙها هار،
جوڀن مڌ جو پيالو آهي،
پيءُ، اسان کي پيار، او جاني!
هرڪو پَلَ جو پنڇي آهي،
ڪنهن کي ڪين اُڌار او جاني!
ڪجهہ گذري، ڪجهہ گذري ويندي،
باقي ڏينهن ٻہ - چار، او جاني'

تاجل، شاهہ لطيف جي سُرِن جهڙوڪ ڏهر، پورب، آديسي، مارئي آسا، پرڀاتي، يمن ڪلياڻ، ڪاهوڙي، گهاتو، سورٺ، سارنگ ۽ ڪيڏارو، ڻو، مارئي، سسئي، ساموندي ۽ پنهنجو ''سُرُ هاري'' تي بہ ڪوتائون خليق ڪيون آهن.

3) ''اسان وٽ ايندين؟
ڪڻ تون قسم سنڌ جو،
واپس نہ ويندين.''

چو سٽا :-

1) ''ذات پياريا ڪاله بہ مون ڪي،
شعر سخن جا ڪير - ڪٽورا
هيل ڪويءَ وٽ سانوڻ رت ۾
ريت بہ ڪوري، گيت بہ ڪورا.''

2) ''ڪهڙي پار جو ماٺهو آهين؟
منهنجو مله لڳائڻ وارا
هِنَ بستيءَ ۾ ڪيئن رهين تو؟
ڪنهن جو ديپ وسائڻ وارا.''

ڪافيون :-

1) ''جيئي شال سانگين سنگهارن جي ہولي،
وچارن، ولهارن، ڳنوارن جي ہولي،
جڏهن ملڪ 'بيوس' هي پنهنجو ٿيو هو،
وڏن ڪان وڏن کي هي تحفو مليو هو.
وچولي، سري، لاڙ وارن جي ہولي.''

2) ''هيءَ سنڌ وسي، خوش شاد هجي،
سڄو عالم پڻ آباد هجي،
سو سنگ ڪٽڻ مان ڪيچ ڪري،
جو ڪاني - پَنَ مان نسريو آ.''
هن ''بيوس'' واريءَ ترتيءَ تي،
هن مصر عراق جي سرتيءَ تي،

2) ''زندگيءَ تي جي لکان، ڇا نانگ جي ڪَرَ تي لکان،
باز تي لکڻو اَٿم، جي ٿو ڪبوتر تي لکان،
ڪن ۾ ساڳي ڪلڪ آ، پر گهر ڪَکن جو آ ٺهيل،
ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان، ڪيئن باھ جي ڄَرَ تي لکان.''

تاجل لکي ٿو : ''ڪارونجهر جا مور، روهيڙي جا رنگ ۽ وسڪارن، ڪان پوءِ ٿَرَ جي ساوڪ، سونهن ۽ سرهاڻ، بکايل انسان جو ڪمڙو پيٽ پرينديون! تاجل جي ٿَرَ بابت هيءَ شاعري تحقيق ۽ پرپور مشاهدي جو نتيجو آهي. هاڻي هڪ مثال لوڪ گيت ٿَرَ تي.

۱) **همرچو** :- ''همرچو'' معنيٰ ''همراه اچو''. هي پورهيتن جو عام گيت آهي، جو ٻه چار ڄڻا گڏجي ڳائيندا آهن. هي ٿَرَ ۽ لاڙ ۾ رائج آهي. هن ۾ محبت ۽ مجاز وارا ٻول ٿين ٿا ۽ هي ٿري ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين ۾ ڳائجي ٿو :-

پَر جي گرجي بادل آيا
ڇڻ ڪي نيڻ اوجاڳيل آيا
همرچو جو ويلوڙي، لا
ڪارونجهر تان مُورُ اُڏاڻو
منهنجي مومل، منهنجو راڻو
همرچو جو ويلوڙي، لا
همرچو جو ويلوڙي، لا

آزاد نظم :

1) اياز ڏاهن :-

جهوني ٻڙ جي جوڙ جو آهيان / پوءِ ٻه مان لکندو رهندس / آءٌ مسافر! ٽڪڻو ناهيان / هو ڏس! ٻڙ جو وڻ پراڻو / هر ايندڙ کي ڇانوَ ڏئي ٿو / هر ويندڙ جي واٽ تکي ٿو / ڪجهه نه وئي ٿو / ڏات پراڻي ٿيڻي ناهي / ڏات کي مات نه ملڻي آهي.''

2) تخليق :-

جو ڪالهه ڏهاڙو گذري ويو / ۽ جو ٻه سڀاڻو اچڻو آ / مان ڪاله / اڄ / ۽ مستقبل جو عرق نچوڙي / اندر اوتي / ڪِلڪون نچوڙي / لکندو آهيان، / گيت، سنگيت کي ڏيندو آهيان.''

''سُرُ هاريءَ'' جو هڪ مثال :-

1) ''پَٽِ جهوپا، ڪَنُ پڪڙا، رک ڪلهي تي هَرُ
چڙهي آهي چيٽ ۾، ٻُنديرن تي ٻَرُ
ڪارونجهر جي ڪور تي، وڄن وانگي وَرُ
ٿيندا ڪيچ ڪٽن مان، ٿڪو ناهي ٿَرُ
ڪَنُ ٻورا، ڪاهہ ولرُ، تہ ڏجن واسَ وجود کي.''

ڀٽائي گهوٽ لالڻ لعل لطيف، ٿَرَ تي، ٽي سُرَ ''مارئي، سارنگ ۽ ڍهر'' تخليق ڪيا ۽ سنڌ جي هن ''ٿر'' واري حصي کي امر ڪري ڇڏيو. ''مارئي'' بہ ٿَرَ جي هئي. تاجل ١٩٦٠ ۽ ١٩٩٢ ۾ ٿَرُ پسي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا ڪٺا ڪيل ٿَرَ تي ڪافيون لوڪ گيت، پڙهي ٿَرَ تي وايون، بيت ۽ لوڪ گيت، پنهنجي ڪتاب ''صحرا سترجن ۾'' لکيا. جي پڙهڻ لائق آهن.

ٿَرَ مان، وٽجارو، همرچو، باڊليئو، چوماسو ۽ ڪانگلڙي وغيره جهڙا لوڪ گيت ..... اُن مٽيءَ جي مهڪار سان واسيل آهن.

2) ''ڪينجهر ۽ ڪارونجهر تائين هيرون ۽ هيڪار،
ٽانگر ٽمڪن ٻہ ٻہ ٻهڪن مُرڪن مينديءَ ڏار،
همت وارا هوشوءَ پارا، جوڌا ۽ جهونجهار،
وانجهي مانجهي ونجهہ هلائي، پهتا پورب پار،
آئي مند ملهار،
آئي مند ملهار.''

قطعا :-

1) ''جنهن وقت بہ انصاف جو زنجير لُڏي ٿو،
ڌرتيءَ کي نئون روپ، نوان چام ملن ٿا،
اڄوڪي نسل جا سائين! پڇين اَهڃاڻ ڪهڙا ٿو،
آهي جڪڙيل صليبن ۾، نظر پوءِ ٻيي خلائن ۾.''

4

”تاجل بيوس جي ڪوتا راٺيءَ تي ڪوتا“

تاجل جا گيت، غزل، دوها، سهڻن گُلن مثل آهن. سچو شاعر ڪويتا جي سندرتا جا پروانا جاري ڪندو آهي. جڏهن اوچتو ڪا سگهاري سِٽ جُڙي پوندي هني، تہ تاجل پنهنجي منهن کلي ڏيندو هو. هن جي ذات هڪ ٻاريل ڏيئي مثل آهي، جنهن کي جا بہ روشني آهي، اُها سماج ئي عطا ڪئي آهي.

تاجل مري ويو آهي پر تاجل جا گيت ڪونہ مئا آهن. هن جا گيت فنا جا مرحلا طئہ ڪري، هن وقت بقا جو پروانو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهن.

تاجل جو ذهن هڪ امڙي ريدار مثل آهي، جنهن ۾ ماضي ۽ حال سان گڏ، هوُ مستقبل جا عڪس ۽ اُولڙا، وقت جي حڪمرانن کان اڳ ڏسي وٺندو آهي.

تاجل هڪ تخليقار کان پڇيو، ”تون ڪنهن جي لاءِ پيو لکين؟“

چيائين، ”اُنهن لاءِ جي اچا هڪ صديءَ کان پوءِ ڄمڻا آهن.“

تاجل کين ٻڌايو، ”مان اُنهن لاءِ پيو لکان جن کي مان هر وقت پنهنجين اکين سان ڏسي بہ سگهندو آهيان - ۽ - ڪَنن سان ٻڌي بہ سگهندو آهيان.“ - ۽ ها، تاجل پنهنجن لکڻين ۾ هر وقت موجود بہ هوندو آهي. اُن ڪري تاجل، ماضيءَ سان ڳنڍيل مستقبل جو مسافر آهي.

تاجل پنهنجن گيتن، غزلن، ۽ دوهن لاءِ ڏسو ڇا ٿو چوي :-

1) ”منهنجا دوها، گيت، غزل

امڙا، جهڙا ڏاڙهونءَ ڏار.“

3) اکنڊ سنڌ :-

سنڌ جي ڌرتي / ۽ ماڻهو سنڌ جا / انسان جي تاريخ جيڏا ئي قديم / وقت جي ڪنهن وهڪري ۾ / ڪو مٽائي ڪين سگهيو / سنڌ جو نقشو، ثقافت ، قوم، ٻولي، سنڌ، / جي ڪي آيا / عرب، ترخاني ، فرنگي / سنڌ جي ڇاتي اُڌيڙڻ / ماس ڪورڻ / خون چوسڻ / وقت جي صحرا ۾ ڀٽڪيل قافلا / ويا ڀُلي / منزل ڏي ويندڙ وات ڪي / واءُ جو جهونڻو آيو / لٽجي ويا.''

نثري نظمون :-

1) ''هي منهنجو ديس آهي جتي آوارا ڪتن کي ٻه روٽي ملندي آهي.''

2) ''ڪامريڊ! انهن بوتلن کي ڪاٻاڙخاني ۾ اُڇلي ڇڏ. سنڌ جا ٻار وٽن ۾ ڪير پيئندا آهن.''

3) ''چون ٿا جنهن ڪناريءَ سان ٻيڙيون ڏياچ جو سر وڍيو هو، اُن ڪناري جي ڦرَ تي گُل ٽڙي پيا هئا.''

4) ''شاعري ڪندي، هڪ اهڙي دنيا تخليق ڪر، جتي اڳي ڪنهن پير نه پاتو هجي.''

5) ''ارتقا جو ٻه هڪ لمبو سفر آهي. مهاڀارت ۾ عورت کي ٻرندڙ باه، ڇُريءَ جي ڌار، زهر جو پيالو ۽ نانگ سڏيو ويو آهي. اڄ جي شاعر، عورت جو ٻيو نالو، ''سونهن'' رکيو آهي.''

6) ''هائو، مان نارائڻ شيام آهيان. منهنجي سرير کي سنڌ جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان جوڙي، منهنجي اَمڙ مونکي قاسم ڪاهيءَ ۾ جنم ڏنو هو. مان هر دور ۾ شاعر جو روپ وٺي، هن ڌرتيءَ تي ايندو آهيان. مونکي منهنجي جنم ڀوميءَ تان، رابيل جي گلن جيان مروڙي، سرحد پار ڦٽو ڪيو ويو هو. منهنجو ڏوه اِهو هو، جو سنڌ ۾ جنم وٺي، مون، انسان جي برابريءَ جا گيت جوڙيا هئا.

همڙي خيال جي خماري ۽ اڏام صرف ٻيوس جهڙن شاعرن جي شعور ۾ اچي سگهي ٿي!

●●●

ٻڌم جو ٻولي، وسري چنگ، رباب ويا.“

شاه لطيف جون ”ست سورميون“، مهاڪوي ڪاليداس جا ”ست ڊراما ڪاويہ ۽“ شيڪسپيئر جا ”٣٧ ڊراما“ ساري دنيا ۾ مشهور آهن. شاهہ لطيف، ”مارئيءَ“ کي، هو مر ”هيلن“ کي، شيڪسپيئر ”ڪلوپٽرا“ کي، مهاڪوي ڪاليداس، ”شڪنتلا“ کي، امرتا بخشي آهي. ساڳي امرتا تاجل پنهنجي بيتن ۽ واين ۾ ”تر جي ڳَج ڦرينڌڙ ڳُجر“ کي بخشي آهي.

1) ”ڳُجر! چڏ ڳوچار، تانگهہ وري تڙ ڪول کي،
قوڳن تي ڦوهار، پوٽي آهي پوهہ ۾.“

2) ”ٻلي آئينءَ ٻيڻ! ڪولهڻ ترَ جي ڪامڻي!
اسان تنهنجا سيڻ، او ڌرتيءَ جي ڌيئڙي!“

3) ”ڳُجر ٻاڙهو گهاگهرو، ڏه، ڏه ڏينيوڙيون،
موهر ۾ هو مون، ڏٺو ٻيڪ بسنت جو.“

4) ”ميان! منهنجي شاعري، مَروُئي مهڪار،
سَوَ ڪري سينگار، ڳُجر ويٺي گيت ۾.“

5) ”توسان ٻيٺل ٻر ۾،
ٻاجهريءَ جا سنگ،
اوڏڻ! تنهنجا انگ،
ڪوتا چورائي ويا.“

6) ”وايون شاهہ لطيف جون، نانڪ جون ٻاڻيون،
ڳِٽيون ڳوڻاٽيون،
سرنهن جي ڦولار ۾.

ڪوِتا، ڪويءَ سان ڪچهري، ڀَسو ڪيئن ٿي ڪري :-

1) ”تون جذبن جو خالق، - مان ڪوتا جي راڻي

2) ''ڀول تہ منڙا جھول پريانءِ،
موٽ نہ ميان مگٽھار!''

3) ''پھاڇي ويو هان پاڙن تائين،
مان سنڌو، مان ساگر آهيان.''

4) ''مان وڪٽي گيت بزارن ۾،
هڪ داءُ لڳائي ويٺو هان.''

5) ''منھنجي غزل يا گيت کي چوندو نہ ڪر گلاب،
بيوس منجھان ڪو ٻنجي ''ٻخاري'' نہ ٿي پوي.''

تاجل جي آرزو ڏسو :-

''پرياتين ۾، / ماڪ ڀنل رابيلن جھڙي ڏَر جي سونهن،ءَ ڪڪوريل ڀيرن جھڙي سٽ لکڻ ٿو / چاهيان؛ / نر جي چانوَ / سرنهن جي خوشبوءِ جھڙي سِٽ لکڻ ٿو / چاهيان. / پريت جا گانا / پيار جي مالھا / ڪاري، گوري، ڪي ماڻ پائڻ / چاهيان ٿو. ٻس سِٽ لکڻ مان چاهيان ٿو. / سالن جي بي سود پراٽين، تخليقن کي تيلي ڏيئي ڪوڙا ڪاڳر -/ ڪوڙين ڪوتائن کي ساڙي / هڪڙي امڙي سِٽ لکان / جيئن :/ سرمد، سامي، ڀِٽ-ڌڻي، سرمست سچوءَ، جي چپڙن تي ڪا مُرڪ اَچي.''

ڪو وقت هو جو ڪويتا راڻي قيدن ۾ قيد هئي، پر اڄ جي شاعرن اُن کي عوام وٽ آندو ..... صرف وڏيرن ۽ وڏن ماڻھن جي محفلن ۾ ڪويتا راڻي نچندي هئي، پر اَڄ هوءَ هر انساني عالمگير جذبي جي تشنگي ٻُجھائي ٿي. تاجل تہ پورهيتن ۽ هارين جي چپن تي ڪويتا کي ناچ نچايو آهي. سنڌ ۾ عام توڙي خاص، سڀ، تاجل جي ڪويتا راڻيءَ جا قائل آهن. اچو تہ سندس ڪويتا راڻيءَ، ڪويتا ڪنوار جي ڪايا ماڻيون :-

1) ''ڪانيءَ جھڙي ڪولهٽي، ڇيهاڙيون چولي،

5

”تاجل بيوس جي ’ڪلا‘ تي ڪوتا“

شاعري خود هڪ ڪلا آهي، فن آهي، ذات آهي. ٻيون ڪلائون آهن - چترڪاري، موسيقاري، شلپڪاري، وغيره. اهو سياويڪ آهي تہ هڪ ڪلاڪار جو ڌيان ٻين ڪلائن طرف بہ وڃي. شاعري بہ هڪ قسم جي زندگيءَ جي تنقيد آهي، تصوير آهي ۽ ڪلا آهي قلم جي. شاعر قلم ڌڻي آهي ۽ آهي سرجڻهار.

1) ”ڪنهن بہ امر تخليق کي جڏهن پهريون دفعو ڪو عظيم فنڪار ڳائيندو آهي، تڏهن اُها تخليق، مائيڪل انجلو جي اُن مجسمي وانگر ٿي پوندي آهي، جنهن ۾ پهريون دفعو انسان جو روح داخل ٿي رهيو هو.“

2) ”جڏهن زنجير پئي گهڙيا، تڏهن ”سچ“ سرِ بازار رقص ڪيو هو.“

تاجل پنهنجي هڪ ”ترائيل“ ۾ مَٽ چِڪائڻ جي ڪلا ڪري ويٺو.

1) ”هي جو مَٽ چِڪايان ويٺو
جيوَن - جوت جلائڻ خاطر
قطرو، قطرو ٺاهيان ويٺو
هي جو مَٽ چِڪايان ويٺو

ماضيءَ کي موٽايان ويٺو
اڳتي وِک وڌائڻ خاطر
هي جو مَٽ چِڪايان ويٺو
جيوَن - جوت جلائڻ خاطر.“

ساڃي سونهن منهنجي - ڦُري وٺ ڦُري وٺ
جڏهن تو گُهرائين، - اچان تني اُڏاٽي
تون جذبن جو خالق، - مان ڪوتا جي راٽي
تون ساڃل، تون سامي، مان نانڪ جي ٻاٽي
منهنجو جسم شاعِر! ڇُري وٺ، ڇُري وٺ
تون جذبن جو خالق، - مان ڪوتا جي راٽي
ساڃي سونهن منهنجي، ڦُري وٺ ڦُري وٺ.''

(''وڏا وڻ وٽڪار جا'' مان تاجل جو ترائيل)

هاڻي وري ڪوي، ڪويتا سان ڪچهري ڪري ٿو :-

1) ''اڙي، ڏات ڏيئا! اُجهامڻ ڇڏي ڏي،
مخالف هوائون لڳن ٿيون، لڳڻ ڏي
تون فطرت جي ڦوڪن تي ڪامڻ ڇڏي ڏي
اڙي ڏات - ڏيئا! اُجهامڻ ڇڏي ڏي
نڪي آتما ڇڏ، نہ آتڻ ڇڏي ڏي
اَچي ڪو جي طوفان اُن کي اَچڻ ڏي
اڙي، ڏات ڏيئا! اُجهامڻ ڇڏي ڏي
مخالف هوائون لڳن ٿيون، لڳڻ ڏي.''

●●●

وَنگيو من وايولڙن، ’بيوس‘ بي اختيار،
کير - مُنڊين کيڪار، ڪئي اسانکي ڪاچ ۾.“

ويهن سٽن تي پکڙيل بيت، مون هن کان اڳ ۾ ڪونہ پڙهيو آهي! نٿ، دهري، وينڊا، چوڙا، چلڙا، لونگ، ڪيوٽيون، ڪنگڻ، ايرينگ، هٿيليون، منڊيون، ڦليون، هس، ونگيون، کير منڊيون .... ڪمال جي ڪلا پيش ڪئي اٿس هنن بيتن ۾!

هند ۾ ڪيترا زيورن جا نالا ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن.

1) ”سؤلي ناهي سنگتراشي،
پاهڻ، پاهڻ رڙڪي پيئي.“

2) ”نٿ ۾ پوتل موتي ناهن،
جواني آ، جا جرڪي پيئي.“

3) ”پٽڙ روز پگهاري ويٺو،
ريٽي رت کي هاري ويٺو.“

4) ” جو لوهہ مٿائي، سونُ ڪري،
سو، آءُ تہ پارس پاڻ ٿيون.“

●●●

تاجل بيوس شاعر آهي تہ مصور بہ آهي. سنگتراش آهي تہ مزدور بہ آهي. سندس ڪلا، نيل ڪمل جهڙي بہ آهي، جنهن سان مينديءَ رتڙا هٿ خلقي، هوُ اسان کي رياجهائي ٿو. تاجل ٿَرَ جي پس منظر ۾ بہ طويل ترين بيت لکيا آهن ۽ هن هڪ بيت ۾ ٿَرَ جي زيورن جو عمدو ذڪر ڪيو آهي. اُتي جي استعمال ۾ ايندڙ ٣٦ زيورن جو عمدو ۽ انوکو ذڪر ڪيو آهي. هي بيت ويهن سٽن تي پکڙيل آهي :-

" هَسَ ٻاچيءَ ۾ هار" :-

1)"وينبا وزندار، سدا ڪن سُهاڳڻيون،
نٿ، دُهري، نسبيون، جهومڪ جلويدار.
بئنسر، چوُڙا، بوُليون، روپيون رائيدار،
ڪنگڻ، ڪُڙڪون، چلڙا، ڪَڙيون ڪڙڪيدار.
واليون، پَنڙا، وينٽيون، ٻانهين ٻهڪدار،
ڪنمالون ۽ ڪيويتون، چوڏس چندن هار.
مُرڪيون، لونگ، منگليون، نوُرا هانروار،
هُئي جتِ ميڪانڊڙي، پازيبن پاچار.
ڪاراين ۾ ڪنگٽيون، چوڙ چمڪيدار،
ٻانهين وچ ۾ ٻنگريون، چڙ ڪي ڏنئُرن ڏار
سُرين‌من سوگهو ڪيو، چاڙهي ڪيپ خمار،
وَرُ ڏئي مٿان واڳيا، گيسو گهنبيدار.
لِڪ چوريءَ مون سان ڪيا، ايرينگن اظهار،
ڪڙ هولين قابو ڪيون، هٿيليون هزار."
حوُرن کي هٿن ۾ مُنڊيون مزيدار،
ڪري گُهمن ڪامٽيون، ڪٽيون خوشبودار.
واسيو هو وجود کي، مَروُئي مهڪار،
پائن ڦُليون، پولريون، هَسَ، ٻاچيءَ ۾ هار.

4) ''سج ڪئي تخليق،
سرنهن جي ڦولار ۾
روشنين جي ليڪ.''

5) ''سوڍي تي سنبري،
ڪڪر جي ڪارڻ مان
سج پيو نڪري.''

6) ''نور پيو نسري،
ٻن ڇڳن جي وچ مان
سج پيو اُڀري.''

صبوح جو منظر، ساوا سرنهن جا کيت ، مطلب تہ جيڪي هن پسيو آهي، اُهو فن سان لکيو آهي.

1) ''ٻن ڇڙ واري شام،
پڇاڙيءَ جا ڏينهڙا،
ڀڳل ٽٽل جام.''

سندس هي تہ - ستو، جپاني هائڪو واري سڪ لاهي ٿو.

ڊانٽي، وردسورٿ، ۽ ٽالسٽاءِ، ڳوٺاڻي ماحول ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ کي ترجيح ڏني. اسان جو تاجل بہ ڳوٺاڻي ماحول ۾ ئي اُڀريو ۽ اُسريو ۽ ڪڙو ڪيائين شاعريءَ جو شاميانو! قران شريف ۾ ٦٠٠٠ کان وڌيڪ آيتون آهن ۽ ٥٠٠ کان وڌيڪ ڪائنات ۽ قدرت تي آهن. پيغمبر بہ ڏسو ڪائنات ۽ قدرت، وڻن ۽ وٿراه، جبلن ۽ ٽڪرن، ندين ۽ نارن، چنڊ ۽ سج، ڪڪر ۽ برسات، پکي ۽ جانور، گُلن ۽ ڦولن، ڪَلين ۽ وَلين، وغيره کي بہ ڪيڏو نہ ملہ ڏين ٿا!

هاڻي اچو تہ پسون تہ تاجل، هڪ ''ترائيل'' ۾ ڪيئن ٿو ''تصوير'' چٽي ڪائنات قدرت جي :-

1) ''اِها اُڀ تي اهڙي سُهڻي، آ ڪنهن تصوير لٽڪائي!
پُٺيان سج لهڻ جو منظر ۽ اڳيان تتر - ڪرڙي آ

6

''تاجل بيوس جي ڪوتائن ڪائنات/ قدرت''

تاجل ڪائنات جي گود ۾ پليو، نپنو ۽ وڏو ٿيو. هن هميشه اسان کي ڪائنات جا تحفا پئي آڇيا آهن :-

1) ''ماڪ ۾ موتيو ڀنل ڪنهن کي ڏيان؟
پيار جو تحفو اوَل ڪنهن کي ڏيان؟
''حسن جي مهڪار جون مُرڪون وٺي،
ڀنڊ جو تازو ڪنوَل ڪنهن کي ڏيان؟''

تاجل نہ فقط انسان پر فطرت (وڻ، ٻوٽا، پکي، جانور، درياه، آبشار، سمنڊ، لهرون، بادل، چنڊ، ستارا، سج ۽ پهاڙ، وغيره) جو اونهو مشاهدو ۽ اڀياس ڪيو آهي.

تاجل ڪائنات جي گود ۾ نکاريو. تڏهن ئي هوُ هيٺيان عڪس يا منظر چٽي سگهيو :-

1) ''پوتي ۽ پهرياڻ،
آيو آڌيءَ رات جو
سانوڻ ڪٽي ساڻ.''

2) ''سنگ، ڪانوَ ۽ پَن،
سندرتا سنسار جي
اُس، مٽي ۽ اَن.''

3) ''رِڻ تي رات اُماس،
سانجهيءَ ٽاٽي سج ٻُجهي ويو
اونده جو راڪاس.''

شاه لطيف ،جلالودين روميءَ جي مثنوي ،هميشه پاڻ وٽ رکندو
هو. اُن روميءَ جو ڪلام آهي :-

”ڇا اِهو گل لاءِ پيار نہ هو
جو مالهيءَ (ڀڳوان) هي گُلستان (سنسار) خلقيو؟

ڪازنسڪيءَ جو ڪلام آهي :-

”مون درخت کان پڇيو،
ٻڌاءِ خدا ڪٿي آهي،
۽ هوُ گُلن سان لبالب ٿي ويو.“

جواهرلعل نهرو هميشهہ پنهنجي ٽيبل تي ڪوي رابرٽ فراسٽ
جو گيت لکيل رکندو هو :-

”وڻڪار آهي پياري، ڪاري ۽ گهري،
مون کي پنهنجا انجام پاڙڻا آهن،
ميلن جا ميل رستو پار ڪرڻو آهي،
ميلن جا ميل رستو پار ڪرڻو آهي ....“

قران ۾ لکيل آهي :-

”روٽي بدن جي بُک مِٽائي ٿي،
گُل روح جي بُک مِٽائن ٿا!“

تاجل بيوس، اِنهن تمام شاعرن ۽ ڪوين مثل پنهنجي ڪلام ۾
سان جي روح جي اُڃ ٻجهائي آهي. اڇو اوهين بہ مون سان گڏ اِها تشنگي
ٻجهايو:-

1) ٻڪائن ويٺيون ٻيرڙيون،
ساميءَ جا سلوڪ
ٿَرَ جي پناجهر پونءِ تي

2) هارين هُن مهاڳ تي،
ويٺي پتر پوريا
پَسي اوت اَروڙ تي. - وائي

عطر، عنبير سان ڌوئي سهڻي آ يونءَ مهڪائي
اها اُپ تي اهڙي سُهڻي، آ ڪنهن تصوير لڳائي!

گلن، غنچن ڪي جهومائڻ اِجها ٿَرَ جي هوا آئي
جتي آڙنگ هيٺان ٿَرَ ۾ اڱيان تتر - ڪرڙي آ
اِها اُپ تي اهڙي سُهڻي، آ ڪنهن تصوير لڳائي!
پٽيان سڄ لهڻ جو منظر ۾ اڱيان تتر - ڪرڙي آ.''

مُندن جي ڦرڻ جي تاجل ڪي خاصي خبر آهي :-

1) ''ٻيرين ٻُور جهليو، ڏاڙهونءَ ڪئي آ ڏوڏي
ڪڏهن ملندين مون سان، تون پرين!''

2) ''نيٺ تہ ٽڙنديون ٽاريون، ڇا جي ڳڻ ڪر هيل!
روڙي گل رابيل،
مُٺيون ڀر نہ مينڌرا!''

ڏسو صبح جو منظر ڪيئن ٿو چٽي :-

ڪنهن ڇهري مان چنڊ ڪڙي ٿو،
ڪوڪو سُڏڪو سَڏُ لڳي ٿو،
اَڪ مان جيڪو لُڙڪ وهي ٿو،
صبح ٿئي ٿو.''

هندستان جي هڪ پرڪرتيءَ جي پوڄاريءَ لکيو آهي، ''هتي ڳونڍڙي ۾ ماڻهو ۽ ماڻهوءَ جي وچ ۾، ماڻهوءَ ۽ درخت جي وچ ۾، وڻ ۽ پکيءَ جي وچ ۾، ڪنهن ڪٽنب جهڙو رشتو آهي.''

نہ فقط ٽئگور پر روميءَ، خليل جبران، ڪازنسڪيءَ ۽ انگلنڊ جي ڪوين رابرٽ فراسٽ، لارڊ ٽينيس، الئٽ، ڪِلمر، بيڪن، بہ قدرت جي ڪايا جا گيت ۽ سنگيت ڳاتا آهن. خود جپان جي پراچين ڌرم ''شنتوزم'' جو چوڻ آهي، ''انسان ۽ ڪائنات جي وچ ۾ رَت جو رشتو آهي، جيئن پاڻُ ۽ پيڻ جي وچ ۾ آهي.''

نہ ڪنهن ننگر پار ۾، جهانگيءَ ڪئي جهونگار،
ڏُڪارين جا ڏيه ۾، ڏاڍا ها ڏمڪار.
نيٺ پِڇايو پونءَ کي، تاڙي جيءَ تنوار،
وچن ويرا واه ڪان، ٿَرَ ڪيا ٿڌڪار.
ڇُلڪي مٿان ڇاڇري، نچيون ننگر - پار،
ڪاهَ ڪيائون ڪڇ تي، لنڪا ڏي للڪار.
اَيوُڌيا اُلهاس ۾، سدائين سڪار،
پِڇائي پنيور کي، هليون ڏي هالار.
ڪِنِ ڪَلاچيءَ ڪُنَ ڪان، ڪيا وندر تي وسڪار،
ڪيائون قلات ۽ بيلي تي ٻاڪار.
ڪيڏي آهي ڪاله ڪان، چين مٿان چمڪار!
ڪن ڪئي ڪوٽ منڍ ڪان، استنبول اُڏار.
بَرلن ۽ بحرين تي ڪنوٽين جي ڪلڪار،
موتي اچي مصرين جي سارنگ لڌي سار.
سائينءَ ڪرايا سنڌ کي، سورنهن ئي سينگار،
”بيوس“ بي اختيار، عالم سڀ آباد ٿيو. - بيت
جل جي ڪوتا ۾ ٻهراريءَ جي حسن جا شاهڪار :-
1) ”ڪستوري، خوشبوءِ ۾
چِڪ پڪلي چولڙي،
پوليا مارو پٽ ۾.“
2) ”ڏاگهن ڏار نوائيا، ميان! ماڪ پنل“
3) ”ڪوڙين ڪرڙ ڪڪوريا لکين لال لبار“
4) ”گهر تڙ گهاتن گهوريا،
ڪَڙَ تي ڪنگ رڙن،
مَڃ مهاندا ماريا.“

هن ڀونءِ تي شروعات ۾ خدا باغ خلقيو هو. هاري بہ هڪ تخليقار آهي ۽ ڀڪي هڪ راڳي جو گيت ڳائي رهيو آهي.

1) ''ازل جا آلاپ، ڪري ويئي ڪونجڙي،
ويا ڪي ورلاپ، چوري ڦٽ فراق جا.''

2) ''پاڇاريو پکين، اڏاٽا آڪاس ۾،
جتي انت نہ آب جو، ايندا اُن تڙن،
اجهو ٿا ڏساجن، وري اُن وٽڪار ۾.''

3) ''روهيڙي جا گُلَ، ڏسي آيس ڏيه ۾،
نسري پيا ننبُ ۾، سهسين سنگ اَمُله،
جَرَ پهرائي جُهل، مون ڪان پوءِ ملير ۾.''

(ٿر تي تاجل جا بيت)

تاجل هڪ هنڌ لکيو آهي :

''ڳوٺاڻو ماحول، ڳوٺاڻي بدحالي، پنهنجي اندر جي پيڙا ۽ اُن پيڙا جي ردعمل مان جنم وٺندڙ وسوسن، ويچارن ۽ نا اُميدن.منهنجي لاءِ اُميد ڀريا ڳس ۽ چاراجوڙي، ڏُکن ڪي سُکن جي سونهن ۽ سرمايو ثابت ڪيو آهي. منهنجو ماضي، منهنجو سرمايو آهي، پوءِ ڇو نہ اُهو ڳُئون چاريندي يا ڀڳڙن لَپ تي گذر ڪندي گذريو هجي.''

''تنهنجا نيڻ غزل ''.لاءِ تاجل لکي ٿو :- ''منهنجا ١٠٠ غزل ميويدار وڻن جي ڀر ۾ مينديءَ جي ٻوٽن ۾، سنڌو جي لهرن جي مقابلي ۾، مينهن ڦڙن ۽ لڪيءَ جي چشمن، اڳيان اَڌ ڀريل ڪٽورن جي حيثيت رکن ٿا.

تاجل هڪ ١٨ سٽن جي بيت ۾ بادلن ڪڪرن جي وسڪار جا وَسَ ڪيا آهن سڄي دنيا جي مُلڪن تي، جيئن شاه سائينءَ لکيو هو :- ''دوست، مٿا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.''

مهاڪوي ڪاليداس بہ ''ميگهہ دوت'' کي قاصد بڻائي هڪ مهاڪاويہ لکيو هو.

1) ''ساري سانوڻ مينهن کي، سِڪيا ٿي سنگهار،
ڏوٿين ہٽي ڏينهن ٿي، ڀوڻ سندي ڀٽڪار.

7

”تاجل بيوس جي ڪوتا ۾ تشبيهون“

تشبيه ڪويتا جي سونهن آهي. غريبيءَ جي پَنَ ڇَڻَ سان،
ات جي ڦَٽَ سان، ڪويتا جي ڪنبي سان، گيتن جي سونهن سان،
ماوَ جي گلاب سان، تخليق جي حوالي سان، ڪويتا جي ڏرتيءَ جي
ثالي سان، مومل ۽ ماڻا، شاھ جو رسالو، گلاب جو گل، ڪويءَ ڪمال
ڪيو آهي :

1) ”غربت ۾ پن - ڇڻ جو ڏيک،
شيشي ۾ پاهڻ جو ڏيک.“

2) ”زندگي ٿي جُهري،
ڪاڄھ ۽ پئي ٿي گُهري.“

3) ”ڏات جي ڏيہ ۾،
ڦٽ پيو ٿو ڪُري.“

4) ”اڄ بہ ڪوتا - ڪنبو،
هانوَ ۾ ٿو هُري.“

5) ”گورا گورا گيت لکيا ٿم،
سنگمرمر جي پاهڻ جهڙا.“

6) ”منهنجو گهاءُ گُلابن وانگر،
تاريخن جي بابن وانگر.“

7) ”تنهنجا ڳل گُلابن جهڙا،
چُمندس روز رسالي وانگر.“

8) ”تخليقن ۾ گُجري جا گُل،
مقدس ڇڻ ۽ حوالي وانگر.“

5) ''اسين مارو پاڻ ۾،
جَرَ تي پکي جيئن،
اسين مارو پاڻ ۾.''

6) ''رات بہ ڏنڙم ننڊ ۾،
مکڻ جون ماٽيون اَلا!
چوليون چوڙيلين جون،
کلهن کان ڦاٽيون اَلا!''

تاجل جي خيال موجب :-

''شاعري ڌرتيءَ کان سواءِ ائين آهي، جيئن گهر ڏيئي ٔبنا، ڦرهي
اکرن بنان، ساڌ ٻيلو درياه بنا ۽ سنڌ لطيف بنا.''

تاجل جا هيٺيان غزل پڙهي، اياز جا تاثر پڙهو :-

1) ''سکي! سيرِ تي ٿا ڦريرا اڏن،
اُتر پار ٻيڙا وريو ٿا ورن.''

2) ''وڌو ٻيپ آکر ٻنديرر ۾
کنيا کَر ٽر ۾ وري ٿوهرن.''

''غزل لکڻ جي مٿئين اسٽائيل مان، مونکي ڇير جو ڇمکو
کنهن مندر ۾ آرتين جو سُر تال، وڏ ڦڙئي مينهن جي وسڪارن جي
ڇاپ ۽ لئہ محسوس ٿيندي آهي. هونءَ بہ مون پرکيو، پُرجهيو. ڏٺو ۽
وائٺو آهي، تہ اهڙو غزل اُهو شاعر لکي سگهي ٿو. جنهن سُهٽي لطيف
جي هن سٽ جو راز سمجهي ورتو هجي : ''ساجڻ ۽ ساٽيه. کنهن اَٽاسي
وسري.'' - اياز

•••

8

”تاجل بيوس جي شعر ۾ رومانس“

گهڻي ڀاڱي هر زبان ۾ غزل لکيو ويو آهي ۽ سنڌي زبان جي سڀني شاعرن رومانس تي لکيو آهي پر تاجل جو بيانِ انداز ئي اور آهي :-

1) ”ڪيسين چوراياڻ ڪامڻ!
سپنن ۾ تنهنجو جوڀن؟“

2) ”زلف گهٽائون سانوڻ جون،
تنهنجي ڪايا باغ عدن.“

3) ”نيل - ڪنوَل جهڙا ڀئي نيڻ،
منهنجي دنيا منهنجو تن.“

4) ”سندر ناري! ناچڻيءَ جهڙي،
موهين مان جڻ ڪوئيل آهين.“

5) ”چمپا موتئي چنبيليءَ جي،
خوشبوئن ۾ ڌوتل آهين.“

6) ”زندگي ڪيڏي خوبصورت هئي!
ويئي گذري جا ڪنهن جي ٻانهن ۾.“

تاجل جي محبوبا، موهن جي دڙي مان ڪوئيل ناچڻيءَ مثل آهي. گل، گهٽائون، نيل ڪنوَل، هوُ محبوبا کي ڀيٽ ڪري ٿو ۽ سچي زندگي، اُن نازنين جي ٻانهن ۾ گذارڻ چاهي ٿو.

سونهن ۽ سينگار فقط گوريپڻ ۾ نه آهي. عورت کي هن ”سونهن“ جو لقب ڏنو آهي، سونهن جي ديوي سڏيو آهي، اُهي عورتون جيڪي

9) ''ڌرتيءَ اوڙهي منهنجي ڪويتا،
چنيءَ، شال، دوشالي وانگر.''
10) ''گيت اسان جا ڪاڪ محل ۾،
مومل! تنهنجا ماٺا ٿي پيا.''
مينديءَ جي هٿن سان ۽ چيله جي ڇهبڪ سان سندس پيٽ، ماٺن جي موڪري چاتيءَ سان ۽ ڏاڳن جي سرڪٽيءَ سان ڏسو :-
1) ''مينديءَ رتا هٿڙا،
ڇهبڪ جهڙي چيله،
آئي رت بسنت جي.''
2) ''وڻڻ ايندا واسڙا،
ماٺو ڇاتيءَ موڪرا،
موڙ نہ مينديءَ ڏار ڪي.''
3) ''وَتِ نہ ويهي پَٽ جا،
ڦاهيءَ ڏاڳا سُرڪٽا،
پوُ ڏيسر جي پونءِ تي.''
ڪيتن جي ماٺهو سان، گيت جي ٻائڻ سان، وڻ جي ڇانوَ سان ۽ ڌرتيءِ جي ماٺهن سان، ڏسو ڪيڏي نہ عمدي مُشاهبت آهي :-
1) ''ڪيتن جهڙا ڊائل ماٺهو،
گيت اڌورا ٻاتل ماٺهو،
وڻ جي ٿڌڙي ڇانوَ ڏين ٿا،
سنڌ ڌرتيءَ سان وابيل ماٺهو.''
زلف جي قيد سان ۽ عشق جي پيالي سان تشبيه :-
2) ''جتي زلف جي قيد ۾ عمر گذري،
جتي عشق پياريو پره جو پيالو.''

●●●

چِڳ پيئي ڪير چنبيليءَ سان.''
2) ''ڏاڍو عشق لڳو اٽڃاڻن سان،
موهي مست ڪري ويا ماڻن سان.''
3) ''ڏاڍا عشق وڏا تنهنجي دام ساڄڻ،
ڦٽي ننډ، ويو آرام ساڄڻ.''

ڪافيون

غزل ۾ سندس عشق جو انداز پسو :-
1) ''ڪِرَن پير ٻاڙها، ٻه ٽي پير ڪَڻُ،
گهڙيءَ لاءِ گوري! اسان تي ٻه ڇَڻُ.''
''اسان کي ڏنئي ذات سنگيت جي،
ٻه - ٽي ڳُل ڪاريءَ منجهان تون ٻه ڪَڻُ.''
ڇاٽي ننگر جي نارين تي هڪ ''بيت'':-
1) ''هُوِ ڏسُ هُن ڏهر ۾، ننگر جون ناريون،
ڪنوٽيون ڇڻ ته کوه تان، اَٽن اُٽاريون،
گورڙي گهاريون، باقي جوپن ڏينهڙا!''
سندس وائيءَ ۾ اُره جي اُڏام پسو :-
1) ''ڪولهڻ! تنهنجي ڪام،
جهڙي باک بسنت جي.
ڇڻ ڪا پڪل ليارَ جي،
لڙڪي آهي لام،
جهڙي باک بسنت جي.
مون کي ڪري مات وئي،
اُره جي اُڏام،
جهڙي باک بسنت جي.''
آسڪر وائيلڊ فرمايو آهي :-
''جڏهن فنڪار ڪي محبت ۾، سرشار ڏسو، ته اُن جو مطلب محض
هيءُ آهي، ته هن جي ذات ۾ حسن جو شعور گهرُ ڪري ويو آهي.''

●●●

ٻنيءَ ۾ ڪم ڪن ٿيون، مڇيون ڦاسائن ٿيون، پورهيو ڪن ٿيون، ...... اُنهن ۾ به هن کي سونهن ۽ سڳنڌ نظر اچي ٿي. هيٺين درجي وارن عورتن کي هن پنهنجي قلم سان اَمر ڪري ڇڏيو آهي. پڙهي ڏسو هيٺيان ٽه - سٽا.

1) ”ڇُني اوٽ ڪري،
نينگر منهنجي نار تان
پاٽي ٿي پري.“

2) ”پيرن ۾ ڪڙيون،
سانجهيءَ ٽاٽي سرتيون
کوهن تي کڙيون.“

3) ”وسڪاري جيءَ ويل،
آءُ اسان جي ائٽ تي
ڪري تيل ڦليل.“

4) ”پره، پاٽياري،
آئي منهنجي ائٽ تي
ڏينيوڙيءَ واري.“

ھاٽي هڪ وائي :-

1) ”مٺو ٻالهائي، ويو ڪو چورائي، سندا جوين ڏينهڙا.“

شاعري خود هڪ سونهن آهي، سوڀيا آهي، جمال آهي، حسن آهي! شاعريءَ روپي محبوبا کي جڏهن، تاجل فن ۽ فڪر روپي ٻهٽا پائي ٿو، تڏهن هوءَ اڳي کان اڳري ٿي لڳي حسن ۾! ڪاري ڪوجهي پورهيت ناري به اسان کي چڪي ٿي ۽ اسين، اُن سان سهانيوتي ۽ سنيه ڪري ٿا ويهون. اِن کي چئبو آهي ڪوتا جو ڪمال!

اچو ته هاٽي تاجل جي محبت، عشق، پيار، ۽ شرنگار رس ماڻيون :-

1) ”هن حسن جو ڪوئي جواب نه آ.
ڏٺو اهڙو ڪڏهن مون خواب نه آ.
مَٽ رخسارن جي گلاب نه آ.

سنڌ، ڪڇ، سونهن جو صدائون، ٿوهر جواني ريگستان، سيلاني، ويراني، ماني، ۽ انساني، ڪٿي جو ڪٿي شاعر جي اُڏام آهي.

”جتي نہ پهچي روي، اُتي پهچي ڪوي!“

تاجل جي خماريءَ واري خيال جي اُڏام ماڻيو :-

1) ”وڏي ٻاله آهي، جو دل جي دنيا ۾،
خدا ۽ خدائون، ڪٿي آيو آهيان-
وڳا ويس پهري، وسڻ لاءِ ”بيوس“،
گهڙي ڪن گهٽا ئون، ڪٿي آيو آهيان-
مان خود ئي خطائون، ڪٿي آيو آهيان،
گهٽيون ئي گلائون، ڪٿي آيو آهيان-
وفائون، جفائون، ڪٿي آيو آهيان.“

●●●

9

”تاجل بيوس جي ڪوتا ۾ خيال جي اڏام“

شاعريءَ ۾ وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي ضرورت آهي ۽ اوتري ئي ضرورت آهي خيال جي اڏام جي. شاعر جا خيال پَرَ آهن، جي هن کي، آڪاس کان پاتال ۽ ترتيءَ کان عرش تائين پهچائن ٿا. خيال جي اڏام ۽ اُن اڏام ۾ وري نواڻ پيرڻ تہ ڪو تاجل کان سکي.

1) ”هِڪ ڪَچ تي پيلهڙا، ٻيءَ ڪچ تي ٻار،
اَصل کان هي بارُ، سونهي منهنجي سنڌ کي.“

2) ”وري حسن وارن جي دربار ۾،
لڳن ٿيون صدائون صدين جون ڏسو.“

3) ”ڪيڏي قوه جواني گذري،
چوري ريگستاني گذري.“

4) ”خالي وستيون رهجي ويندیون،
وينداسب سيلاني گذري.“

5) ”ذهن ذهن ۾ قاسي پيو آ،
پردي تان ويراني گذري.“

6) ”ماڙين ۽ محلن جي پويان،
مزدورن جي ماني گذري.“

7) ”ٿَرَ جي پيرُن، پلڙن جهڙي،
صورت ڪا انساني گذري.“

تاجل جڏهن سراج ميمڻ جو ناول - ''مرڻ مونسين آءُ'' پڙهيو تہ هڪ هڪ مقالي ۾ هن کي سنڌو وهندي نظر آئي. تاجل، ڪتاب کي ٽپي وري کولي، پنهنجو سيس نوايو.

ستيتاليهن واري سيلاب جي ڪري سنڌي هندن کي، سنڌ ڇڏي هند ۾ اچي وسڻو پيو. اُنهن کي تاجل .... ''ماڻهو ڏکايل سنڌ جا ''تو سَڏي اِهي ''ڏکايل''، سنڌ کي هميشه سارن پيا - اُنهن لاءِ تاجل جا ترائيل پڙهو :-

1) ''شل! هي اکڙيون پَسن، ماڻهو ڏکايِل سنڌ جا،
شادُ، ڪيرت، پوپٽي، جگديش، ڪومل ۽ ڪلا
ڏيه شل پنهنجو ڏسن، ماڻهو ڏکايل سنڌ جا
شل! هي اکڙيون پَسن، ماڻهو ڏکايل سنڌ جا.''

2) ''خط، مقالا، سوڪڙيون، هڪ هڪ کي ڏيکاري پيو
اڄ وري ''هيرو ٺڪر'' پُٽ سنڌ جو اچڻو تہ آ
ڪنهن جي آدر ڀاءَ لئہ ''بيوس'' ڏيئا ٻاري پيو؟
سنڌ جي ڌرتيءَ جو ماڻهو، ڪو نہ ڪو اچڻو تہ آ''

3) ''ڏيه پنهنجو شل ڏسن! ماڻهو ڏکايل سنڌ جا
پوپٽي، ڪيرت، ڪلا، دلگير ۽ مالهي وري
ڏور ڌيندا ڌا وجن، ماڻهو ڏکايل سنڌ جا
اُتم، ٺاڪر، رامواڻي، ڪمل ۽ حاسد، هري.''

سُريمڻ ڪلياڻ ۾ تاجل پنهنجي ديسواسين لاءِ لکي ٿو :-

1) ''ٽپن ڏاتا ڏيه جا، پڪو ڏئي پاٽي،
ويٺا وهاٽي، سبق پڙهائن سورجا.''

2) ''ڌوڌا دُکائي، اگر پائن اُجرا
تني سندي تڪئي، آڳ نہ اُجهائي.''

سرمارئيءَ ۾ لکيٿو :-

1) ''هوءَ جا هارياڻي، جوڻي ويٺي جنڊ کي،
آهي مُرڪ ملير جو، پورهيت پَٽ راڻي،
ڏَڻُ ۽ ڏياڻي، پيئي سوُنهن سنڌ کي.''

10

''تاجل بيوس جي ''سنڌ امان''، لاءِ سِڪ ''

مٽي ۽ مٽيءَ جا مِٺا ماڻهو، تاجل جي شاعريءَ جي محور جا ملوڪ ٻُڪٽا آهن. پسو تاجل جي تنوار :- ''جڏهن ڪو ڌاريو سنڌ جي سرحد اورانگهي، اندر ٽپي ايندو آهي، اُن وقت منهنجو قلم سنگين کان تيز ۽ بندوق کان ڀُورو ٿي پوندو آهي.''

1) ''پلو ديس هر ڪنهن جو آ هم - خيالو!
مگر سنڌ جو شان آهي نرالو.''

2) ''وڻ جي ٽڏڙي چانوَ ڏين ٿا،
سنڌ ڌرتيءَ سان وڌيل ماڻهو.''

3) ''ڪهڙي اسان جي ذات پڇو ٿا؟
سنڌ - ڌرتيءَ کان آيل آهيون.''

4) ''سنڌو! تنهنجو هر سرويچ،
دکياري آ داڻي ڪاڻ.''

سنڌ جي شهيد راجا ڏاهر بابت لکي ٿو :-

1) ''ڏاهر جو لشڪر ڏسندي،
وسري ويو وڻ، وڻ جو ڏيک.''

جڏهن هن پٽن جي وچ ۾ ڪا ٽريلي، باجهريءَ جا سنگ لٽندي آهي، اُن وقت تاجل جي خوابن جي تعبير جي تصديق ٿيندي آهي. هن جي ديس ڏانهن اک کڻي نهارڻ واري کي چوي ٿو : ''پهريائين توکي منهنجي سيني ۾ ڀرندڙ ڪوري مان گذرڻو پوندو.'' هن جي شاعري هماليہ جو جهرڻو نہ پر ٿَرَ جي گرمي آهي. جنهنجي شدت آسمان ۾ بادل پيدا ڪندي آهي، جيڪي وارياسي ٿي پرٽ ۽ مرٽ کي جنم ڏيندا آهن.

11

”تاجل بيوس جي شاعريءَ جو انداز ئي اڙر“

اندازِ بيان يا عبارت ئي آهي جا هڪ قلمڪار، هڪ شاعر، هڪ ڏات ڌڻيءَ، هڪ سرجڻهار، هڪ قلم جي ڌڻيءَ، هڪ فنڪار، هڪ ڪلاڪار کي ٻئي ڪلاڪار کان الڳ ۽علحدو ڪري ٿي بيهاري......نہ تہ سڀ شاعر تہ شاعر ئي آهن.

غالب جو اندازِ بيان اور هو...... ائين اوهان پڙهيو آهي. هاڻي تاجل بيوس جو اندازِ بيان پسو :-

1) ”گھاوَ اسان جا گھاٽا ٿي پيا،
ڪيڏا زخم پراڻا ٿي پيا!“

2) ”آئي آنڌي ستيتاليه واري،
ڪَٽن وانگي سيئي وکري وياسين.“

3) ”اکين ۾ ڪيت خوماريل ٿهي پيا،
هزارين روپ سينگاريل ٿهي پيا.“

4) ”منهنجي محبوبا! ڇا اهو ممڪن ناهي تہ اسين
بادام جي ٻن گورن وانگر هڪ ئي کَلَ ۾ رهون؟“

5) ”موت نہ هجي ها تہ سقراط کي نئين زندگي ڪٿان ملي ها!“

6) ”ڪاش! انگريز نئيي ڪنڌ ۾ نہ اچن ها! پر جي آيا تہ پاڻ سان وليم ورڊسورٿ کي وٺيو اچن ها.“

7) ”پڙهيو اٿم تہ شاعر ڏاڍو نازڪ خياليءَ کان ڪم وٺندا آهن. ها. اهو سچ آهي، پر ماڻ ماضي بعيد جو. محبوب جي ڇيڙن کي جڏهن

2) ''مارُون ۽ ملير، سرجي نڪتا سنڌ مان،
سيئي منهنجا سيڻ ٿيا، پيتو جن پنير،
عُمَرُ ٿيو اسير، پيس سُڌِ ساٿيه جي.''

سُر ڏهر ۾ تاجل فرمائي ٿو :-

1) ''اَن داتا اروڙ! سونهن منهنجيءَ سنڌ جي،
تون ئي سانگ سرير جو، مٿي پونءِ پلوڙ،
جيجان! تنهنجي جوڙ، ڪارڻ منهنجي قوت جو.''

پنهنجي ڌرتي جي محبت تي تاجل جا وٽندڙ تاثر :-

''ڌرتي، ڌرتيءَ - ڇايا ۽ ڌرتيءَ جا نظارا منهنجي لاءِ ائين آهن جيئن اک لاءِ روشني، مڇيءَ لاءِ پاڻي، يا ساٿيه لاءِ سنڌو.''

تاجل جي، اچو تہ ڪافي جهونگاريون سنڌڙيءَ تي! :-

1) ''سنڌڙي منهنجي سائنِ، توسان ناتو شالَ نيايان
ناتو شال نيايان، الا، جهوليءَ چنبڊ جُهلايان.''

''ساهُ بہ تو ۾ شاه بہ تو ۾، تو ۾ سيڪجهہ پايان،
تنهنجي مٽي منجهہ ملان جي، ڀاڳ ڀليرا ڀايان.''

تاجل، جڳپرسڌ روسي شاعر حمزي رسول وانگر ڌرتيءَ کي سيني سان لڳايو آهي. رسول فرمايو هو :-

''او ڌرتي ! اچ تہ مان توکي سيني سان لڳايان.''

تاجل جي شاعري سندس اندر جو آواز، دل جو اُڀرڪو، ۽ روح جو حصو آهي. سندس شعر، هند توڙي سنڌ ۾ ڳايا ويا آهن. سِنڌُ هِنَ لاءِ اما، امڙ، ماتا، آهي :-

1) ''سنڌ منهنجي امان! سونهن تنهنجيءَ مٿان
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان
هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان
شل تنهنجيءَ ئي ڪُک مان، پيو هر هر ڄمان
کير تنهنجو پيان، وَير تنهنجو وٺان.''

•••

۱۲

”تاجل بيوس جي شعر ۾ فن ۽ فلاسافي“

فن ۽ فلاسافي هڪ ئي بيت جي ٻنمصرائن مثل آهن. هن فنڪار جي خيال موجب دک انسان کي مهان بڻائي ٿو.

۱) ”بيوس جو سرمايو آهي،
پيڙائن ۾ پاليل يا دون.“

ٻين جي لُڙڪن ۽ ڏکن، هِنَ کي جيون درشن ڏنو آهي ۽ ذات ڏٺي بڻايو آهي.

۱) ”اجا سچ ۽ ڪوڙ جي راند آ،
اجا زور آ قلم تلوار کان.“

۲) ”پري جا پيٽ هڪڙي جو،
اُها آسودگي ڪهڙي!“

۳) ”دانائن جي هر نُڪتي مان،
ڪيڏو روز شعور ملي ٿو!“

۴) ”منهنجي ڪوتا جي ڪنهن سٽ مان،
دنيا کي دستور ملي ٿو.“

تاجل هڪ آشاوادي شاعر آهي. هن جي خيال موجب، اچو ته اُميدن جي ڏيئن کي وسامڻ نه ڏيون. جن وٽ اونده آهي، اُنهن کي به پڪ آهي ته صبوح ضرور ٿيندو :-

۱) ”نيٺ آزادي به ايندي چير جا چمڪا ڪندي،
مون اجا مايوسين کان دوست! گهبرايو نه آ!“

گلن جون پنکڙيون ڇيو ويندو هو، اُن وقت شاعر برابر نازڪ خيال هوندو هو. اڄ جو شاعر لوهر جي هٿوڙي، انجڻ جي ڦيٿن، فولاد جي ڇڻن تي لکي رهيو آهي، جنهن ڪي نازڪ خيالي ڇوڻ، جيڪڏهن نا انصافي ناهي تہ زندگيءَ سان دوکو ضرور آهي.''

تاجل جي انوکي انداز ۾ منظرڪشي، تصويرون، ۽ انوکا چِتر، بہ ملن ٿا. اياز، هنکي مصور ءُچترڪار شاعر ڪري سڏيو آهي :-

1) ''نور پيو، نِسري
ہن ڇڳن جي وچ مان
ساڄ پيو اُپري.''

2) ''پرتي پتر - گل، نيرگ پکي نيرتي
اڇي پيلي نيرڙي مٿان پاٽيءَ جُهل.''

3) ''سورج - لٿي سَرَ مٿان رڳو آ رَت ڇاڻ
ساڄ کي هٿي ہاڻ، اُڇلي ويو کو آب تي.''

4) ''سوُرج ڪئي تخليق
سرنهن جي ڦولار ۾
روشين جي لِيڪ.''

●●●

جي هڪ خوبصورت وصعت آهي. هن جي پيڙا سچي جڳ لاءِ پيڙا جو احساس آهي. تاجل بنيادي طرح شرنگار رس جو شاعر آهي. هن جي نهار ۽ نگاه، ديد ۽ درشٽيءَ ۾ ئي سونهن سمايل آهي. هن وٽ موضوعن جا محل آهن ۽ عنوانن جا ميڙاڪا آهن.

شاعر حساس آهي، وقت جي تبديليءَ ڪري شاعريءَ ۽ ادب جا قدر متاثر ٿيا، پر نڪتو ساڳيو ٿو رهي. علامتون ۽ اشارا، انسان ۽ فطرت وغيره هن جي شعر ۾ ڪوٺان ڪوٺ ڀريل آهن.

تاجل جو ترم آهي ''ماڻهپو''. هو، ''صوفي''، آهي. هن جي دل صوفيءَ وانگر صاف آهي.

''تون پاڻ کي جيستاءِ ماڻهن ۾ گم نہ ڪندين، تيستاءِ توکي ڪيئن خبر پوندي تہ تون ڪيترو سفر ڪري ڪٿي پهتو آهين. ڏٺو نٿي تہ ''قطرو'' جڏهن ساگر ۾ ملي ويندو آهي، تہ پوءِ اُهو قطرو بہ ''ساگر'' ٿي پوندو آهي.''

ڪابہ املوڪ چيز دک کانسواءِ پراپت نہ ٿيندي آهي. تاجل جا متا گيت، اُهي آهن، جن ۾ درد سمايل آهي. ''دک''، - درشٽي ٿو پردان ڪري، ٻين ۾ پاڻ کي پسڻ جي، ۽ ٻين ۾ پنهنجن کي پسڻ جي!

زندگي ۽ موت تي تاجل جو فلسفو ترائيل ۾ :-

1) ''زندگي سچ، سوُنهن جو انعام آ
موت ڇا هي؟ سو پتو مونکي نہ آ
ڪنهن حقيقت، ڪنهن چيو :- البهام آ
زندگي سچ، سونهن جو اِنعام آ
پيار، خوشبوءِ ، حُسن جو پيغام آ
اڳتي ڇاهي؟ ڪو پتو مونکي نہ آ
زندگي سچ، سوُنهن جو انعام آ
موت ڇا هي؟ سو پتو مونکي نہ آ

''فن ۽ فڪر'' شاعريءَ ۾ ''جسم ۽ روح''، مثل آهن. تاجل فرمائي ٿو :- ''ڦاڙيو سڀ فرمان، فن نہ ڦاهيءَ چاڙهيو''.

نہ فقط انسانن لاءِ پر هن شاهاڻي شاعر ۾ پکين لاءِ بہ ديا آهي.

1) ''ڪٿي ڪانگ ويهي ڪندو ٻالهڙيون!
مِيان! ڇو وڍيو تو پپر جو هي وڻ!''

٢) ”ڳلها ڳاڙهي سچ کي ملٽي ناه مات.

اجها ٿي پريات ڦٽندي ڏارا ڪير جي.“

سچ ۽ ڪوڙ جي ڀِڙ چالو آهي. قلم تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي. آسودگي معنيٰ جڏهن سيني کي اٿو، لٿو، اجهو ملي. دانشورن جي شعور مان سپ سِکن ٿا. پر تاجل جي ڪوتا جي ڪا ڪا سِٽَ اسان جي زندگيءَ ۾ وڏي تبديل آڻي ٿي. تاجل جي ڪويتا اسان کي دکَ ڏيکاري ۽ دلاسو ڏي ٿي. اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪريٿي. اهائي آهي هن فنڪار قلمڪار جي فتاح!

هن جي دور ۾ سنڌ ۾ چا وهيو واپريو پئي، اُن جو چٽر، ڏسو ڪيئن نہ چٽي ٿو!

”پوپٽ جا ڪو پَرَ مروڙي،

قيد ڪري ٿو گُل - سرهاڻ،

هرماڻهوءَ جي چپ وڍيل،

اناالحق الائي ڪير؟“

سنڌ جي مٽيءَ ۽ ماڻهن جو مهاڪوي آهي تاجل! عوام جي بيوسي ڏسي، هو بيوس بڻيو ۽ پاڻ تي تخلص رکيائين ”بيوس“. ماڻهن ۽ مٽيءَ کي مَهڪ ۽ مانُ ڏيڻ آهي هنجو فلسفو.

مٽيءَ ۽ ماڻهن کانپوءِ تاجل ”سچ ۽ سونهن“. جو شاعر آهي. پاڻ ئي چويٿو :-

1) ”مخمور مگن ٿي مستيءَ ۾،

سچ، سونهن وارن جي بستيءَ ۾.“

شاعر تاجل هڪ نقاد بہ آهي.....تخليقن جو تخليقار .... هن فطرت يعنيٰ قدرت جو مشاهدو ڪيو آهي. هن جو فن شاعري ملوڪ، ۽ موهيندڙ آهي، جنهن ۾ موسيقيءَ جو مهراڻ آهي. تاجل جي شعرن ۾ موکيءَ جي مَٽن وارو خمر ۽ لالائي آهي.

پنهنجي شاعريءَ جي شعور ۽ شعاءَ ڪري تاجل بيوس ”عوامي شاعر“ سڏجڻ لڳو آهي. هن جي شاعري سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ

13

"تاجل بيوس هڪ انقلابي شاعر"

شعور واري شيخ اياز کان پوءِ سنڌ جو ٻيو انقلابي شاعر آهي - تاجل بيوس.

پڙهو، هن تخليقار جا نثري نظم :-

1) "هي منهنجو گيت آزاديءَ جي هر محاذتي هوا ۾ ڦڙڪندڙ ٻاڙهو جهنڊو آهي. تون چاهين ته هن گيت کان بارود جو به ڪم وٺي سگهين ٿو."

2) "مان مران ته منهنجو لاش بندوق جي موسيقيءِ تي شيخ اياز جو نظم، "ٻاءِ، انقلاب ٻاءِ"، ٻائي پوءِ ڪٽاجو."

وقت ۽ حالتن تاجل کي شاعر بڻايو آهي. هن جو ديس، هن لاءِ هڪ خوبصورت حقيقت آهي. هڪ انقلابيءَ وانگر هو پنهنجن آدرشن سان قلمي محاذ کان وٺي جنگي محاذن تائين پَدَلُ آهي. تاجل لاءِ لکڻ هڪ خوراڪ مثل آهي. غور سان ڏسنداسين ته هن جي قلم کي زبان به آهي. جي نٿو لکي ته قلم شور ٿو ڪري. هي سامراجي قوّت جون پاڙون اُکيڙڻ ٿو چاهي.

هي هنڌ لکي ٿو :-

"تون ته پهاڙ جي چوٽيءَ تي ويهي، انقلاب زنده باد"، وارو نظم لکي رهيو آهين، قلم کي پٿر تي رکي چا پيو سوچين ۽ نظم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مان اُن نغاري کي ٻڌي رهيو آهيان. جيڪو سڀ کان پهريائين ٻيگت سنگهه ٻُلند ڪيو هو.... "انقلاب زنده باد" جيڪو اجا به فضا ۾ گ ونجي رهيو آهي.

رشيد ڀٽيءَ جي موت تي تاجل فرمائي ٿو : تخليقار جو موت، موت تي شڪست آهي ۽ فنا، بقاکي جنم ڏئي ٿي:-

1) ”ريچ ڪانپوءِ زمين جو هر - ڦارلائق هجڻ
زندگيءَ کي جنم ڏنو آهي،
تخليقار جو هٿ
مٽيءَ ۾ مٽي ٿي چڪو آهي
پر اُن هٿ جي تحريرن
علم ۽ شعور جون
هزارين مشعلون روشن ڪيون آهن
فنا، بقا کي جنم ڏنو آهي
موت، شڪست جو اعلان ڪيو آهي
۽ زندگي
هناج بڻجي
سنڌو جي لهرين تي لٿي آهي.“

پاپ ۽ پڃ تي تاجل جو فلسفو :-

1) ”نڪا پاپي پرٿوي، نہ ڪنهن آسمان،
ازل کان انسان، آهن پاپ پڪيئڙا!

تاجل، آشا، جو پلاند ڪڏهن بہ ڪونہ ڇڏيو :-

2) ”حوصلو هر گهڙيءَ پيو اُجالا ڪيي،
آس اونده ۾ پئي تيز شعلا ڪيي،
سرخ ڇمرِن منجهان باک ڦٽندي رهي-
واٽ ٺهندي رهي.“

پنهنجي شاعراڻي نثر ۾ تاجل هڪ هنڌ لکيو آهي :-

١) ”اي انسان جا ٻچا! تون جيڪڏهن ڪنهن دکي انسان جي دکن کي ڌوئي صاف نٿو ڪري سگهين، تہ پوءِ ڪنهن کي ڏکوءِ بہ نہ.“

٢) ”منهنجي محبوبا!

تون تيسيتائين مون تان زلفن جي ڇانوَ نہ هٽاءِ، جيسيتائين منهنجا عُمر ڀر جا گناه ڌوپجي نہ وڃن.“

● ● ●

3) ''آءُ تہ چمن جي سونهن وڌايون،
گُل سان پنهنجو پاڻ پُڄايون.''

4) ''ڪينجهر ۽ ڪارونجهر وارا، مياڻيءَ مڪليءَ وارا،
دوله درياخان جا ساٿي، هو ڏس! هيمون پارا،
هوشوءَ وارا پَلئہُ وٺڻ، هر هاري ناري آيو آ.''

5) ''دودي کيو وار،
ڪيڏو اڄ ڪلهن تان
لهي پيو بار!''

6) ''آءُ ڪريون تخليق،
آزاديءَ جي قلم سان
ٻاڙهي پائي ليڪ.''

7) ''صليبي سينگار،
ماڻهو هن صديءَ جو
تاريخي ڪردار.''

8) ''هيمون ڪالاٽي،
لکيل لوح قلم ۾
نانڪ جي ٻاٽي.''

9) ''ماڻهو ماڻهو گهايل آهي،
سارو ڏيہ ڏکايل آهي.''

هاڻي هڪ قطعو :-

10) ''جڏهن اڄ جو شاعر ڪو ڦاسيءَ چڙهي ٿو،
انگورن جي ول ۾ ڦٽي سو پويٺو،
جنهن مٽيءَ پنوڙي جي هيٺان اچي ٿو،
تنهن مٽيءَ کي ماڻهوءَ جي صورت ڏيئي ٿو.''

تاجل هڪ نثري نظم ۾ لکي ٿو :-

''مان سامراجي قوّت جون پاڙون اُکيڙي رهيو آهيان ۽ تون ارغونن سان وفادار هئڻ لاءِ قاضي قادن جي روايت کي ورجائي رهيو آهين. چون

''سنڌ منهنجي امان''، شاعريءَ جي ڪتاب جي مهاڳ ۾ تاجل لکي ٿو :-

''جڏهن ارغوني ٿو لا منهنجن ماڳن تي اُتر کان يلغار ڪندا آهن، اُن وقت مون کي شاعر ٿيڻ سان گڏ، ڄام نظام به ٿيڻو پوندو آهي. جڏهن ننگر ٺٽي تي چڙهائي ٿيندي آهي، تہ اُن وقت مون کي ڄام بابينو بہ ٿيڻو پوندو آهي. جڏهن سنڌ جي ڪيتن کي، لانگ پوڻن سان لتاڙيو ويندو آهي، جڏهن سنڌ جي زمين ۾ ڪئا ۽ ڪيون بورنگ ڪري، ڪُنَاڪر ڪيي پرڙ ۽ سرنگهيون جوڙيندا آهن، اُن وقت مان تہ ڇا پَرَ هِنَ ڌرتيءَ جي جهونڙن ۽ وقت کان الڳ جُهڙي پوندڙ تخليق ڪارن - جمال ابڙي، ابراهيم جويي، گ رداس واڌواڻي، ۽ اياز - جي ڏڪندڙ هٿن مان ڪِريل قلم بہ لکڻ شروع ڪندا آهن. پوءِ بہ مون کي ڇيو ٿو وڃي تہ مان ''ماءُ جي هنج''، تي نہ لکان..........''

تاجل جو سنيهو :-

> 1) **''مَرُ تہ ورهائن مالهٽيون**
> **گهر گهر ڳاڙها گل، ڳائي ڳيچ بسنت جا.''**

گل بہ هن لاءِ انقلاب جو پيغام آهن.

> 2) **''ڦٽي پيو گلاب، لهندي ساڄ سمونڊ ۾**
> **اسان انقلاب، اُٿندي ڏٺو اَڄ تي.''**

تاجل سُر ڪاهوڙيءَ ۾ چويٿو:-

> 1) **''اُتَ تہ ٿئين آڱڙيو، وَڏُ تہ ٿئي وار،**
> **ڏوٿي! تنهنجي ڏيہ تي، بُرو آهي بارَ،**
> **اُٿي مرِون مار، جي تو سانگو سوپ جو.''**

ڪوتا جي الڳ الڳ صنفن ۾ سندس انقلابي خيال پڙهو :-

> 2) **''ڪنهن کان جڏهن ڪو ڳره کسي ٿو،**
> **بيوس ڪنهن کي بک باڇي ٿو،**
> **آءُ تڏهن، پيو پيٽ بکين لئہ،**
> **سنگر ٻُور سٽيندو آهيان.''**

تاجل وٽ شاعري اهڙي سياويڪ نموني اچي ٿي، جيئن وڻ تي
پنّ سهج سڀاوَ ايندا اهن. تاجل زندگيءَ جي آزمودن ڏانهن، حقيقن جي
سچائيءَ ڏانهن، ۽ پاڻ ڏانهن پورو پورو ايماندار آهي.

”تاجل جي شاعري پڙهي مون کي ڪرشڻ راهيءَ جا ڪي ڪامل
ڪلام هيانو ۾ ڦرن ٿا :-

1) ”حياتيءَ جو سفر ڪنهن هڪڙي منزل تي نہ طئہ ٿيندو،
هميشہ جستجوءَ ۾ زندگيءَ جو ڪاروان هوندو.“

2) ”جيئڻ مرڻ جي ڪشمڪش ئي راز آحيات جو،
حيات ۾ حيايتِ جاودان جي نہ ڀَالہ ڪر.“

تاجل منصور تہ آهي پر سقراط بہ آهي. ڏسو ڇا ٿو چوي :-

1) ”اسانِ وقت جا وير منصور ميان،
ڪيئي بار مرندا ۽ جيئندا رهون ٿا،
رڳو هڪ پيالو هو سقراط پيتو،
اسان جامَ تي جامُ پيئندا رهون ٿا.“

2) ”جنهن وقت گهرايو تہ هليا ايندا سين،
محفل ڪي مچايو تہ هليا ايندا سين،
هي ميڙ خوشين جا تہ سوين بار ڏسون پيا،
سوُري تي سڏايو تہ هليا ايندا سين.“

قطعا

●●●

ٿا پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريزن کي شڪست کان بچائڻ لاءِ، ننڍي کنڊ جي ست لک رنگروٽن مان - ساڍا ٽي لک رنگروٽ - تڏهن ڪي پنجاب مان ڀرتي ٿيا ها.''

منشي پريمچند تہ ساهت کي، ''بغاوت''، جو نالو ڏنو آهي. اڄ جو يگ آهي اکرن جو يگ. اکر بندوق کان وڌيڪ طاقتور آهن. قلم تلوار کان وڌيڪ شڪتيشالي آهي. ليکڪ کي زندگيءَ لاءِ ڪو نظريو، ڪو مقصد، هئڻ کپي، نہ تہ لکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ قلم کي زبان بہ هوندي آهي! شاعر تاجل جي ذميواري پنهنجي ضمير ڏانهن آهي.

"تاجل سور ڪائي شعور پاتو آهي ۽ سور سهڻ ڪانپوءِ ئي وجود کي ڇاتو آهي. تاجل کي پڙهي مونکي نارائڻ شيام جا ڪي شعر ياد ٿا اچن :-

1) ''سور ڪائي شعور پاتوسين،
زندگي ڀرجو سور پاتوسين.''

2) ''سور پرائڻ بعد ئي لکيم پنهنجو وجود
اُن کان اڳ پاڻ کي سمجهيم هست نہ بود.''

تنقيد تي تاجل جو رايو :-

''اُهو ادب جيڪو تنقيد کان آزاد آهي، وانجهو آهي، سو ادب ناهي. دنيا جو ڪوبہ ڪوي، فن جي بُلنديءَ تي پهچي نہ سگهيو آهي، جيستاءِ کيس ڪو سچاڻ نقاد نہ مليو آهي. شاهہ کي ڳربخشاڻي، سورلي، ۽ ٽرمپ، جهڙا نقاد ۽ پارکو مليا جن تي اڄ بہ سنڌي قوم کي فخر آهي. جس آهي پارتي سنڌي اديبن کي، جيڪي تنقيد جي مهاڀاري حملن کانپوءِ بہ لکڻ ۽ مُرڪڻ سکيا.''

ساهتيہ زندگيءَ جي تصوير، تصور ۽ تنقيد آهي، اُن ڪري ساهتيہ تي بہ تنقيد هئڻ جائز آهي. شاعريءَ کي عظيم فن ٿو ڪوٺيو وڃي ۽ ڪوٺيو وڃي ادب لطيف! شاعر پنهنجي شعرن ۾ لڪل هوندو آهي. لکڻ آهي اکرن ۾ ڳالهائڻ.

۾ اياز جي هر اَدا مون کي محبوب جي اَدا لڳندي هئي، سواءِ اُنهن چوڙيل شوشن جي جن ۾ ڪي پرستار، ''ثاني ڀٽائي'' جو ورد وظيفو پڙهڻ لڳندا هئا.

اياز، جڏهن ڪراچيءَ لڏي آيو ته اسان ٻه هڪ ٻئي کي ويجهو ٿيندا وياسين. ''سنڌ منهنجي امان''، ڪتاب جو مهاڳ اياز لکيو. اِها سوکڙي منهنجي لاءِ مقدس آهي. مان پنهنجي مزاحمت جوڳي سياءَ ڪري، سينئر قلمڪارن کي ''اُستاد'' به سڏيندو آهيان، جنهن ۾ اياز شامل آهي. ''ڪَنڌيءَ ڪَونر ڦَرن''، ۾ وڏو حصو آزاد نظمن جو آهي، جي اياز جي سنگت ۾ رهڻ دوران ئي مون لکيون آهن.

''ڪَنڌيءَ ڪنور ڦَرن''، آءُ اياز جي نانءِ ٿو ڪيان. مون کي اياز لاءِ ايتري عزت آهي، جيتري لطيف کي ميوَن شاه عنات لاءِ ۽ ميوَن شاه عنات کي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعريءَ جي باني قاضي قادن لاءِ هوندي.''

1982 ۾ پنهنجي ڪتاب، ''جڏهن پونءِ ٻٽي''، شاعريءَ جي ڪتاب ۾ تاجل، اياز کي مشورو ڏنو آهي.

ڪتاب ۾ مشورو لکڻ بابت لکي ٿو :-

''منهنجي مشورو لکڻ جو خاص مطلب هي آهي، ته بجاءِ اسين - جهونڙا ۽ نوان شاعر هڪ ٻئي کان نفرت ڪريون، اُن بدران اڳتي وڌڻ لاءِ سوچون ۽ عمل ڪريون. شيخ لاءِ مونکي ايڏي عزت آهي جيتري هڪ مهاڪويءَ لاءِ هئڻ گهرجي. اسين ٿا چاهيون ته شيخ اياز جي تخليق ۽ سندس واڪاڻ جوڳي Contrirbution کي ڳنڍ ۾ ٻڌي سکر واريءَ پل تان مهراڻ جي موجن حوالي ڪيون. اسين شيخ اياز کي وچ ۾ بيماري، وڏائڪ ڏيون ۽ شيخ کي به گُهرجي ته هو پنهنجي نرڙ جي ڳهنڄن کي ڦرهيءَ جي ميٽ وانگر ميٽي ڇڏي، جيئن هرڪو ائين چئي سگهي، ته شيخ اياز شاعر ته پلوڙ آهي، پر ماڻهو به لاثاني آهي.

''وڏاوڻ وٽڪار جا''- شاعريءَ جي ڪتاب ۾ اياز ۽ تاجل، ''بيت ۽ وايون، گيت ۽ لوڪ گيت، ۽ پرڏيهي صنفون ترائيل ۽ هائيڪو''، پيش ڪيا آهن. گڏي ڪتاب ڇپائڻ جي روايت هند ۾ به آهي. نارائڻ شيام ۽ هري دلگيرجا ''ماڪ ڦڙا'' ٻنهي جو گڏيل ڪلام آهي. چون ٿا سنڌ ۾

14

''وڏا وڻ وڻڪار جا''

پنهنجي ملڪ جي مٽي ۽ ماڻهن، ماتا ۽ ماستر صاحب، ڪانپوءِ تاجل تي، شاهه لطيف ۽ شيخ اياز، جي شاعريءَ جو وڏو اَثر آهي. عمدو ۽ عظيم شاعر اياز جڏهن ڪراچيءَ اچي رهيو، تڏهن ته هنن پنهنجي شعور وارن شاعرن جون ڪچهريون سچي سچي رات هلنديون رهنديون هيون. شاعريءَ جي حسن ۽ هيڪار، سچ ۽ سونهن تي هنن جون لاتيون ۽ ٻاتيون، جي هنن تارن ۽ ستارن جي ڪَتَ هيٺيان ويهي ڪيون هيون، اُهي اڄ به سنڌ جي ماحول، مٽي ۽ ماڻهن جي دلين تي اُڪريل آهن. هڪ شاعريءَ جو ڪتاب ''وڏاوڻ وڻڪار جا'' هنن گڏجي ڇپايو آهي.

پنهي تي سنڌ جي عظيم شاعر شاهه لطيف جي شاعريءَ جي مهر ۽ ميا رهي آهي. تاجل ته ڪن ڳالهين ۾ اياز کي اُستاد ڪري ٿو مڃي. اياز لاءِ وري شاهه لطيف مُرشد آهي.

هنن پنهن ذات ڏٺين ۾ مون کي سنڌ جي قديم ۽ جديد شاعريءَ ۽ موضوعن جو سنگ ۽ سنگم مليو ٿو. هي نه صرف سنڌ جي هلندڙ دور، پر ايندڙ دور جا به شاعر آهن. هنن اَڻ ڏٺي کي ڏِٺو، اَڻ ٻُڌي کي ٻُڌو ۽ اَڻ پسي کي پسيو آهي!

تاجل، شيخ اياز جي باري ۾ لکي ٿو :-

شيخ اياز سان منهنجي پانهن پڌڻ جي واٽ کي چڱيڙو عرصو گذريو آهي. سٺ واري ڏهاڪي ۾ ته اياز جي شاعريءَ مونکي موهي وڌو. پٽائي ۽ اياز جي بيتن ۽ وائن جي رم جهم سالن تائين قائم رهي ۽ مان پرپات ويلي اُن وڻڪار ۾ گل - پاٽيون به ڏسي وٺندو هوس. اُن زماني

3) هائيڪو :-

1) ”ڳهنڊ وڇي، بيٺا
ڳينڊي جاڳلواءِ ۾،
ڇڙ تہ رڇي بيٺا.“

2) ”اُڏري ويو، ڳيرو
لڙڪي پيو، لام تان
اجان آڪيرو.“

3) ”ماٺ اڳي جيئن مور تي،
بادل سپ وتڙي ويا،
ڪارونجهرجي ڪور تي.“

4) ترائيل :

”نہ هئين شعر لڏو مينهن جيئن اڳ ڪنهن تي،
مدام نانہ حياتي اجا لڪي وٺ ڪاڇه.
ملي ويو نہ ڪڏهن آهہ هيئن دڳ ڪنهن کي،
اُجار هيئن تہ وِرلي ڏئي ٿو جڳ ڪنهن کي.
سليو نہ سونهن اڪين آهہ سارو جڳ ڪنهن کي،
اجا بہ جيءَ ۾ جهاتي، اجا لڪي وٺ ڪاڇه!
ڪيو نہ مات ڪڏهن ائين اڳ مڳ ڪنهن کي،
نہ هيئن شعر لڏو مينهن جيئن اڳ ڪنهن تي.“

5) لوڪ گيت :-

”پل تون ڳڄ نہ ڳجريون آڻ،
پل تون ٻي ڪا مومل ماڻ،
منهنجي ڪا نہ ڪڍين ٿو ڪاڻ،
روئي رڇ پرينديسانءِ!“
الا! مان اُڏري وينديسانءِ!

تاج جوئيءَ ايازگل، جي گڏيل ڪلام جو تجربو ڪيو ويو هو. هن ڪتاب ۾ ڏنل ڪلام اڳ ۾ ڇپيل آهي پر اياز جا هت ڏنل ''هائيڪو'' جنهن ڪي ٽه - سٽا يا ٽيڙو به ڪوٺن ٿا، اُهي بلڪل نوان آهن. نارائڻ شيام، ''هائيڪو'' کي ''چوڏسي''. ڪوٺيو آهي. شيخ اياز جي هائيڪو جي ڪتاب ''پنچڻ پاڇاڻان''، ۾ ٧٣٢ هائيڪو آهن. اياز ايترا هائيڪو لکيا آهن جيترا جپان جي باشوءَ به نه لکيا هوندا.

' وڏاوڻ وٽڪار'' جو مهاڳ، ''سرجڻهار سنڌ جا''. ستار لکيو آهي. هي صاحب لکيٿو : ''شيخ اياز جتي ادب جي زمين تي 'ٻڙ' جي وڻ مثل ڦهليل آهي، اُتي تاجل بيوس، نم جي وڻ جيان، ٿڌڙي ڇانءَ ڏيندڙ آهي.''

بيت، سنڌي شاعريءَ جي اوائلي صنفن جهڙوڪ دوهو، سورٺو ۽ وائي، وغيره مان هڪ آهي. شاه لطيف دوهي ۽ سورٺي جي ميلاپ سان بيت خلقيو. هن اُنهن صنفن کي شاعريءَ جيعروج تي پهچايو، جيتوڻيڪ دوهو، سورٺو ۽ وائي اڳ ۾ به هئا. شاه ڪانپوءِ وائيءَ کي شاعروساري ويٺا. اياز وائيءَ کي وري ورايو.

اياز :-

1) بيت :-

1) ''صديون رهي سانت ۾، اُڀري ٿو آواز،
ڪيڏيءَ جيءَ ولوڙ سان، جُڙي ٿو هي ساز،
راڳي سارو ساز، ڳاجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي.''

2) وائي :-

1) ''آڳ اجهاڻي ناهي، ڇر ۾ گيت پيا ڇرڪن،
عمر پئي گذري.
گيت اَمرتا آهن، جن کي موت نٿو ماري،
جهرٽا ٻاجهي ڪي شاعر، مون جئن جَهر جَهرڪن،
عمر پئي گذري.

هنن پنهنجي شعور وارن شاعرن، ''هائيڪو''، جي هيڪار سان، اُن جو سنڌيڪرڻ ڪري، سنڌ کي واسي ڇڏيو آهي. ائين ڪونہ ٿو لڳي تہ ڪو هائيڪو ڏاري جپان جي صنف آهي. هنن لافاني فنڪارن جنهن چيز کي ڇهيو آهي، اُن کي سون بڻائي ڇڏيو، پنهنجي ذات، ڏانوَ، ۽ ڏاهہ جي پارس سان.

4) ترائيل

''هيءَ ڌرتي ازل کان ابدجي سفر ۾،
منهنجي لاءِ دنيا ۽ عقبيٰ بہ آهي.
اهائي تہ جنت آ منهنجي نظر ۾،
هيءَ ڌرتي ازل کان ابدجي سفر ۾.
پلي پوءِ وڃ تون قبن ۽ قبر ۾،
جي تو لاءِ ڪافي هيءَ ڌرتي بہ نامي،
هيءَ ڌرتي ازل کان ابدجي سفر ۾،
منهنجي لاءِ دنيا ۽ عقبيٰ بہ آهي.''

5) لوڪ گيت

''متي ماڳ تنهنجو، پلو پاڳ تنهنجو،
ڳائن پاٽ، ڪولهي،
رڳو راڳ تنهنجو، اڙي ڀڄڻ ڀائي!
او اوڏڻ مائي! سانئڻ، سنڌ - ڄائي!''

6) گيت :-

''پياسا پنڇي اُڏري ويندا تاڙي ڪين وڄاءِ،
کهڙا وينو تيل - چڪائين دکندڙ ڌرتيءَ لاءِ،
ميان، تون سمجهي پير وڏاءِ.''

''ڏوريان ڏوريان مَ لهان،'' ۾ جڏهن ''پونءِ بٽي''، واري شاعريءَ جي ڪتاب ۾ ''منهنجو اول، منهنجو آخر''، باب ۾ تاجل فرمائي ٿو :-

6) گيت :-

”ڏس تہ مٿان آڪاش پيو ٿو ڪيڏا ديپ جلائي
هڪڙو گم ٿئي ٿيو نڪري تارن سان راند رچائي
تنهنجو ڏيئو غرق بہ ٿي ويو، جو جڳ کي جرڪائي
دل نہ سندءِ گهبرائي.
پنهنجي جوت جلائي ويو جو، سو ڇا گهبرائي.“

تاجل :-

1) بيت :-

1) ”ڪرڪي ڪپڙا! خاص، ٻالهيون ٻوٽ ڏٿين جون،
اڃا جن جي آسري، آهين تون اُداس،
وڃي رهندوواس ميان پڇاڙا موت جي.“

2) وائي :-

1) ”الاڃو نيڻ ننڊ نٿا ڪن،
آتڻ آڏو اُٺ ڏسي ٿيون،
تاريليون ٽڙڪن.“

3) هائيڪو :-

1) ”کهڙي سوناري،
پرٽيو آهي پٻ تي،
ٻاڙهو سڄ ٻاري.“
2) ”ڇاٽو ٿو ٻولهيان،
اڄ تو ۾ ايترا!،
ماٺهو ٿو ٻولهيان.“
3) ”جي تو وڍيا وَڻ،
مري ويندا مامتا،
ڇانو نہ ڏيندا ٿڻ

15

”تاجل بيوس جي شعر ۾ روحانيت“

تاجل جو مذهب آهي چڱائي، ڀلائي، ۽ سٺائي، هن جي خيال موجب الاهُ رَبُ، انسان ۾ ئي وَسي ٿو. اندر ۾ جهاتي پائي، پاڻ پڇاڻي سگهجي ٿو. فنا ۾ ئي بقا ملي ٿي. فقيري ۾ ئي اميري آهي. هن هميشه انسان جي عظمت ۽ پورهئي جا گيت ڳاتا آهن. هاري ۽ ناري، ڪڙمي ۽ ڪاسبي، پورهيت ۽ پگهر ڳاڙيندڙ، جيڪو پورهيو ڪريٿو، اها بہ هڪ قسم جي بندگي آهي ۽ آهي عبادت!

1) ”ڪولي درپاڪ پڇري جو،
اچي ڪر سير سبحاني،
اندر پَسُ يار جا جلوا،
مٿي ڪر پوش انساني.“

2) ”نہ مسجد ۾ نہ مندر ۾،
نڪي وٽڪار وندر ۾،
ازل کان يار اندر ۾،
رچايو رنگ رحماني.“

3) ”مزو مخفي نہ ميريءَ ۾،
هئڻ بيوس حميري ۾،
فنا ٿي پيءُ فقيريءَ ۾،
بقا جو جام مئخاني.“

هن عظيم شاعر لاءِ هر دل ۾ خدا وسي ٿو. هر عشق هن لاءِ عبادت آهي. جتي ڪڙمي هر پيو کيڙي، جتي مزور پورهيو پيو ڪري، اها جاءِ هن جي لاءِ مسجد آهي ۽ آهي مندر. سنڌ امان لاءِ ، هنجو ڪعبي جهڙو

”مون شيخ اياز کي شاعريءَ جي اُن وڻ ويجهو بيٺل ڀاتو آ، جنهن وڻ تي چڙهي، واس وٺڻ لاءِ پنائي پلاري ويندي ويندي اِشارا ڪيا هئا. آءُ پڻ پيٽ ڏٽيءَ جي اُن واسيندڙ وڻ جي ٿڏڙي ڇانوَ ۾ ويهي ڪاڳ هڙي واس وٺڻ لاءِ آتو ۽ آسائتو آهيان. اياز جي تخليقن ۾ ٻوليءَ جي سونهن، مونکي ائين لڳندي آهي، جيئن ڪنهن ٽرياٽيءَ جي ڳَچ تي ڪاوا - اُنهن ڪاوَن مٿان جو هلڪڙو ۽ ميرانجهڙو ڏُنڌُ چڙهي ويو آهي، اياز ۾ شل اُن ڏنڌ کي اُگهي صاف ڪرڻ جي سگهه پيدا ٿئي.“

”جڏهن پون ۽ بٽي“، ۾ تاجل، اياز کي بيتن ۽ واين ۾ مشورو ڏيندي چويٿو :-

1) ”اجان تون اياز! رکين سَڌَ سرير جي،
ڪوي سونهين ڪينڪي نفرت مٿي ناز،
نئين ٿهيءَ جي نيند جو راڳي! پرک تہ راز،
تو ڪيئن پَرَ پنائيا! چونِ ٿا چؤباز،
وٺ وارو، ڪڻ ساز - تہ مهڪي پون ءِ ملير جي.“ -- بيت

2) ”نئين ٿهيءَ جي نسل کي،
پري پاڪر پاءِ،
پرکي منهنجي پيار کي.“
”اونده منجهہ ”اياز“ ڙي!
نئوُن ڪو ديپ جلاءِ، پرکي منهنجي پيار کي.“ -
وائي

●●●

16
”بيوس ۽ بيوس“

سنڌ ۽ هند جي سنڌي شاعريءَ جو سفر ڪندي مون کي ٻه شاعر مليا جن جو نالو ساڳيو ”بيوس“...(ڪشنچند بيوس (1947-1885) ۽ تاجل بيوس (2008-1938). سنڌي ٻوليءَ جا ٻئي عظيم شاعر ٿي گذريا آهن. ڪشنچند ته جديد دور جو باني ڪري ڳڻيو ويندو آهي. هي ٻئي سهڻا سرجڻهار، شاهه لطيف وانگر، طلب جي تنوار کان پري هئا ۽ ٻنهي، پنهنجيءَ فن شاعريءَ جي پوري پوري پرورش ڪئي. سنڌي تهذيب ۽ تمدن جو، اهڙو ڪو انگ نه آهي جنهن تي هنن ٻنهي فنڪارن، قلمڪاري، چترڪاري، چٽ ڪاري، نه ڪئي هجي ! هي ٻئي ڏات ڏٺي، شاه لطيف جا شيدائي هئا. هي ڪومل ڪوي ڪنهن جو دک سهي نه سگهندا هئا. ٻنهي، هارن ۽ نارين، ڪُڙمين، مزورن ۽ محتاجن، پورهيتن ۽ پيڙتن، غريبن، جي حقن لاءِ پنهنجي قلم واري ڪلا ڪتب آندي. مطلب ته ٻنهي، بيواهن ۽ بيوسن جي، بيوسي پسي پاڻ تي ”بيوس“ نالو ڌريو.

بيوس ۽ بيوس کي پنهنجي ملڪ ، ماڻهن ۽ مٽيءَ سان محبت هئي شاه لطيف جهڙي. اڄ تائين سنڌي شاعري جيڪا حُسن، حُب ۽ هدايت جي شاعري آهي، اها اڄا هلي پئي، هند ۾ توڙي سنڌ ۾. شاه لطيف کان وٺي هندو مسلمان، ٻئي پوٽا هڪ ڏاڏي آدم جا... ٿي رهيا آهن، پر ستيتاليهن واري سيلاب ڪانپوءِ، سنڌي هندو شاعرن کي هند ۾ اچي شرڻ وٺڻي پئي. سنڌي شاعري آهي شيرين ڪلامي.

هي ٻئي بيوس شاعر ڪُل آهن ۽ اُنهن کي خدا اُن لاءِ خلقيو ته اسين سندن شعر جي سونهن ۽ سُرهاڻ ۽ ڪوتا جي ڪايا ۽ ڪوملتا ماڻيون. وقت ڏات جي وڏي پرک آهي... رڳو ساراه فن جي ڪسوٽي نه آهي. هي بيوس شاعر پنهنجو فن ۽ فڪر، ٻه ستون سرجي، پيش ڪري وڃن ٿا. پر مون غريب نثر نويس کي پنهنجو خيال پيش ڪرڻ لاءِ ٻه صفحا کپن. هنن ٻنهي کي

قُرب آهي. جيڪي انسان ٻين جي ڪم اچن ٿا، اُهي ئي چڱي عبادت ڪن ٿا. جيڪو انسان ٻين سان پيار، محبت، سچ ۽ سونهن، ونڊي ٿو اُهوئي انسان، پاڪ ۽ پويتر آهي. هن، ڪڏهن به ذات پات جو ڀيد نه رکيو ۽ هندو توڙي مومن سڀ خدا جا ئي ٻندا آهن.

1) ''هر دل ۾ خدا سان گڏ، ماڻهو ٿو رهائي،
''بيوس'' ڪي تڏهن ئي ته گنهگار چئون ٿا.''

2) ''هر عشق عبادت آهي، مان اهڙو لکت ۾،
ڪٿي حُسن جي دربار مان فرمان اچان ٿو.''

3) ''آءُ بهشت ۾ رحمان سان گڏ رام ڏسي وٺ،
اياز، چندر، خادم، ۽ شيام ڏسي وٺ.''

4) ''اُها جاءِ مون لاءِ مسجود آهي،
مان جنهن جاءِ تي ڪٽڪ - داتو ڏسان ٿو.''

5) ''مان سنڌ جي اَجرڪ وارو اَحرام ٻڌان ٿو،
سنڌو آهي ڪعبو، مان سِر عام چوان ٿو.''

6) ''هٿ ڪنهن جي اچن ڪم ته عبادت جو آرُتبو،
ماڻهو ٿا چون هي به پٽائيءَ کان سکيو ٿم.''

7) ''بيوس تنهنجي سنڌ جا ماڻهو،
ڏاها، پوءِ به ڏکايل آهن.''

8) ''انسان ۾ الاه اسان ڳولهي لڌو آ،
تڏهين ته پنهنجو عشق اسان عام ڪيون ٿا.''

9) ''وحدت توڙي ڪثرت وارو ٻهروپ مٽائي،
اسان پاڻ جي پاڇري ۾ وينا پاڻ ٿا ڳولهيون.''

10) ''ٻج ٿو ٿئي، خدا سان بغاوت جي ڏوه ۾،
پنهنجو به هلندي، هلندي پاڇاتو نه ٿي پوي!''

●●●

٢) ''منهنجي چورائي ويا سٽ،
تنهنجي چوليءَ وارا چٽ.''
٣) ''قسمت واري ڦرهي بيوس،
هرڪو پنهنجي ڀاڻ لکي ٿو.''
٤) ڪنهن ڏنو ٿي پيار ڪنهن پيڙا ڏني،
گيت بيوس جا ائين ٺهندا ويا.''
٥) ''پلي پيو آن بيوس ناهي،
سنڌ سڄيءَ جو مالهي آهي.''
٦) منهنجي گيتن ۽ غزلن ۾
مشعل ٿي انسان اڃي ٿو.''

شاعري ڪندي ،هنن هڪ اهڙي دنيا تخليق ڪئي، جتي اڳي ڪنهن پير نہ پاتو، هي ٻئي سنڌو آهن، ساگر آهن ۽ پهاڇي ويا آهن پاڙن تائين. ٻنهي ماضيءَ کي موٽائڻ لاءِ ۽ جديد دور آڻڻ لاءِ، اڳتي وک وڌائي ۽ مٽ چڪايا، جيون جوت جلائڻ لاءِ. هنن جا شاعريءَ روپي ڪُل اسان جي روح جي ٻُک مٽائن ٿا. هنن جي هيانوَ ۾ هميشه ڪويتا ڪنبو هُرندو هو ۽ ذات جي ڏيه ۾ هنن جو ڦٽ غريبن لاءِ ڪُرندو هو. سنڌ ڌرتيءَ جي و اڳيل ماڻهن ئي هنن فنڪارن کي، وڻ جي ٽنڊڙي چانوَ ڏني. سنڌ جي غريبي پسي هنن جا گهاوَ گهاٽا ٿي پيا، ڪيڏا زخم پراڻا ٿي پيا.چون ٿا، موت نہ هجي ها تہ سقراط کي نئينَ زندگي ڪٿان ملي ها ! ڪشنچند بيوس نہ هجي ها تہ سنڌين ۽ سنڌ کي تاجل بيوس ڪٿان ملي ها ! ؟ ٻئي سڄ ۽ سونهن جا شاعر هئا، مخمور مگن ٿي مستيءَ ۾، هو سچ ۽ سونهن و اري سنڌ جي بستيءَ ۾ لکندا رهيا.

ٻنهي سنڌ چمن جي سڳنڌ، سونهن وڌائي ۽ ڪُل سان پنهنجو ڀاڻ ڀڃايو. چون ٿا شاعر نازڪ خياليءَ کان ڪم وٺندا آهن. اهو سچ آهي. پر هنن ٻنهي بيوس شاعرن، غريبن ۽ ڪسانن، بيوس ۽ پورهيتن تي لکي، فولادي شاعري پڻ اسان کي بخشي آهي، ڏني آهي. ڀڃاڙيءَ ۾ آنءُ، هنن جي اُلفاظن ۾ ئي سنڌن لاءِ اُچاريندس:

''تو ۾ هر دل جي ٽڪڻ لاءِ، ليڻ جاءِ ڪپي،
هر زماني جي غذا، تو ۾ کيڻ لاءِ ڪپي.''

ڪائنات جا ڪوي بہ ڪري ڪوئي سگهجي ٿو.

هن بيوس شاعرن جي ٻولي سنڌ جي ڪنهن ڳوٺاٽي جيان، سادي، سهاڄهي، سرل ۽ معصوم آهي. ٻئي ڪامياب شاعر آهن ۽ هنن جي شاعري جو جسم توڙي روح ،ٻئي ملوڪ آهي، سنڌي زبان جي ٻنهي تخليقارن، سنڌي شاعريءَ جي ڏئي کي روشن رکيو.

هنن جي وڏي ۾ وڏي قوت ذات واري شاعري آهي. هي ٻئي شاعر، شاعريءَ روپي سرزمين جي ماضي ۽ مستقبل آهن.

شاعري، هڪ لطيف فن آهي ۽ هاڻي اچو تہ هنن شعور وارن شاعرن جي شاعريءَ جو لطف ماڻيون :-

ڀيريائين سائين ڪشنچند بيوس. هي صاحب پنهنجي نہ صرف زندگيءَ ۾ اُستاد هو، پر شاعريءَ جي فن ۾ بہ اُستاد هو.

١) ”ذات وحدت کي اچي، جو شوق ٿيو اظهار جو،
حُسن هرڪائڻ لاءِ ڀريو، پاڻ چولو نار جو.“

٢) ”ماتا جي گود، مڪتب اعلي ڪان ڪم نہ آهي،
درڪار.........ڪاغذ، ڦرمي قلم نہ آهي.“

٣) ”اُٿ اُٿي ڇاڻو نظر سان، ڌر نصيب تي نظر،
جا ٻجا پورب پڇم ۾، آهي پورهيت جي پڇر.“

٤) ”آهہ هرهڪ بيت اندر قيمتي رت جو ڦڙو،
ڪير چوندو شعر بيوس، شاخ انگور ي نہ ٿي.“

٥) ”هڪ صديءَ ڪانپوءِ، شايد سنڌ ۾ ڪو ڪو ڪٿو،
شعر خوانيءَ لاءِ گهرندو، شعر بيوس جو ڪتاب.“

سرڳواسي سڳن آهوجا، ڪشنچند بيوس لاءِ لکيو آهي :-

١) ”فن شعر ڪيل قيد هو، نچٽين جي لبن ۾،
صوفين جي سماگر ۽ اميرن جي گهرن ۾،
بيوس ئي اچي تنهن کي، هو آزاد ڪرايو،
جنتا جي گُهرن-گُهرجن جو اظهار بڻايو.“

تاجل بيوس جو تاج آهي شاعري. اچو تہ هاڻي اُن تاج جي سونهن، سوڀيا ۽ سڳنڌ پسون :-

١) ”زماني جو آخر تہ منصور آهيان،
وري دار تي سر ڏيڻ آيو آهيان.“

ماڪ مثل آهي. هنن لاءِ هن رنگارنگي ڪائنات جو ڪو انت نہ آهي ۽ جيون، پاپ ۽ پاپ جي پُڌ آهي. هي ہئي سودائي شاعر آهن ۽ چنڊ هنن جو پيدي آهي.

ڪنهن مظلوم جي بدن تي لهو تہ ڇا هو ڪنهن جي اک ۾ ڳوڙهو بہ ڏسي نہ سگهندا هئا.

هنن جي شاعري چومکو ڏيئو آهي، جنهن کي ڪوئي واچوڙو وسائي نٿو سگهي. هي هميشه حق ۽ انصاف لاءِ لڙيا.

هنن شاه جي ستن سورمين ۾ نئون ساه ڦوڪيو آهي. هنن سنڌ جي مٽيءَ کي مٽيا ڏني ۽ اُن تي گيت ۽ غزل، وايون ۽ آزاد نظم، هائيڪو ۽ ترائيل، بيت ۽ ڏوهيڙا، وغيره لکيا. هنن جا گيت ۽ غزل، بيت ۽ وايون، موت کان ڏاڍا آهن ۽ اُنهن کي ڪير بہ ماري نٿو سگهي. هنن، سسئي ۽ سهڻيءَ، نوري ۽ ڪينجهر، ڏت ۽ ڏوتي، تر ۽ ٻر، لس ٻيلو، ڪيرٿر ۽ پهاڙ، چنگ ۽ چپ، همرچي جو ويلو، ون ۽ واس، سُڳنڌ ۽ سنگيت، ٻير ۽ ڪيڙ، لوَ ۽ ڪنڌيون، ڪتيون ۽ راتو... اُنهن کي وري جيئاريو.

هنن جو روح اُها چولي هئي، جنهن ڪچ ۽ ڪوڏيءَ کي ٽُڪي، چنڊ کي چمڻ لاءِ اُپار پري !

هنن جي باڊليئر وانگر بادلن سان محبت هئي... جڏهن بادل برسيا تہ هنن هنج وانگر ٽبي ڏئي موتي ميڙيا.

هنن خيام جي رسُ ۾ ميرا جا ڳوڙها ملائي پيتا. هي نہ دهريا هئا نہ ناستڪ هئا... هي سنڌ جي سرزمين جا ماضي ۽ مستقبل هئا. سنڌ جي پيڙا، هڪ اٿاه ۽ اجهاڳ سمنڊ آهي ۽ هوُ اُن جي اوندهين لهرين ۾ لڙهيا، سنڌ جو لوڪ ادب، هنن جي پنهنجو ادب آهي. هنن جي شعور واري شاعري ۽ ڪومل ڪويتا، سنڌ جي گلاب جي گُلن ۽ پپل، سرنهن ۽ نم جي وڻن جي لامن ۾ لتڪيل پڪين مثل آهي.

هي ”قطب نما“، وانگر بہ آهن... جنهن، راه ۽ رستو ڏيکاريو، سونهن ۽ سچ هنن جي شاعريءَ جي ٻن پاسن مثل آهن. هنن جي شاعري، اُن ڪيپ مثل آهي، ڪُٿي ئي نٿي ! هنن جي شاعري قديم ۽ جديد شاعريءَ جو مهراڻ آهي.

هنن پنهي ڏات ڏٽين، ڪڏهن بہ پاڻ کي تنها محسوس نہ ڪيو. شاعري... ڪنوار ڪويتا.... ئي هميشه هنن جي ساٿي هئي ۽ تارا ۽ ستارا هنن جا سنگتي هئا. هنن جي ڪويتا ۾ اُها سادگي آهي، جا سادگي، آگ ۾ هوندي آهي.

موت هنن جي مستقبل جو انت آڻي سگهندو آهي، پر هنن جي ماضي، اڳ ۾ ئي موت جو انت آڻي چڪي آهي ! هنن لاءِ موت هڪ موڙ آهي، رستي جي پڄاڻي نہ آهي... هو جو موڙ تان مُڙي ويا

17

”تاجل بيوس ۽ شيخ اياز“

سنڌي زبان ۽ سهڻيءَ سنڌ جي هنن ٻنهي شاعرن جي ذميواري پنهنجي ضمير ڏانهن هئي... سنڌ ڏانهن هئي. هنن ٻنهي فنڪارن جو ڳهرو اڀياس ڪرڻ کانپوءِ، آنءُ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ هنن جي شاعري، سنڌ جي پيڙا جو پرلاءُ آهي. هنن ٻنهي ڪلاڪارن، شاهہ لطيف کي ساڻ ڪري، سنڌ جي ماضيءَ ۾ ٽپيون هنيون ۽ مستقبل ڏانهن اُڏاڻا. ڏات ئي هنن جي عظيم قوت آهي ! هنن جي شاعري، فنڪار وان گوگ جي مصوريءَ مثل آهي. هي ٻئي سنڌي زبان جا عظيم شاعر آهن... سنڌ آهن..سنڌ کي ڪوئي ماري نٿو سگهي. ڪڏهن ڪڏهن هنن جي شاعري ڪامڻي وش ڪنيا وانگر بہ هئي... بندگي هئي... نجات هئي. سنڌ، هنن ٻنهي کي پاڻ وانگر اجيت بڻايو آهي. چاڪاڻ جو هنن جي ذميواري انسان ذات ڏانهن آهي، هنن شاعريءَ روپي شعلي کي مشعل کيو. امر ۽ ابد بڻايو آهي.

هي عظيم سرجڻهار پنهنجي دور کان اڳہ پيدا ٿيا. چاڪاڻ جو اڄ بہ هنن کي ياد ڪيو وڃي ٿو. هنن جي تخيل، سنڌ جي مياڻ مثل آهي. سنڌي پونرن وانگر. هنن گُلاب جي گلن تي مڙندا آهن. هنن جي راڳہ ۾ روح هو ۽ روح ۾ راڳہ هو ۽ هنن جو مذهب هئي شاعري. هنن اڻ ڳاتي کي ڏٺو، ۽ اڻ ڏٺي کي ڳايو. هي چڪور هنا ۽ شاعري سندن چنڊ هئي. هنن جو تصور مئخانو آهي ۽ هنن جي دم سان مستي زنده آهي.

ڪڏهن ڪڏهن آنءُ سوچيندو آهيان تہ ڪير ذياده حسين آهي... هنن جي شاعري يا هي فنڪار ؟ جواب ملندو آهي هنن جي فن جي سونهن، هنن جي سونهن آهي ۽ هنن جي فتح، هنن جي فن جي فتح آهي. هنن جا پُرڪشش واقعا... انگور جي داڻن مثل ،هنن جي روح ۾ رچي، شراب ٿي نڪرن ٿا. هي شاعر ۽ هنن جي شاعري ،گُل

18

''شاهہ لطيف تي تاجل بيوس جا شعر''

''شاه جو رسالو منهنجي لاءِ اُهو ڪتاب آهي، جنهن ۾ مونکي زندگيءَ جي هر رخ جا چُرندڙ پُرندڙ عَڪس ۽ ڪِردار پئي ڏسڻ ۾ آيا آهن.''

1) ''تو وٽ آهن ڪيت ڀٽائِي،
منهنجي ڪِوتا ڪَيرو آهي.''

2) ''ازل ۽ ابد جا پيو راز کوليان،
تہ چئبو ڀٽائي جو ديوان آهيان.''

1) ''ڏس تہ! ڀٽائيءَ کي اک بند ڪئي ڪيڏا سال گذريا آهن ۽ پوءِ بہ سندس هر سٽ اڄ واري وقت ۽ وايومنڊل لاءِ لکيل ٿي لڳي.''

2) رات ڀٽائيءَ سڏائي چيو: ''ڇا تون منهنجي تنبوري جي تارن تي، مون وانگر آڱريون رکي، سارنگ ڇيڙي، ٿر تي مينهن وسائي سگهندين؟ ڇا تون قتل ڪراڙ تي ڪِڙيل ڪنوَل ٽُلن جهڙيون وايون جوڙي سگهندين؟ پٽ! مان ٽڪجي پيو آهيان، اٿئي ڪو ڀوڳو ڀارتو تہ واه، نہ تہ اهو ڪم مان سنڌ ڌرتيءَ جي مڪ ڀيئي سمنڊ جيڏي گهري ۽ گنڀير شاعر کي ڏئي ڇڏيندوسانءِ.''

ڀٽائِيءَ ڏانهن تاجل جا بيت ۽ وايون :-

1) ''تو وٽ ڪيت خماريا، مون وٽ ڪاڇي ڪَڻِ،
مِٽي ماڪيءَ ڀانئيان، جاتو پياري جَهڻِ،
اَڇي تو آسڻ - ڇِتيم چوڙا ڪاڇ جا.''

2) ''مون وٽ ٻوُها ٻار جا، تو وٽ ڪيتَ ڪَرا،
ڪٽي وينُس ڪيپ ۾، ڇِڪڻ منجهہ ڇَرا،
مون وٽ ڪَيت ڪُرا- تو وٽ گُل گلاب جا.'' - بيت

3) ''ڀٽ - ڌڻي! ڇو تنهنجيون وايون،
بَرَ ۾ ٿيون ڀٽڪن،

آهن، اسين سنڌي هنن جي پيرن جو پرلاءُ ٻڌون پيا. هي راهي ڳم نٿا ٿين، رستو بہ نٿو ڪٽي... رستو بہ سچ آهي ۽ هي راهي بہ سچ آهن... جنهن وقت ڌرتيءَ تي شاعر نہ رهيا، اُن وقت قيامت ايندي. قوميت کان وڌيڪ هنن ڪوين جو ڪردار انسانيت ڏانهن جهڪيل هو.

هي شهسوار شاعر سپنن جا سوداگر هئا پر هنن جي خوابن، حقيقت جي تلاش ڪئي ۽ حقيقت تائين رسي حقيقت کي نئين معني بخشي آهي. هنن جا ٻول ئي هنن جي گيتن جي جان آهن. سُر پاڻ ئي ٺهندو آهي... گيت کان الڳہ سُر ڪا چيز نہ آهي ۽ سُر فقط گيت لاءِ ئي هوندو آهي.

هنن شعور وارن شاعرن جي خيال موجب شاعر انسانيت جي موت کان اڳہ ۾، مري ويندا آهن. اوهين ڏيان سان جيڪڏهن هنن جي، ڪومل ۽ قوت واري ڪويتا، پڙهندءُ تہ اوهان کي ائين محسوس ٿيندو تہ ڄڻڪ ڪنهن ازلي ڪاتب، اِهي ڪويتائون لکيون آهن ۽ هنن اُتاريون آهن. هي پکين مثل هئا، جن شاخن تي ويهي پنهنجيون ڪويتائون ڳايون.

هي عقابي شاعر، اُنهن سنڌين سان بہ مخاطب آهن جي اڃا تائين نہ ڄاوا آهن. هنن اُهي بہ سڀ بيت لکڻ پئي چاهيا جي شاه لطيف کان لکڻ رهجي ويا.

مان پنهنجي ادبي ڪسوٽيءَ مان معلوم ڪري سگهيو آهيان تہ هنن جي ڪويتا ۾ ڪابہ قيمت مليل نہ آهي. هنن جا خواب، هڪ ڏينهن لاءِ بہ نکما نہ رهيا. هنن ٻنهي موڪيءَ جي وڻہ جون وڻيون پيتيون، تڏهن تہ مهڙي ڪويتا ڪري سگهيا. جڏهن ڪينجهر هندوري مثل لڏيندي هئي، تڏهن هيءَ ٻئي ڪويتا جي قرب ۾ ڪُسندا هئا. هو انقلابيءَ کان وڌيڪ اهم هئا ۽ آهن.

شاه ۽ شيام، شيخ ۽ تاجل جي شاعري پڙهڻ کان پوءِ آنءُ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان، تہ هنن جي ڪومل ڪويتا شعور واري شاعري، ازل ۽ ابد جي وچ تي پُل آهي.

•••

19

"تاثير واري تاجل جي شعر ۾ موسيقي"

شعر ۽ موسيقيءَ جو پاڻ ۾، روح ۽ جسم وارو لاڳاپو آهي. خاص ڪري غزل ته هڪ راڳ واري صنف ڪري ٿو ليکيو وڃي. شعر اُهو، ڪويتا اُها، جا ڳائڻ تي دل ٿئي! اچو ته تاجل جا شعر ڳائيون :-

١) "ڪيڏي قوه جواني گذري، ٢) "ماڙين ۽ محلن جي پويان،
چوري ريگستاني گذري." مزدورن جي ماني گذري."

٣) "ٿَرَجي پيرُن پلڙن جهڙي، ۴)"وڳا ويس پهري وسڻلاءِ "بيوس"،
صورت ڪا انساني گذري." گهڙي ڪن گهٽائون ڪٽي آيو آهيان."

"ڪولهڻ! تنهنجي ڪام،
جهڙي باک بسنت جي.
چڻ پڪل ليار جي، لڙڪي آهي لام،
جهڙي باک بسنت جي.
مون کي ڪري مات وئي ، اُره جي اُڏامَ،
جهڙي باک بسنت جي."

لئہ، تال، موسيقي، راڳ، اِنسان، پکين کان سکيو ....

انسان جو رچيل قديم ساهتيہ بہ، نظم ۾ آهي، نثر ۾ ناهي! گنگنائڻ مان ئي گيت پيدا ٿيا ۽ قدرت ۽ انسان جي سونهن مان، سنگيت.

1) "سنڌ منهنجي امان! سونهن تنهنجيءَ مٿان،
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان؟
هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان؟
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان؟
شل تنهنجيءَ ئي ڪُک مان پيو هرهر جمان،
کير تنهنجو پيان، وَيرُ تنهنجو وٺان."

اڄ بہ هي گيت تاجل جو، نہ فقط سنڌ پر هند ۾ بہ ڳايو ويندو آهي.

الا، ڇو نيڻ نٿا ننڊ ڪن!
الا، ڇو نيڻ نٿا ننڊ ڪن!" - وائي

شاھ لطيف تي ھڪ قطعو :

1) "پٽ ڏٽيءَ ۽ لال جا سڏڙا سُٽي،
ڪارڙا ۽ ڪوجھڙا جاڳي پيا،
چاڻ ٿو مانگر مڇن جو اَنت ٿئي،
ماءُ! تنھنجا مورڙا جاڳي پيا."

شاعراڻي نثر ۾ اچو تہ تاجل جو، شاھ لطيف سان وارتالاپ پڙھون :-

1) "ھڪ ڏينھن ڀٽائيءَ چيو : پُٽ! توکي کھڙي کُٽيءَ کنيو جو آيو آھين منھنجو شاگرد ٿيڻ ؟" / ٻاچيءَ ۾ ور وجھي چيومانس : / "مان اُھو گستاخ ۽ مَ ڇڏو شاگرد آھيانءِ / جيڪو سواءِ شاگرد ٿيڻ جي واپس / ڪڏھن بہ موٽي نہ ويندو." پڇيائين : "نالو ڇا ٿئي؟" / چيومانس : / "نالو ڪنيات، پيءُ جو نالو ڪامود، ۽ ذات / جو ڪاھوڙي آھيان." / "شاباس!" / پڇيائين : / "سچ چئي ڄاڻين؟" / وراڻيم : / "ھائو، مان سنڌي آھيان، / ابن ڏاڏن کان وٺي / سنڌ جو رھاڪو آھيان ۽ سنڌوءَ جو پاڻي / پيئندو آھيان." "شاباس!" / پڇيائين : "پٽڙا! / پيو بہ ڪو ھنر ڄاڻندو آھين؟" / وراڻيم : / "ھين جي آڏو ھٿ ٽنگڻ بدران سنڌ جي وٽن مان ڏُٽ چونڊي بہ گذر سفر ڪري ڄاڻان / اوڇڻ نہ ھوندو اَتم تہ پاھڻن تي پاسا / ڪوڙي، قرار جون ننڊون ڪندو آھيان." / "شاباس!" / پوءِ ڀٽائي کِليو ۽ مونکي پنھنجي اوتاري ۾ / وٺي ويو. ڏسان تہ اُتي مون کان اڳ ۾ ئي ھڪ گنڀير شاعر ويٺو ھو، / جيڪو ھڪ / وڏو ھندي پستڪ پڙھي رھيو ھو."

2) "منھنجا دوست !

ڀٽائيءَ جي جُتيءَ ۾ پير پائڻ ڪا ٻُري ڳاله نہ آھي، پر ڀٽائي سڏائڻ ٻُري ڳاله آھي، جيڪڏھن تون ائين ڪندو رھندين تہ پوءِ تنھنجي ذات جي عقاب کان پنھنجي اَصلي اُڏام وسري ويندي، اِئين جيئن مورجي ٽور ٽلندي، ڪانوَ کان پنھنجي چال وسري ويندي آھي."تاجل لاءِ شاھ جو رسالو سندس محبوبا جي ٻِلن مثل آھي، جنھن کي ھو روز نيم سان چمندو آھي:-

1) تنھنجا ٻِل گلابن جھڙا، چمندس روز رسالي وانگر

• • •

ڇا لکي ڇا لکان.''

اڄ بہ هند ۽ سنڌ ۾ ڳايو وڃي ٿو.

بيوس فرمائي ٿو :

''مان وڪڻي ڳيت بزار ۾، هڪ داڻ لڳائي ويٺو هان!
منهنجي شاعري، مٽزئي مهڪار، سَوُڪري سينگار، ڳُجر ويٺي ڳيت ۾''.

ڪويتا راڻي وري کيس چوي ٿي : ''تون جذبن جو خالق، مان ڪوتا جي راڻي، ساڃي سونهن منهنجي - ڦُري وَٽُ ڦري وَٽُ. جڏهن تو گهرائين، - اَڃان ٿي اُڏاڻي. تون جذبن جو خالق - مان ڪويتا جي راڻي!''

تاجل ، ڪائنات جي گود ۾ ويهي، جيئن قُدرت جا اَنگ، لئہ، موسيقي پکيڙن ٿا، تيئن هي ڪوي بہ، ڪوتا جا سُرَ ڇيڙي ٿو : ''ماڪ ۾ موتيو پُنل ڪنهن کي ڏيان؟ پيار جو تحفو اَول ڪنهن کي ڏيان؟ حسن جي هبڪار جون مُرڪون وٺي، ڍنڍ جو تازو ڪنوَل ڪنهن کي ڏيان؟

جيتري قدر موسيقيءَ جو واسطو آهي، تاجل جي شعرن مان، مون کي شاهه جون سِڪون ٿيون لهن.

تاجل بيوس جي خيال موجب : ''ڪتين جهڙا ڍائل ماڻهو، ڳيت اَڌوُرا ڳاتل ماڻهو، وڻ جي ٿڌڙي ڇانوَ ڏين ٿا، سنڌ ڌرتيءَ سان واڳيل ماڻهو.''

اڄو تہ تاجل سان ڳڏجي ڳايون :-

''موتي ملنداسين، تڏهن کلنداسين، جڏهن ورنديون ڪونجڙيون ....
ايندي مُند گُلاب جي، ڳڏجي ٽڙنداسين، جڏهن ورنديون ڪونجڙيون ....

ملهار جي مُند ۾، مستيءَ ۾، اچي تاجل ڳائي ٿو :-

''ڪينجهر ۽ ڪارونجهر تائين هيرون ۽ هبڪارَ،
ٿانگر ٿهڪن، ٻہ ٻہ ٻهڪن، مُرڪن ميديءَ ڏارَ،
همت وارا هوشوءَ پارا، جوڌا ۽ جهونجهار،
وانجهي مانجهي، ونجهہ هلائي، پهتا پورب پار،
آئي مند ملهار ... ... آئي مند ملهار!''

هن جي شاعري ۾ سنڌ و نديءَ جي پاڻيءَ جهڙو ميٺاس آهي، اڄ بہ ڳائڻا هن جي راڳن کي ڳوٺن ۾ ڳائن ٿا .... شهرن ۾ تہ هن جي موسيقي

تاجل جي شعرن ۾ موڪيءَ جي متن وارو خمر ۽ خماري آهي ۽ آهي موسيقيءَ جو مهراڻ! ۽ شرنگار رس جو شاهراهه.

مخمور مگن تي مستيءَ ۾، ۽ ساڃ سونهن وارن جي بستيءَ ۾، هيءُ بلبل وانگر باتيون ڪريٿو!

1) ”جا پيلاٽين ۾ ٻرندي هئي،
ساڳُٽ ٻُٽ ناهي ٻيرن ۾.“

2) ”نٽ ۾ پوتل موتي ناهن،
جواني آ، جا جرڪي پيئي.“

3) ”ڪنج گُلابي، اڪ شرابي، گُجر جو گورو بدن،
هٿ لڳائڻ سان پيا ٿا، ريشمي تاڪيا گُلن.“

هاڻي تاثير واري تاجل جا شاه تي شاهاڻا شعر ۽ سهٽيون ستون، جن ۾ ڏسو ڪيڏو نه سُرُ ۽ سنگيت آهي؟

1) ”تو وٽ ڪيت خماري، مون وٽ ڪاچي ڪڻ،
مِٺي ماکيءَ پانئيان، جاتو پيار جي جَهڻ،
اڇي تو آسڻ - چِٽيم چوڙاڪاچ جا.“

2) ”مون وٽ ٻُوها ٻار جا، تو وٽ ڪيت ڪَرا،
ڪٽي ويٺس کيپ ۾، چڪڻ منجهه چَرا،
مون وٽ ڳيت ڳُرا، تو وٽ گُل گُلاب جا.“ بيت

3) ”پٽ - ڏٽي! چو تنهنجيون وايون
بَرَ ۾ ٽيون پٽڪن
الا، چو نيڻ نٽا ننڊ ڪن!
الا، چو نيڻ نٽا ننڊ ڪن! وائي

واسديو موهيءَ تاجل بيوس لاءِ لکيو آهي :-

”تاجل سنڌ جي اهڙن شاعرن مان آهي، جيڪي ٻُائڻ جا محبوب شاعرن آهن. هنجو ...

سنڌ منهنجي امان
سونهن تنهنجيءَ مٿان
چا لکي چا لکان
قلم هڪڙو مان ڪيئن پورو پوان

20

”تاجل بيوس جا پين ڏات ڏٽين تي شعر“

1) ”موهن سان ڳڻ ماني کائُ، نارائڻ کي ڪر نہ نراس.“

2) ”مسين پنھنجو مھمان اياز ٿيو آ،
پَروڪو پيارپو ڪويءَ کي ڪلالو !“

3) ”سورج اُپرئي سرحد تي،
ڪنياتا! ملنديءِ ڪيئلداس.“

4) ”مڪ مڪ ڪتا ڪيرت جي،
آرمڙ جو هو چڻ آڪاس.“

5) ”تُلسي هو يا مِيران هئي،
انب سان پوڪيم املتاس.“

6) ”مڪڙي منزل دل جو ديس،
ءَ پي منزل آ اُلهاس.“

7) ”بيوس پنھنجيءَ پوميءَ تان،
روئندو چندر نماڻو ويو.“

8) ”ڪيرت هو يا ڪرشن هو؟
ماٺهو مکڻ، چاٽو ويو.“

9) ”ڪله ڪوئي موتيءَ جھڙو،
ماٺهو موتيءَ داٽو ويو.“

10) ”انھيءَ نٽ ۾ چڻ تہ بيوس جَڙياهن،

مَئہِ مثل آهي.

پنهنجي گيتن ۾ هن موسيقار، ٿَرَ جي ڳَجَ پهريندڙ ڳُجرن کي ٻَڌايو آهي، ۽ مارئيءَ مثل مهان ٻڌايو آهي. هن جوهَرِ گيت ۽ غزل، ڪبوتر جي اُڏام جهڙو آ ......

قطعو شام جهڙو آهي، ۽ وائي باک جو چهرو آهي. مطلب تہ سنڌ جو هي پيو پيابجل آهي، جو سنڌ جي عوام کي پنهنجي راڳن سان ريابجهائي، اُنهن ۾ سيد، سنڌيت، سنڌ، ۽ سنڌي، .... جو جذبو پري ويو.

•••

2) ”هرڪو پنهنجو جام ڪٽي ٿو،
”شاه“ ڪٽي ٿو ”شيام“ ڪٽي ٿو،
بيشڪ ڪو بينام ڪٽي ٿو،
مڱ ماڻهوءَ جو ڏک لٿو آ
آهوءَ ۾ انسان پڪو آ.“

3) ”رات ”بيوس“ کي سڏي ”سامهوءَ“ پڇيو،
ڏس ”پيڙائي“ کي ڪيئن اُستاد ڪيئن!“

●●●

كبيرن جا دوها ۽ ٽوٽن جون چائون.''

11) ''شاه آهي شيام آ، سامي به آهي هم سفر،
آ تہ پنهنجي ڏات ڪنهن راهيءَ منجهان ڳولهي لهون.''

12) ''درس باغي ادل ۽ انعام تنهنجي شهر ۾،
مان ئي ناميان جو ٿيو بدنام تنهنجي شهر ۾.''

13) ''ڪاڇي ڪان ڪارونجهرو تائين،
''بيوس'' آه بخاري آهي.''

14) ''مون ڪي رات موڪيءَ جي دَرَوٽ مليا،
سچل، شاه، سامي، عنايت ميون.''

تاجل، سنڌي زبان جي قديم شاعرن عنايت ميون، شاه، سچل ساميءَ کي پنهنجي انوکي انداز ۾ ياد ڪيو اٿس ۽ ياد ڪيو اٿس جديد اديبن، جهڙوڪ ڪيرت ٻاٻاڻي، ڪرشن کٽواڻي، ماستر چندر، موهن گيهاڻي، نارائڻ شيام، موتي پرڪاش، اُستاد بخاري، ويندي سنت ڪبير، سنت تلسيداس، ميران ٻائيءَ تائين.

''تخليقار شمشير الحيدريءَ جي باري ۾ تاجل چواڻي، '' مون کي هن ۾ چرڪ پرائيندڙ فڪر ۽ فڪر جي گهرائيءَ جون ڪاٽيون نظر اينديون آهن. سچل ڪانپوءِ، انسان جي عظمت ۽ مٿاهين مقام جون وڏي واڪي، جيڪڏهن ڪنهن شاعر ڳالهيون ڪيون آهن، تہ اُهو شمشير علي خواجائي ٿي سگهي ٿو.''

سڀ عظيم شاعر هڪ ئي مٽيءَ مان ٺهيل آهن. مِٽي، مٽيءَ کي پُڪاري ٿي، ساري ٿي، سڏي ٿي. عظيم فنڪار، ڪلاڪار، شلپڪار، چترڪار، ڪنهن هڪ ڌرم يا جاتيءَ جا فقط نہ هوندا آهن، پر هوندا آهن سڀ جا. سچ ۽ چنڊ مثل!

1) ''اِجهو آئڻ آيِو،
نارائڻ شيام،
وجي ڪر آرام،
ننڊ اکڙي نينگريءَ!''

ستعمال ڪيو آهي. هن جي فن ۾ شاخصي ۽ تخليقي اولڙا سگهارا آهن.
قراط فرمايو هو :-

”لفظن جو نامناسب استعمال دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏوهه آهي.“ مطلب يو تہ لفظن جو مناسب استعمال وڏي ۾ وڏو پلج [?] آهي. شاعريءَ ۾ تہ خاص لرح سان لفظن ۽ انهن جي استعمال جي سموري سچيتائي ئي کپي، ڇاڪاڻ تو اُنهن تي ئي بحر ۽ وزن، فن ۽ فڪر وغيره جو بہ وڏو مدار آهي. ارسطو رمايو هو : ”شاعري، تواريخ کان بہ مٿيرو ۽ وڌيڪ سبق آموز آهي.“

شاعريءَ ۾ تاثر ۽ ترنم ٿئي ٿو ۽ ڪوتا، نثري بيان کان وڌيڪ ڪمل ۽ درست هوندي آهي. شاعر جون ڪيفيتون ۽ احساس لفظن وسيلي وام تائين پهچن ٿا. شعور، لاشعور ۽ تحت الشعور جي بيشمار ڪسوٽين ي سوڌڻ ڪانپوءِ ئي شاعر، لفظن کي اظهار ۾ پيش ڪريٿو.

تاجل جي شعر ۾ سونهن، اَثر ۽ اَحساس آهي. ڀراڙيءَ جي ماحول هو پليو آهي، اُن ڪري هن وٽ، انساني عالمگير جذبا، ۽ فطرت جو سن، بيحد سادگي، ۽ سنڌ جو قيمتي ترين ورثو آهي. جو سندس هيٺين ڪلامن مان ظاهر آهي :

١) ”ڳاله ڇڙيءِ پٺي ڳيرن جي،
آرهڙ ۾ آکيرن جي.“

٢) ”ڪن [?] ٻامڻ [?] جي ٽارين تي،
ڏِسجو ٻاک ٻسيرن جي.“

ڪائنات جو ههڙو سندر درشيہ ڪڙو ڪرڻ هر شاعر جي وس ۾ نہ آهي!

3) ”وري رات پٺي ٿي لڙي موٽجاڻ،
ڏمر ۾ ڏيئو ڪو ٻري موٽجاڻ.
جڏهن شام ويلي ڪٽان ڪونج ڪا،
وٽاڻن ڏي واپس وري موٽجان.
اجهو چاڻ مٿ مان ڪري ٿو ڳِرهُ،
اِجها ٿي وري اڪ ڦري موٽجان.
پره جي پياڪن مٿان او پرين!

21

”سنڌ جي وچين ٿهيءَ ۾، بيت ۽ وائي جو شاعر تاجل بيوس“

تاجل بيوس (2008 - 1938) سنڌ ۾ وچين ٿهيءَ جو عالي
شاعر آهي. شاه لطيف ۽ شيخ اياز هن جي اُتساهه ۽ اُمنگ جا سرچشما ۽
خاص وسيلا رهيا. هن ڪومل ڪويءَ، نارائڻ شيام، هري دلگير، اُستاد
بخاري، عبدالڪريم گدائي، تنويرعباسي، امداد حسيني، خاڪي
جوئي، شمشير الحدري، نياز همايوني، تاج جوئي، ابراهيم منشي، غلام
حسين رنگريز، سرويچ سجاولي، ۽ تاج بلوچ مان به اُتساهه حاصل ڪيو
هنن جي ڪلا پڙهي ۽ ماڻي. انهن سڀني جو هن جي قلم واري ڪلا ۾
عمل دخل رهيو آهي. هن جو پهريون اُستاد هو، ”اُستاد حڪيم الاهه آندو
جتوئي.“ ۽ ڪائناتءِ قدرت جو به هن جي ڪويتا واري ڪلاتي وڏو
اثر آهي. سنڌ امڙ لاءِ هنکي بي انتها محبت آهي.

1990 ۾ هند ۾ تاجل بيوس ۽ شيخ اياز جي تمام وڏي مرحبا
آجيان ٿي. شيخ اياز (1997 - 1923) تاجل لاءِ لکيو هو. ”مون ڪانپو
تاجل، بيت ۽ وائيءَ ۾ پنهنجي ٿهيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.“

سنڌ امڙ لاءِ تاجل لکي ٿو :-

”صدين جي سفر ۾ تنهنجا پير ٿورا ميرانجهڙا ٿي ويا آهن
اوري آءٌ، ٿورو اجا به اوري آءٌ، ٿرتي، منهنجي ماءُ! ته تنهنجا هٿ چمي
لڪيءَ جي چشمن ۾ گلاب جو پاڻي ڇڻڪائي، تنهنجن پيرن کي ڌوئي
صاف ڪريان.“

انعام شيخ تاجل کي ”لفظن جو لاڄپال شاعر“ . ڪري ڪوٺي
آهي. هي پنهنجيءَ ٿرتيءَ جو شاعر آهي.

هر لفظ ڏار ڏار پسمنظر، وزن، اثر، ۽ سگهه، جو مناسب استعمال
وٺندڙ نتيجن کي جنم ڏئي ٿو. تاجل پنهنجي لفظن جو پورتا پري

ڪارونجھر جي چوٽيءَ تائين.''

3) ''واهڻ توڙي وليون،
آڪر اُجاريا،
مهڪيا مونگاريا -
چنڊ،ڪڙئي چيلهارجا''.

4) ''پوڏيسر جا پاٽا، مُمراٽي جا ماٿهو،
ڪونهي روپ ڪوجهو ، مڙئي مومل - راڻو.''

5) ''جوڀن جي ڪن يادن وانگي آهي سمايل ساهن ۾،
ٻيرين ٻيرن، لِيڙ، مَڃرُ، سگرن ۽ چارن جي
خوشبوءِ.''

6) ''چوُ وڻ تنهنجا ڏار، ڪمڙي وادي وڍيا؟
مون پڻ ڏڪي ڏار، ڪريسيڻ سنجهي ويا.''

7) ''ڪنڊا! ڪر تون ڪي تہ، ڳالهيون ڳوٺ ڏٺين جون،
ڪامي ويا ڪيت، سڀ جني جي سوُر ۾.''

8) ''ڍورا! مون سان تو، ڪي جا ڳُجهي ڳالهڙي،
سانديل هئي ساه ۾، چورائي ويو ڪو،
پهر سج ڪان پوءِ، ماڻهو آيا مامري.''

9) ''چنۂ تون ڪيئن چڪي! سنجهي مُورَ پرائيا؟
سڄو سَرُ سُڪي ويو، سڄي ڀُون ۽ ٻُڪي،
تنهنجا ڏک ڏکي! پسي ڏيلُ ڏهيون ٿئي.''

هن فنڪار بيت ۽ وايون، گيت ۽ غزل، نظم ۽ ٽيڙو، قطعا ۽
ڪافيون، ۽ آزاد نظم وغيره لکيا آهن.

تاجل جي ڪوتا ۾ انيڪتا جا رنگ آهن. هن جي شاعري، هن جي جيئري ئي اسا سيت جو درجو ماڻي چڪي آهي. هي صاحبُ، لفظن جو جادوگر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ وردس ورٿ جهڙي فطرت، ڪيٽس جي سوائن جو ڇهاءُ، ۽ ييٽس جي ترتيب آهي. هو آشاوادي آهي رابرٽ براؤننگ وانگر.

وري قرب پنهنجو ڪري موٽجان."

تاجل جو هي بهترين تخيل جو غزل آهي. ڪيترن لفظن ڪي هن شعو
واري شاعر وري جيئاريو آهي ۽ ڪي لفظ نوان پيش ڪيا اٿس :-

1) "جا ٻيلا ٽينءِ ٻرندي هئي،
ساڳُتٽ ٻُٽ نامي ٻيرن ۾."

2) "ڪَڙتي ڪنگ رڙن،
مچ مُهانبڙا ماريا."

3) "ويا ڏورڻ ڏونگرين ڪُريا ساڻ ڪٽي.
چيٽ، ڦگڻ جي چانڊوڪين ۽ محبوبن جي مُرڪن
جيئن وَڏي جنڊ ۾ ڪنهن نہ اَن جي ٻُڪي آ."

ٻيلا ٽين، ڪَڙَ، ڪُريا ۽ ٻُڪي، انهن اکرن تي اڄ جڏڪ دز چڙهي
وئي آهي. هند ۾ تہ مون نہ ٻڌا آهن.

تاجل وٽ نہ فقط جذبا ۽ ڏانوَ آهي پر هن وٽ خيال ۽ مقصد بہ آهي
هن کي اُستاد شاعر چئي سگهجي ٿو. هن لاءِ ماڻهو، ماڳ، ماحول ۽ محبتو
ساڳي ڳاله آهي.

تاجل جنهن شئہ کي ڇهيو آهي اُن کي اَمرتا بخشي آهي. ه
جي، عام پورهيت، ڪمي ڪاسبي، ۽ سماج جي هرفرد، سان لڳاءُ ۽ محب
آهي. پنڌ، پياچرا، پهاڙ، جهرجهنگ، وارياسا، پٽ، ويران، مندر، ٽليون
مطلب تہ هر جاءِ ۽ وطن جي هر ماڳ سان محبت ۽ پيار آهي. هر موضو
قديم توڙي جديد، سيني کي هِن، جيءَ ۾ جاءِ ڏني آهي. هن جي وڻن، پٽن
۽ ڍورن، سان بہ دل آهي. هن جو اندازِ بيان ئي اور آهي، جنهن سان اسين
هن جي شاعريءَ جي هر فارم مان، هن جي شخصيت، ۽ فن جي، جهلڪ
ملي ٿي. اچو تہ ڪي مثال وٺون :-

1) "پاٽياريءَ جو ڇولو ميرو،
پاڻ تہ ڪيڏي پياري آهي.!"

2) "پوکي رامي پنهنجي آهي،
سُني ڏاڳي ۽ اوٺيءَ تائين،
سنڌ جي سونهن سلامت رهندي،

اِهي شاعريءَ جا ادبي موضوع آهن. عظيم فن، سچائي، ۽ محبت ، ... اِهي ٽئي چيزون تاجل جي شاعريءَ ۾ موجود آهن.

”ڏوريان ڏوريان مَ لهان ۾“ :- 1) جڏهن ڀون ۽ ڀِٽي 2) انبن جهليوپور 3) سرجيندڙ ساٿيه جا 4) سنڌ منهنجي اَمان 5) ڪاڇي مٿان ڪونج 6) ڪنڌيءَ ڪؤنرترن 7) ڪنڌيءَ اَڪ ڦلاريا 8) صحرا سترجن ۽ 9) تنهنجا نيڻ غزل - ڪتاب ڏنل آهن.

منهنجي لاءِ ڪي احمق سمجهن ٿا تہ آنءُ لکان ٿو لوڙ لاءِ. پنجاه سالن کان سائين شاه لطيف جو هيٺيون بيت پڙهن پيا، پر اَجا تائين اُن جو مفهوم نہ سمجهيو اٿائون :-

”طلب جي تنوار مٿان ڪرين مڱٽا!

ڏکي ڪنڌءِ ڏار ماٽڪ ڏئي مُٽ ۾.“

هاڻي اَچون تاجل جي بيتن تي. شاه ۽ شيخ کان پوءِ اهو سنڌ ۾ تاجل ئي آهي، جنهن ”بيت ۽ وائيءَ“ کي تراوَت بخشي آهي :-

1) ”ٻاڙها گُلَ گلاب جا، اوڏڻ - ورنا انگ،

تنهنجا بيت بهار ۾، چورين ويٺا چنگ،

پسي سونا سنگ - ڀوُها اُچليم ڀار ۾.“

2) ”تو وٽ کيت خماريا، مون وٽ ڪاڇي ڪڻ،

مٿي ماکيءَ ڀانئيان، جا تو پياري جهڻَ،

اَچي تو آسڻ - چٽيم چوُڙا ڪاڇ جا.“

3) ”مون وٽ ڀُوها ڀار جا، تو وٽ کيتَ ڪَرا،

ڪٽي وينُس کيپ ۾، چِڪڻ منجهہ چَرا،

مون وٽ گيت گُرا - تو وٽ گُل گلاب جا.“

هيءُ بيت تاجل بيوس، ڀِٽائي شاه لطيف (1752 - 1689) کي اَرپڻ ڪيا آهن.

●●●

هن وٽ شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي جيئن ته رومي
فرمايو هو : ''شاعري جزو است از پيغمبري.''

''شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي.'' يا ''پيغمبري شاعريءَ جو جزو آهي''. اُهو، اوهان پاڻ تاجل کي پڙهي ۽ پرکي، ٻڌايو.

تاجل فرمايو آهي :-

''کنهن به امر تخليق کي جڏهن پهريون دفعو ڪو عظيم فنڪار ڳائيندو آهي تڏهن اُها تخليق مائيڪل ائنجلو جي اُن مجسمي وانگر ٿي پوندي آهي، جنهن ۾ پهريون دفعو انسان جو روح داخل ٿي رهيو هو.''

''مان جڏهن مومل ۽ سندس جوانيءَ تي لکي رهيو هوس، اُن وقت هڪ ٻيڙي سنڌو مان پاٽي پري رهي هئي.''

''تنهنجي شاعري تنهنجي مُٺ ۾ ڀڪوڙيل وظيفي مان جنم وٺندي آهي ۽ منهنجي شاعري عوامي جدوجهد جي سيلاب مان.''

آخر ۾ آنءُ تاجل جون به سٽون سندس سگهاري شاعريءَ جي باري ۾ دهرائيندس :- ''جڏهن اوچتو ڪا سگهاري سِٽَ جُڙي پوندي آهي، ته مان پنهنجي مُنهن کلي ڏيندو آهيان.''

سنڌ ۾ - سنڌ ادبي سنگت وارن هڪ ڪارنامو سر انجام ڪيو آهي. اڳم جو مرده پست ۽ مدي خارج روايت هئي ته جڏهن ڪو فنڪار قلمڪار ڏات ڏني سرجڻهار هن ڏيه مان لڏيندو هو، تڏهن ئي هن جي نانءَ کي پوڇيندا هئا. پر هاڻي سنڌ جي سڄاڻ سنڌين جهڙوڪ ساجد سومرو، ايازگل، ۽ انعام شيخ، وغيره ''تاجل بيوس اڪادمي'' ڪٺي ڪري، سنڌ ادبي سنگت ياران، تاجل جا ، ڪتاب هڪ ئي ڪتاب ڪليات تاجل، ''ڏوريان ڏوريان مَ لهان''، ناليِ سان سنڌي جڳت ۾ روشنيءَ ۾ آندا آهن. اِنهن سيني لاءِ دعا سلام. هي ڪتاب 1983 کان ١٩٩٧ جي اندر تاجل جا لکيا آهن. هن جي جيئري ئي هي ڪليات تيار ٿيو ۽ تاجل بيوس (1938 - 2008) ڪيڏو نه خوش ٿيو هوندو!

وقت ڏات جي وڏي پرک آهي! ڪوتا اَمر اَجر آهي! ڪوتا موت کان ڏاڍي آهي! تاجل جي ڀاڄاري ٻولي، جو اڻ جماڻ جذبا، ۽ خوبصورت ۽ جيءَ جيارينڌڙ خيال........ سندس شاعريءَ جي سڃاڻپ آهن. اِنسان جي اِنسان سان محبت ۽ اِنسان جي ڪنهن اَزلي حقيقت جي جستجو....

ڪونه هوندي آهي.هر قوم پنهنجن اٿاهه گهرن احساسن جو شعوري اظهار، پنهنجي زبان جي شاعريءَ ۾ ڪريٿي، ڪيس اها وٽ پين قومن جي زبانن ۾ ڪانه ٿي ملي.... جڏهن ڪابه قوم تهذيبي طور تي تندرست هوندي آهي ته، اُن قوم جا وڏا شاعر تعليم جي هر سطح تي، پنهنجي قوم کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيندا رهندا آهن.''

تاجل پنهنجي ٻوليءَ ۾ لفظن، اصطلاحن، استعارن، تشبيهن، تمثيلن، وغيره جي صورت ۾ نئين خزاني جو واڌارو به ڪيو آهي.

هن جي ٻوليءَ ۾ ٻپاجل جون ٻوليون آهن، سورٺ جا سپنا آهن، ڪياڄهر ۽ ڪارونجهرو جون هيرون آهن، ملهار جي منڊ آهي، ڪونجڙين جا وَلَر آهن، حُسن جي هبڪار آهي، سهيلين ۽ سرتين جا سينگار آهن، سنڌي ساز ۽ سُرندا آهن، ٻٽائيءَ جي ٻِٽَ، ساميءَ جا سلوڪ، ۽ ساڃل سرمست جون وايون آهن، سنڌ جي مٽيءَ ۽ ماڻهن جي خوشبوءِ آهي، مارن جا ملير ، ٿر جون گُجرون، ٻيڙا، وڻجارا، قافلا، پورهيت، امن، ايمان، گيتن جي گونجار آهن ۽ آهن بيت ۽ وايون. تاجل وٽ سنڌي زبان جي شاعريءَ جا مَٽَ ڀريل آهن ۽ مٽ ڀريل آهن موسيقيءَ جا. هو سنڌ جي سنڌين کي ۽ انهن جي ڏکن کي سونهن عطا ڪريٿو ۽ حل به ڏسي ٿو.

•••

22

''تاجل جي شعر ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ سِڪ''

تاجل سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ماءُ، ماتا، امڙ، ۽ امان جو درجو عطا ڪريٿو.

تاجل جي ٻوليءَ ۾ اسان کي سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو روح مليٿو. هن جي ٻولي سٺي، سهٽي، سادي، ۽ پويتر، سنڌي آهي. هن جو سنڌيءَ تي پورو پورو دسترس آهي. هن جي ٻولي عام فهم آهي، هن ۾ فڪر، فهم، ۽ سوجهي، ڀرپور آهي. هيءُ پاڻ کي بنان ڪنهن رک رکاوَ جي اظهاري ٿو.

1) ''ڦولارن ۾ هير ڏکڻ جي ٻٽاجي مون وٽ آءُ

ڌرتيءَ واري ڳولي جيڏو تنهنجو آ ڦهلاءُ،

ٻولي! منهنجي ماءُ!

ڪارو تنهنجي ڪُکَ مان نڪتو، پورو تنهنجو پاءُ،

وينگس! تنهنجو ويڻ ائين، چڻ ڳوليءَ وارو ڳهاءُ،

ٻولي! منهنجي ماءُ!''

ٻوليءَ جو شاعريءَ سان، زبان سان، ڀاشا سان، وڏو ڳانڍاپو آهي. پنهنجي ٻولي شاعر لاءِ ماءُ مثل آهي. مادري ڀاشا ۾ ئي ڪلا جي قوّت وڌي ٿي ۽ فن ڪماليت تي رسي ٿو. شاعر، شاعري، ۽ ٻوليءَ، جي باري ۾ اچو تہ انگلستان جي ڪويءَ ٽي-ايس-ايليٽ جا ويچار واچيون :-
''اسانجو اهو مشاهدو آهي تہ شاعري هن خيال کان ٻين لفظي ۽ لطيفتي فنن کان، مختلف فن آهي، تہ اُن جي سچي اهميت شاعر جي پنهنجي قوم ۽ زبان لاءِ وقف هجي ٿي ۽ اُن جي اِها اهميت ٻي قوم يا زبان لاءِ

انسان جي اظهار جو سڀ کان پراچين ۽ بنيادي وسيلو شاعري آهي. جيئن سنڌي شاعريءَ جو اَبو آهي شاه لطيف، تيئن انگريزي شاعريءَ جو اَبو آهي چاسر جيوفري. ساهت جي کيتر ۾ شاعري ئي آهي، جا هڪ مٿيادار صنف آهي. قاضي قادن کان وٺي تاجل بيوس تائين، سڀني سنڌي شاعرن، پائيچاري، پيار، ۽ وحدت، جوئي پرچار پئي ڪيو آهي.

تاجل بيوس جي پيٽ، انگريزي قداور شاعر وردس ورٿ سان ڪري سگهجي ٿي، جنهن شاعريءَ لاءِ چيو هو،

"It is spontaneous overflow of powerful thoughts recollected in tranquility"

ڪٿي ڪٿي، تاجل اڏ شعر لکي ٿو ۽ اَڏُ اسين پاڻڪ لکون ٿا:

"سچ ڪئي تخليق
سرنهن جي قولار ۾
روشنين جي ليڪ"

شعور واري شاعر ارجن چاولا جي خيال موجب، "شاعري آهي وشال جيون جي سُتل سرير جو هڪ جاڳيل اَنگُ ۽ اُن وسيلي ۽ وشال ساگر ۾ ڪوي، ٽٻيون هڻي، موتي لهي ٿو ۽ موتي پوئي ٿو. غزل، نازڪ ۽ نفيس احساسن جو ترجمان آهي ۽ غزل ۾ هرٽيءَ واري چال ۽ چُستي آهي. غزل ۾ جدت يا نواڻ کپي، روايتي غزل جي برخلاف بغاوت نہ سمجهڻ گهرجي. گُنگناهٽ، غزل جو حسن آهي. شاعري ماڻڻ لاءِ بہ شعور کپي. شاعري، عوام جي اُمنگن، دردن، ۽ پيڙا جو پرتوو بہ آهي، شاعري حال - حاضره سماج جو درپڻ بہ آهي. آدي انسان جي پهرين آه، واه، چيخ، يَا گُنگناهٽ ڪي هيءُ شاعر، پهريون غزل ۽ گيت ڪري ٿو سگهجي." هن جي خيال موجب، شاه جي ڪلام ۾ رومانوي عناصر جي کوج اَٽپوري آهي.

تاجل بيوس جي شاعري مصوري آهي، چترڪاري آهي ۽ آهي زندگيءَ روپي دِل جي ڌڙڪن. ڪن ڇاڻن جو رايو آهي تہ ڪلاسيڪي غزل جي علامتن کي هاڻي ڇڏي ڏيڻ کپي، پر اسان کي ياد رکڻ کپي، تہ اِهي علامتون، گوئٽي، جرمن شاعري ۾ ڪم آنديون هيون. اسان کي بہ پنهنجي مقصد لاءِ، ڪم آڻڻ کپن، رڳو اظهار جو پيرايو ساڳيو نہ هجي.

تخيل جي اظهار جو نالو آهي شاعري. جذبن جي جنبش جو نالو آهي شاعري. سنڌي غزل جو سفر بہ وشال ۽ وصيلح آهي .... غزل، تغزل ،

23

تاجل جا نيڻ غزل

"سنڌ ۾ ۽ هند ۾ ٻنهي سنڌي شاعريءَ جي"

(لطيف فنَ ۽ رَسَ، غزل ۽ ٻي شاعري، جماليات ۽ علم
خوبصورتي، جديد ۽ بعدجديد، تنقيد ۽تحقيق)

شاعري هِڪ لطيف فنُ آهي، جنهن جو واسطو رَسَ ۽ آنند سان
آهي. رَسُ، حواسن وسيلي حاصل ٿئني ٿو ۽ آنند جو واسطو آتما سان آهي.
لطيف فن پنج آهن ۽ رَسَ ڏهه.

لطيف فنَ: ١. فن تعمير / عمارت سازي
٢. فن بُت تراشي / سنگ تراشي
٣. فن تصوير / چترڪاري / مصوري
۴. فن موسيقي / سنگيت
۵. فن شاعري / ساهت

فن معنيٰ ڪلا. ڪلا ۽ ڪاريگريءَ ۾ فرق آهي. ساهت ڪلا، جنهن ۾
شاعري بہ اچي وڃي ٿي، سا سڀني ڪلائن ۾ اُتم آهي. ڇاڪاڻ جو هو
انسان جي جذبات جي مڪمل ترجماني ڪري ٿي. ساهت واري ڪلا
خاص ڪري ڪويتا مان، آنند حاصل ٿئني ٿو.

ڪويتا 'شاعري، اُها رچنا آهي، جنهن کي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان، رس يعنيٰ
الوڪڪ آنند اچي ٿو.

رس ڏه آهن:

**١. شرنگار رس (پريم) ٢. هاسيہ رس (کل) ٣. ڪروڻا رس
(شوڪ) ۴. ويِر رس (بهادري) ۵. رودرس (ڪروڌ) ٦. ڀيانڪ
رس (خوف) ٧. وڀيتس رس (نفرت) ٨. اَدڀت رس (اچرج) ٩
شانت رس (ويراڳ) ١٠. وَتسل رس (سنيه)**

شعوري طور سنڌيءَ جي ڪافي، وائي، ۽ ڏوهڙي، جو رنگ اختيار ڪيو.

"سنڌڙيءَ کي سيباءِ اياز
پنهنجو گيڙو ويس غزل."

اخلاق ۽ تصوف سنڌي شاعريءَ ۾ اوائلي موضوع آهن. پر ڪلاسڪي شاعرن قاضي قادن، شاه ڪريم، شاه لطيف، ۽ سچل، نزاڪت سان اُنهن کي آندو.

ڪشنچند بيوس سريرواري سونهن کان اخلاقي سونهن کي وڌيڪ وزن ڏئي ٿو. هو تصوف ۽ ويدانت طرف مائل هو. وفا جي غزلن ۾ گيتن جو هڳاءُ آهي. سڳن آهوجا، غزل کي ذهني سطح تي آندو. نارائڻ شيام جي غزل ۾ ڪلاسيڪي طرز آهي.

ا) "رات بيشڪ اُماس جي آهي!
چا تہ اونده لڙي پئي آهي!"

آزاديءَ کانپوءِ سنڌي غزل جي ائنٿالاجيءَ ۾ سمپادڪ حاسد صاحب، هند جا ۵۴ غزل گو شاعر درج ڪيا آهن. عزيز (1971 - 1897) کان ويندي ونود آسوداڻيءَ (1969) ،تائين. واسديو موهي، ڏولڻ راهي وغيره اڳي کان اڳرا آهن. اڄ سنڌ جا غزگو شاعر آهن اياز گل، وفا ناٿنشاهي ، وفاپلي، ادل سومرو، تاج جويو، واحد، نصيرمرزا، سيال، منگهاڻي، شبنم، مريم ماجيدي، وغيره.

1) "ڪاقيامت مٿان ٿي گذري، تڏهن،
ڪيرُ ائين ٿو چئي وطن پنهنجا؟!" — اياز گل

2) "اجا سنڌ ڇا لئہ نِهاري ٿي واٽون،
هوُ مالهي، اُتم ۽ هَري ڪونہ ايندا." — دل سومرو

3) "سنڌڙي سُر، سنگيت، سُڳند،
مون کي سائينءَ جو سوڳند." — امداد حسيني

4) "بدن جي اوگهڙ بُري ڳاله ناهي،
نہ ٿئي پنهنجي نظرن ۾ ڪو شال ننگو." — مشتاق گبول

5) "شريف هو جيسين غريب هو،
هاڻي هفتا ٿو کارائي." — اير ڪمل

6) "پيٽ ڏني آهي لاچاري،

مسلسل غزل، غير مسلسل غزل، نئون غزل، هائڪيو غزل. 'اڄ اسين تاجل جا رس پريا نيڻ غزل ماڻيندا اسين پر پهريائين غزل جي ڪاڄهہ بڻ بنياد تي سوچيون. غزل جي يگانيت اُن ۾ آهي تہ هن ۾ قافئي سان گڏ رديف بہ پيش ڪيو وڃي ٿو. اُن ڪري ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ غزل لکڻ ڏکيو آهي. غزل عربي لفظ آهي. سنڌي شاعري، ايراني شاعريءَ جي اثر هيٺ رهي، اُن ڪري غزل کي سنڌيءَ ۾ پَرورِش ملي.

سنڌ جو اوئلي شعر ڇند وديا موجب آهي. شاه لطيف جي شعر ۾ هندي دوهي جون خاصيتون آهن. سنڌي دوهي کي "بيت" ڪوٺيو ٿو وڃي. ڪن ڄاڻن جو وري خيال آهي تہ شاه جي وائيءَ ۾ غزل جون خاصيتون آهن. اياز جي خيال موجب وري وايون، گيتن کي وڌيڪ ويجهو آهن. سيد ثابت علي شاه پهريون شاعر آهي جنهن جو سمورو ڪلام علم عروض تي ٻڌل آهي.

سيد ڪان پهريائين حڪيم سنائيءَ، غزل کي سنڌ ۾ اوڄ ڏني. غزل جي ٻن سٽن کي بند يا بيت ٿا ڪوٺن. غزل جي صحيح معنيٰ ۾ شروعات ساچل سرمست سان ٿئي ٿي. پارسي شعر سنڌيءَ ۾ تعوف آندو جو قاضي قادن، شاه ڪريم ۽ شاه لطيف وٽ هڪيو حاضر آهي.

خليفي گُل محمد گُل، غزل کي وسيع پيماني تي آندو. گل جي ديوان ۾ ١٧٥ غزل آهن :-

١) "آءُ تہ اوريون ويهي اندر جي اور،
موت ڳلاجي لهن هنئين تان هور."

گُل کانپوءِ آيو قاسم، فاضل شاه، سانگي، مرزا قليچ بيگ، حافظ، حامد، گدا شاه، سومرو، قادري، خادم، نياز، نجفي، ليکراج عزيز، ضيا، سدا رنگاڻي خادم، ڪشنچند بيوس، دلگير، وفا، رام پنجواڻي، سڳن آهوجا، نارائڻ شيام، شيخ اياز، شاد، موتي پرڪاش، ڪرشن راهي، نرمل واسديو، ايم ڪمل، لڇمڻ ڪومل، حاسد، واسديو موهي، ڊولڻ راهي،ڊاڪٽر پريم، سنڌ ۾ تاجل بيوس، تاجل بلوچ، وغيره.

شيخ اياز دوهي ۽ غزل کي نئين جان عطا ڪئي. نارائڻ شيام گهٽي ۾ گهٽو غزل لکيو. اياز اڳتي هلي غزل ماترائن جي حساب سان لکيو ۽ هن

11) ''شاعر جي لفظ، لفظ ۽ ڪوڙر جي هرلپي ۾،
منهنجي آ نند، اوجاڳو، منهنجو ئي خواب آهي.''

12)''رات ٺري پوندي،
ماڪ ڇري! پوندي،
ايندو پٽ - ڏٽي،
ڏات ڏري پوندي.''
''تنهنجي ٻولن مان
' باه ٻري پوندي.''
''نيٺ ته اوير ڪان،
وچ وري پوندي.''

تاجل جو هڪ هڪ غزل پڙهي نيڻ ٺري ٿا پون، ۽ رَس جا آبشار اُيري ٿا اچن :-

1) ''سنڌي منهنجي ٻولي آهي،
وسڪارن ۾ ڇولي آهي.''

2) ''منهنجا جذبا اوجاڳن ۾،
سنڌو تي غورابن جهڙا.''

3) ''سورٺ، ديسي، گهاتو، آسا،
ٻاڙها گُل گُلابن جهڙا.''

4) ''ڇانوَ به آهيان، اُس به آهيان،
مان مسجد، مان مندر آهيان.''

5) ''مان ڪنير جي ڇڪ جو ڇاٽو،
مان ئي ڪورو ڪاڳر آهيان.''

6) ''هيءَ زندگي، نفاق ۽ نفرت جو قل نه آهي،
انسانيت آ سپ ڪاجهه، جنهنجو بدل نه آهي.''

7) ''سنڌ جي بقاجي جنگ ۾ اي، دوست! تون به وڙهجان،
تنهنجي اکين جو تُنرو ڪوئي پُنل نه آهي.''

تاجل جي شاعري جديد آهي، ڪلاسيڪي رواتين کان وانجهيل نه آهي، هوءَ بي پاڙي نه آهي، هوا لتڪيل نه آهي.

باه تڏهن آهر ڪنهن ٻاري.'' — ڪيمن مولاڻي

انٽرنئشنل سنڌي ساهتيہ سيمينار نئين دهلي - ٢٠٠٨ ۾ ....

١) غزل سنڌ ۽ هند ۾ گذريل ٻہ ڏهاڪا (2005 - 1985) .

2) هند ۾ نئين ڪوتا گذريل ويه سال ۽ سنڌ ۾ نثري نظم، پويان ٻہ ڏهاڪا ۽ 3) غزل ڪانسواءِ ٻي شاعري هند ۽ سنڌ ۾ .... اِهي سنڌي شاعريءَ تي مقالا، هند ۽ سنڌ جي شاعرن پڙهيا. سنڌ جي غزل ۾، تاجل بيوس جو، هڪ ٻہ شعر ڪونہ ڏنل آهي. هاڻي اچو تہ تاجل جا غزل ماڻيون. غزل جي معنيٰ آهي محبوبا سان رهاڻ، پر هاڻي غزل هر انساني جذبي جي، تشنگي ٻُجهائي ٿو :-

1) ''وڻ هي گيت گلابن جهڙا،
محبوبن جي خوابن جهڙا!''

2) ''شاعر! تنهنجا شعر لڳن ٿا،
سنڌو جي سيلابن جهڙا!''

3) ''منهنجا گيت غزل ۽ وايون،
ڪوه مٿان چڙ ٿَرَ جون مايون.''

4) ''ها، مان تنهنجي حسن سان ٿو عشق ڪي اُجرو ڪيان،
روز هر، هيانج مان ٿو سونهن کي ساجدو ڪيان.''

5) ''بيوس لکي ڪو شعر، مياري نہ ٿي پوي!
ڪوئو لهي هريڙ، پساري نہ ٿي پوي!''

6) ''هڪ سنڌ آهي جيڪا مرٽي ڪڏهن بہ ناهي،
پنهنجي تہ زندگي بس، للحمن جو خواب آهي.''

7) ''آءٌ تہ وايون، بيت ٻڌايانءِ،
جور، ٻاجهر جي ٽڪرن جهڙا.''

8) ''غزَل ۽ ڪافيون، گيت لکي ويو،
بيوس ٿَرَ جي ڏهرن جهڙا.''

9) ''ازل ابد کان منهنجا ماٿهو،
ڪَوتا جهڙا سنڌ جا ماڻهو.''

10) ''وائي، دوهو ۽ سنڌ جي ڪافي،
اِها دولت اجان امر آهي.''

"مونکي ڪنهن سان ڦٽائڻو ناهي." گهنشام لوڪواڻي

12) "ايڏي پيچ ٻُڪ ڇا جي لاءِ،
هيءَ ڏوڪان ڏُڪ ڇا جي لاءِ." هيرو ٺڪر

13) "مائٽ ڀلي هجن نه هجن يارئي هجي،
پر يارَ اُن وڻان به ته آئي ڇنِي ڪٽي." ڪوڏومل جانب

14) "عقل الاهي هرڪنهن وٽ،
آهي مشڪل چريو ٿيڻ." ونود آسوداڻي

15) "گهرُ پنهنجو پرڻ جي هوڙ هتي،
ڪا سمجهه اچي وهنوارن ڪي." سريچند ڏٻي جگري

16) "ڪنهن پاڇيو لڇميءَ جو پئي ٿي ڏس پتو،
پر چڱي لڇميءَ جي بدران سرسوتي." لتا ٿهلياڻي

17) "اُپريل سج ڪي پوُڇي پوُڇي،
رات ڪي ڏينهن به چوندو آهي." جئرام چمناڻي ديپ

18) "آهه اٿر ڪلجڳ جو شايد
باسَ نه ڪائي اگهي اگهي آ." گوبند ريجهواڻي آنند

19) "وَنڊَ ڪَٽ سان، جوڙ ضرب سان،
پڇن ٿادل جا ڪوڙا ماٺهو.
گوُنگا ماٺهو، ٻوڙا ماٺهو،
آهن ڇڻ ته هٿوڙا ماٺهو."

20) "مان ڇميل برف ته پگهريل سج پڻ،
پاونائن ۾ ٻڏل آهيان مان."

21) ا) پنني تي ڪي ليڪوُن، ڪي احساسَ وتڙيلَ،
سچي در جي چائنٽ، ٻسي من جي ڪوتا."
ب) "هرڪو چهرو ڇڻ ته ڪا صورتخطي،
صاف ظاهر وقت جي شبداولي."
پ) "سنڌ منهنجي اَمان - ڪيڏو تولءِ سِڪان،
تنهنجي چائنٽ ڇمان - مهر توکان مڱان." حاسد

حاسد جو هي پويون غزل، تاجل جي غزل جي سِڪ لاهي ٿو.
هند جا سنڌي شاعر جن کي خدا ذات ڏني آهي، اُهي سنڌ جي

تاجل جو هر غزل، سند، سندو، سنڌيت، ۽ سيد شاهه لطيف جي محور تي مڙهيل آهي.

هاڻي سنڌ ۽ هند جي سنڌي غزل ۾ تفاوت پسو:

1) ”دل جي عميق جي گهرائي،
ماپي سگهي نه ويچارو من.“ — آشا درگاپوري

2) ”وقت جي تيز چال اَزلي آ،
هر قدم اُن سان ڪو هلي نه هلي.“ — لکمیچند پريم

3) ”هئي هاڪ هرهنڌ منهنجيءَ نظر جي،
ڇڏيم سونهن سوپيا غزل ۾ ڇپائي.“ — ڪمل پياسي

4) ”هلي ٿو ڪوڙ ڏس هرجاءِ تڏهن دوزخ بڻي دنيا،
اجايو سر قرن کي سچ پلا ايڏو چوين ڇو ٿو.“

هوتو سنڌي پياسي

5) ”آ وڳياني يڳ تہ ڏاڍو حرفتي،
اُتِ لڳي ماڻهو گهڻو جيتامڙو.“ — ڪشنچند رنجايل

6) ”شرم اک جوئي ٿو بس، ماري پيئا،
هونءَ تہ هت هرڪوئي آهي بي ميار.“ — هاسارام پئيا

7) ”لوڪ شاميءَ سان اُڇائڻ وارا،
ٻڻجي پيا راڄ هلائڻ وارا.“ — هريڪانت

8) ”ڏي غير کي جام ڀري ٿو،
پر پنهنجن کي ڏِکي پري ٿو.“ — ٽيڪم آفتاب

9) (اَ) ”سنڌيت جو آهي شيدائي،
ٻارن کي سنڌي نہ پڙهائي.“
(ب) ”ليک ترجمي يا چوريءَ جا،
تہ بہ هو رچناڪار سڏائي.“ — ڀلاجراءِ مسافر

10) (اَ) ”ڪلهہ جڙيا اڄ سي ٽٽا رشتا،
پوءِ بہ تن ساڻ نڀائي هلجان.“
(ب) ”ڪنهن تہ تاريخ جا پنا آهيون،
اڄ اسان کي بہ تون پڙهين جيڪر.“ — سيرو سياهه

11) ”گهرج ۾ ڪر اچي وجي ٿو ڪو.

تاجل بيوس کي شيخ اياز، دلگير کي نارائڻ شيام، شاد کي دلگير.

سنڌ ۾ اڙدوءَ جي عالم ڊاڪٽر آصف فرخيءَ اياز تي، تنقيد جي باري ۾ لکيو آهي :- ”نقادن جي هٿ چڙهيل شاعر، هن زماني ۾ ڪماڙن جي منهن ۾ آيل وڻ وانگر لڳندو آهي. اياز جي شاعريءَ جو مقدار ۽ معيار ڳجگوڙ ڪري وهندڙ درياه مثل آهي، جو تنقيد جي ڪوزي ۾ سميٽجي اچڻ جي بدران، نقاد کي به پنهنجي وهڪري ۾ وهائي وجي ٿو.“

اياز جي خيال موجب :- شاعر جا نمايان فرض آهن - نه فقط جيئن دنيا آهي، اُن جو آئينو ٿئي، پر جيئن دنيا ٿيڻ گهرجي، هو اُن جو به تخيل پيش ڪري.

آلوچنا، رچنا بعد اچي ٿي پر رچنا کي الڳ الڳ وقتن تي الڳ الڳ معنيٰ ۽ مفهوم به ملي ٿو. جيئن نارائڻ شيام فرمايو آهي :-

”هڪ صديءَ کانپوءِ پڻ شايد ڪي عالم ۽ اديب،
شيام جي شعرن منجهان ڳولهي لهن نقطانوان.!“

سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ ساراهه ۽ وڏ ۾ وڏ تنقيد عظيم شاعر شيخ اياز تي ٿي آهي. اياز جي اهم ڪري آلوچڪن پاڄ پِٽائي گهوٽ! تنهنجا ساني آيا سنڌ ۾ لکيا.“

”رچنا“ جيان، ادب ۾ ”آلوچنا“ به اَهم جڳه والاري ٿي. ١) رچنا آهي اَنيوَ ۽ اَحساس جي سچائي ۽ اُن جو اظهار.“ ۽ ٢) ”آلوچنا آهي سچائيءَ سان اُن جي ڪٿ ماپ ماڻ ُپرک.“

آلوچڪ کي ڪا اَڻ وڻندڙ ڳاله چوڻي هجي ته اُها به ڪلا سان، فن سان، ڪري سگهجي ٿي. رچناڪار ُقلمڪار کي، دل شڪستو ناهي ڪرڻو. اُن کي همٿائڻو آهي، راه ۽ رستو ڏيکارڻو آهي. اُن ڪري آلوچنا به هڪ ڪلا آهي جا سيني نقادن ۾ نه آهي.

ائين چوڻ ته رچناڪار کي فقط ساراه وڻي ٿي ... اِهو به غلط آهي، هو ته پاڻ سِکڻ چاهيٿو پر ڪي شايد پاڻ کي، پريپورڻ به سمجهندا هجن!

ڪن آلوچڪن ۾ وري ايڏو اَهم ُايگو آهي جو هو سمجهن ٿا ته هو رچناڪار کي فرش تان عرش تي ۽ عرش کان فرش تي پهچائي سگهن ٿا. مونکي گوبند مالهي چوندو هو :- ”اڄ نقاد ،گهٽي پاڳي يا ساراه ٿا ڪن،

شاعرن مثل، پنهنجي راه پاڻ تلاشين پيا، ۽ اڳي آزمايل رستي تي به پنڌ ڪن پيا. سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته اڙدو اديب الدين احمد ”غزل کي بربريت سان ڀرپور هڪ نيم وحشي صنف“ ڇو ڪوٺيو آهي؟

تخليق ۽ تنقيد:

رچنا ۽ آلوچنا جو پاڻ ۾ ڳهاٽو لاڳاپو آهي. ٻنهي جو سرجڻ سان واسطو آهي. رچنا آهي تخليق ۽ آلوچنا آهي اُن جي ڪٿ ’پرک ’جائزو. جيئن هر شخص جو، علم عروض ’ڇند وديا جو ڄاڻو آهي، اُهو شاعر نٿو ٿي سگهي، تيئن هر رچناڪار آلوچڪ به ٿي نٿو سگهي. سمالوچڪ ’آلوچڪ، نقاد تي وڏي جوابداري آهي. هو نه فقط پاڻ ڏانهن پر ٻين ڏانهن به سچو هجي، بي زياءَ هجي. هن جو مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هئڻ کپي ۽ ڪيپي ٻوليءَ تي دسترس، نَون ۽ جهونَن رچناڪارن کي هڪ نظر سان ڏسي، ڀيدُ نه رکي. مطلب ته سچو آلوچڪ نقاد اُهو ٿي سگهيتو. جنهن جي درشٽي وشال آهي نه ته وينا شرنگيءَ جيئن چيو آهي، اُن جو حال ائين ٿيندو :-

ا) ”هو مُڇ مروڙي منڇ تي ويندو آهي / ڏاڍي شان مان سان،/ دوستن کي ٻڌائيندو آهي / ڇڱن مُرِسن جي پَڳَ لاهي / ائين ... يارن جو يار ٻڌجي / پنهنجو قدر وَڌائيندو آهي.“

منهنجي خيال موجب :- رچنا جو سرجڻهار، جيڪڏهن پنهنجو ڪتاب به چار دفعا پڙهي، ڇپائڻ کان اڳ، ته هو پنهنجو پورو پورو آلوچڪ به ٿي سگهي ٿو. اها حقيقت آهي ته ماءُ وانگر رچناڪار کي به پنهنجي ”اولاد“ يعنيٰ ”رچنا“ ۾ تخليق ۾، موه رهيتو پر ماءُ کي ئي پليءَ پتِ ڄاڻ آهي ته سندس اؤلاد ۾ ڪهڙيون خاميون آهن.

تاجل تنقيد لاءِ چيو آهي :- ”اهو ادب جيڪو تنقيد کان آجو آهي، وانجهيل آهي، ادب نه آهي. دنيا جو ڪو به ڪوي فن جي بلنديءَ تي پهچي نه سگهيو آهي، جيستاءِ کيس ڪو سچاڻ نقاد ۽ پارکو نه مليو آهي. شاه کي گربخشاڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي، سورلي ۽ ٽرمپ، جهڙا نقاد ۽ پارکو مليا، جن تي اڄ به سنڌي قوم کي فخر آهي.“

نارائڻ شيام کي به پارکو مليو سڀَن آهوجا، شيخ اياز کي محمد جويو،

آئون ائين آکيان :- ''اُڏام ۽ فڪر ايءَ پڻ چڱو ڪم،
پَرَ اوڪو پيو فهم جنهن سان پساجي فن ڪي!''
آنءُ مهاڪوي نارائڻ شيام جو شعر ڳنڳنائيندس :-
١) ''گُلن جي مُرڪ حاصل ٿئي،
تہ ڪنڊن ۾ رهڻ سمجهو.''
تخليق ۽ تنقيد جو لاڳاپو ائين آهي، جيئن گُل ۽ ڪنڊي جو!
هند ۾ سنڌي زبان جا تاثرات تبصرو ۽ 'تنقيد 'ڪندڙ آهن منگهارام ملڪاڻي، ڪيرت، مالهي، اُتم، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، گُنو ۽ آنند کيماڻي، پرم ابياڻي، هريش واسواڻي، هيرو شيڪاڻي، ستيش روهڙا، لکمي کلاڻي، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، ڪملا گوڪلاڻي، جئرام چمناڻي، بنسي خوبچنداڻي، جگديش لڇاڻي، پريم پرڪاش، لڇمڻ ڪومل، نرمل واسديو، نامديو، ۽ ٻيا ۽ ويجهڙائيءَ ۾ نثرنويس هولارام هنس، بہ اٽڪل ٥٠ کن تاثرات لکيا آهن سنڌي ڪتابن تي.
سنڌ ۾ تاج جويو ۽ اسحاق سميجو بہ برک نقاد آهن.
تنقيد، هڪ خشڪ موضوع آهي، پر آهي گهري اَڀياس ۽ اَدبي شناس جي اُپج. ڪي عالم وري چوندا آهن، جيڪي سُٺا سرجڻهار نہ ٿا بڻجي سگهن، سي تبصره نويس ۽ نقاد بڻجن ٿا. منهنجي خيال موجب تنقيد بہ هڪ تخليق ئي آهي.
هندواسي، ڪوناج، سپون، ۽ رچنا ۾ اڄ بہ معياري تنقيد ٿئي پئي، سنڌي ادب تي.
ساهتيہ جون مکيہ صنفون آهن، ڪهاڻي، ڪويتا، ناول، ناٽڪ، مضمون، آتم ڪٿا، وغيره. نظم ۾ قلمڪار، موتي پوئن ٿا تہ نثر ۾ موتي پکيڙن ٿا ... موتين جي پرک تہ ٽيڻ ئي ڪپي ۽ ٽيڻ ڪپي فنائتي نموني. ڪن نقادن وري،هڪ ٻئي تي ايتري تنقيد ڪئي آهي، جو اُهي لکڻ ڪان ئي منهن موڙي ويٺا آهن ... ائين ٽيڻ سان ادبي سرجڻ کي ڇيهو پهچي ٿو.
تخليقار اهو جو اَڻ ڏٺي کي ڳائي، ۽ اَڻ ڳاتي کي ڏسي. ماضيءَ جي ماضي، ۽ مستقبل جي مستقبل جي شاعرن کي علم عروض نہ ٿاهيندو آهي پر هو، علم عروض کي ٿاهيندا آهن. سنڌ ۾ تاجل بيوس ۽ شيخ اياز اهڙن

يا ڳالهه ٿا ڪن.“

ارجن حاسد جي خيال موجب :-

”تنقيد پنهنجي ليکي گهڻو گهري ٿي، هڪ اهڙو گيان، جنهن سان تخليقار جي ڀاوَ - ڀوڳ کي بہ سمجهڻو آهي. ساهتيہ ۽ ادب لاءِ ڪي بہ اصول نہ آهن، صرف وقت ۽ حالتن انوسار سوچ، نظر، وويڪ (ضمير).

۲۰۰۸ ۾ دهليءَ ۾ انٽرنئشنل سنڌي ساهتيہ سيمينار ٿيو، اُن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ارجن حاسد هند ۽ سنڌ جي تبصرا نويسن بابت لکي ٿو :-

”تبصرا ڪندڙ سڀ قابل ساهيتڪار آهن، ڪتڪتايون بہ ڪري ٿا وٺن، تہ چهنبڙيون بہ پائيندا ٿا وڃن. ڪي ساراهہ ڪرڻ ۾ ماهر، ڪي سچ چئي ڏيڻ ۾ ۽ ڪي مڙيوئي خيرَ.“

سنڌ ۾ ڪن ڄاڻن جو رايو آهي تہ .... ”سنڌي ادب ۾ تنقيد هڪ منع ٿيل ميوو ئي آهي.“

پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جي خيال موجب :- ”تنقيد ۽ تنقيد نگار کي ،همدرديءَ ۽ انساني وويڪ جو پلاند ڇڏڻو ناهي.“

ادب ’ساهتيہ ’ڪلا فن ’شعور آهي ۽ اُن جو شعاءُ تہ ٿيندو ئي ٿيندو.

سنڌي زبان ۾ هند توڙي سنڌ ۾ آلوچنا ۽ تنقيد تي تمام گهڻو ساهتيہ نٿو ملي، پر ڪي سگهارا نقاد ضرور آهن.

آلوچنا سان ئي سڪاجي ٿو. خود ساهتيہ کي، زندگيءَ جي تصوير ۽ تنقيد ٿا ڪوٺن ۽ شعر آهي،، زندگيءَ جي نڪتاچيني. نانڪ وري آهي زندگيءَ جي آرسي. نثر جو واسطو دماغ سان آهي، ۽ نظم جو تصور ' ڪلپنا 'احساس ' اُڏام 'سان. ڪوي يا ڪهاڻيڪار.ڪنهن اخبار جو خاطو نہ آهي، جو هو حالتن جا تفصيل پيش ڪري. مطلب ٿيو تہ رچناڪار زندگيءَ جي آلوچنا ڪريٿو ۽ آلوچڪ وري رچنا جي آلوچنا ڪريٿو. آلوچنا جا ڪي ماپ ماڻ، رچنا جي اُتت بہ طئہ ڪن ٿا.

اڄ جا هند ۾ ڪيترا قلمڪار، وسيع مطالعو ۽ مشاهدو نٿا ڪن. اُن ڪري آلوچنا ڪان ٻڇن ٿا. ”عزيز“ نرَ نقاد هو. جيتوڻيڪ هن جي گلُ وخار ۾ خار وڌيڪ هنا. هن ڪان ڪيترا وئون ويندا هنا. قلمڪار قلم واري ڪلا کي، ائين گهڙي، مڙهي ۽ ڀري جو ڪويتا، هڪ جُڙتِ جو هار ٺاهجي پوي. ڏات ناهي ذات تي، جو وَهي سولهي!

تي تنقيد ڪئي آهي يا ڪئي آهي پرک / ڪٿ، وغيره. ويجهو ”پيهي منجهه پاتار“ ... ڪتاب ۾، ”گهايل“ به هڪ عمدو ليک، اِنهن سيني تي ڏنو آهي.

”گُل وَخارَ“ ۾ عزيز ۵۲ صفحا، سائين بيوس تي لکيا آهن ۽ هنجو چوڻ هو ته جيڪڏهن خاميون ظاهر نه ڪبيون ،ته سڌاري جو اِمڪان مشڪل ٿي پوندو. ڪن ڇاڻن جو وري رايو آهي ته هن ڪتاب مان سنڌ توڙي هند جي ڪيترن شعور وارن شاعرن پرايو به آهي.

شاعريءَ ۾ پنهنجي موضوع ۽ مخصوص اظهار سبب، سنڌ ۾ اياز ۽ هند ۾ نارائڻ شيام سَنَدَ ٿي ويا. هنن جي شاعري، سندن سچي زندگيءَ جو رياض ۽ گهري مشاهدي، وسيع مطالعي، ۽ اندر جي سونهن جو نچوڙ هئي. هنن ،غالب وانگر ڪنهن بهادر شاه ظفر اڳيان مٿو نه ٽيڪيو. تاجل به اُنهن جو پوئلڳ آهي.

منهنجي خيال موجب، فن کي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچائڻ لاءِ تخليقار / ڪلاڪار / قلمڪار / کي وڏي ڄمار جي ضرورت آهي. ڪيترا فنڪار، ننڍڙي عمر ۾ ئي هليا ويا. ۽ عظيم تخليقار لاءِ انساني عظمت به لازمي آهي ... يعنيٰ هو صحيح معنيٰ ۾ هڪ عظيم انسان به هجي!

تنقيد تي عالمن ۽ اديبن جا رايا پڙهڻ کانپوءِ آنءُ انهيءَ نتيجي تي ٿو پهچان، ته نقاد لاءِ اهو لازمي آهي ته :- هِنُ جو ادبي مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هئڻ کپي. ٻوليءَ تي دسترس، ڏورنگاه، بي رياءِ، وشال درشٽي، اَهم ڪان پرهيز، اپياس، ادبي شناس، ۽ وڏي ڳاله ته هو شاندار شخصيت جو مالڪ هجي.

تحقيق ۽ محقق :-

تحقيق معنيٰ ”کوجنا“ ۽ محقق معنيٰ ”کوجنيڪ“. اڄ اسين جيڪي سُک ۽ سهوليتون ماڻي رهيا آهيون، اُهي سڀ کوجنائن جو ئي ڦل آهن. هت اسين ڳاله ڪنداسين ”ادبي کوجنا“ جي. سائين شاه لطيف کي جيڪڏهن سورلي ۽ ٽرمپ، گربخشاڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جهڙا محقق ۽ پارکي نه ملن ها، ته شاه جون ”وايون“ واريءَ ۾ ئي وسامي وڃن ها! ۽ سندس ”بيت“ ٻَرنِ ۾ ئي بيحال هجن ها!!

مان هئا. هڪ دفعي ڪنهن، سنڌ جي انقلابي ۽ باغي عظيم شاعر شيخ اياز کي چيو :- ”تنهنجي ادبي تخليقات تي ڪنهن تنقيد ڪئي آهي.“ اياز پهاڙ کان هيٺ ڏٺو. هڪ وڇون پهاڙ جي پيرن وٽ هڪ پٿر کي ڏنگ هڻي رهيو هو. پهاڙ خاموش هو، اَٽل هو.

عظيم اياز جي خيال موجب :- ”سنڌي تنقيد اُنهيءَ جانور جو نالو آهي، جنهن کي جهرڪيءَ جو مٿو، ڪاريهر جي چَپ، چمڙي جون اکيون، ۽ اُٺ جي اوجهري آهي ......

هن جو چوڻ هو :- ”ادبي تنقيد لاءِ نہ فقط جديد ۽ قديم اَدب جو وسيع مطالعو ۽ ادب جي مزاج جي پرک، ۽ فنِ تحرير ئي قدرت، ضروري آهي، پر تنقيد نگار جي گوناگون گهري ۽ متوازن شخصيت ئي، تنقيد کي صحيح تنقيد بڻائي ٿي.“

اياز کي اِهي خوبيون سنڌ جي ڪنهن بہ ناقد ۾ نظر نٿيون اچن.

پروفيسر ليکراج عزيز پنهنجي تنقيد واري ڪتاب ”گُل وَخار“ ... ۾ شاعرن تي تنقيد ڪئي آهي. خاڪي، بيوس، ضيا، دلگير، شيام، شاد، دڪايل، آزاد، سائل، گمنام، رام پنجواڻي، سڳن آهوجا، آنچل، موتي پرڪاش ۽ ڪرشن راهي. عزيز جي تنقيد ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿي : تخريبي (غير حقيقي) ۽ حقيقي. عزيز جي خيال موجب، تنقيد جو فن تمام باريڪبيني گهري ٿو. تنقيد ڪرڻ لاءِ اول ۽ وڏو شرط هي آهي تہ نقاد، شاعر جو روح پاڻ ۾ جذب ڪري. اِهو بہ لازمي آهي، تہ نقاد نہ فقط شعر جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ جي شڪتي رکي، پر جهجهيءَ معلومات ۽ وڏي آزمودي جو صاحب بہ هجي ۽ نقاد جو، مَنُ، تنقيد ڪرڻ وقت، دوستيءَ ۽ دشمنيءَ کان پالهو هجي.“ جيتوڻيڪ ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ ”گُل وَخار“ ۾ گُلن کان وڌيڪ خارَ آهن.

عزيز جي آبشار ۽ صراحيءَ تي ٻين شاعرن بہ تنقيد ڪئي آهي. اُهي آهن دلگير ۽ گمنام، وغيره.

١) ”سنڌي ساهتيہ جو مختصر جائزو.“ ٢) ”سنڌي غزل جو هنڌ بوڪ“ ٣) ارجن حاسد هڪ اَڀياس“ ۽ ٤) ”لوڪ وهي لهوارو تون اوچو وه اوڀار ۾“ ... پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، واسديو موهيءَ، ارجن حاسد ۽ پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ ۽ ٻين ڪيترن، شاعرن جي شاعريءَ

ماڻڻ جي چيز آهي شاعري ۽ شاعري فلاسافي آهي.

1) ''آنديءَ ۾ جوت جلائڻ وارا سنڌي،
۽ خاڪ کي سون بنائڻ وارا سنڌي.''

موتي پرڪاش

2) ''تنهنجو غزل سڪايل پڙهندي چيائين دل ۾،
هيڪر هلي ڏسو هي آهي جناب ڪمڙو؟''

ارجن سڪايل

3) ''ٿانوَن منجهان مُراد ٿي ڀُولهي لهڻ ڪنيار،
اِن لئہ ڀِٽن پِٽيان ٿوڦران جئن خُدا ملي.''

خادم

4) ''مُنهن ڏيکاريو پنجين سال،
انتظار جو آنند آيو.''
''روي خواه ڪوي، پرڻ پنهي لاءِ لازمي.''

اِندر ڀوڄواڻي

5) ''جي زندگيءَ مان نڪري وڃي چاه ڇا ڪجي؟
۽ دل کي ڀِي جي پيارو لڳي ساه ڇا ڪجي؟''

شاد

6) ''عمر ڀِي ايڏي هجي ها، جيڏي ميءِ مَوجود هئي،
جام ڀِي ايڏو هجي ها، جيڏو مان ميءِ نوش هوس.''

رام پنجواڻي

7) ''مان بہ هڪ تنهنجي خريدارن مان هوس،
توکي جن طلبو،طلبگارن مان هوس.''

ضيا

8) ''راهي هن مون کي نظر سان واسيو،
شيام جو چڻ ڪو غزل آهي هو.''

ڊولڻ راهي

9) ''پار معصوم جو ڪومل مُکڙو،
ننڊ ۾ خواب ڏسڻ ۾ مُرڪڻ.''

سيرو سياه

تحقيق جي فن ۽ اصولن تي ڪافي ڪتاب لکيا ويا آهن، جي يونيورسٽن ۾ پاڙهن ٿا. ''سنڌي شاعريءَ جي سفر'' کي سمجھڻ ۽ ماڻڻ لاءِ، مون کي هڪ سؤ کان به وڌيڪ شاعريءَ جا ڪتاب ''اپياس'' هيٺ آڻڻا پيا، ۽ اُن کان پوءِ، مان سمجھي سگھيس ته شاعري معنيٰ شعور ۽ اُهو شعور ماڻڻ لاءِ به شعور کپي ۽ کپي دل ۽ دماغ.

''تحقيق'' جي ڏس ۾ هيري ٺڪر جو ''قاضي قادن'' تي ڪيل ڪارج، ساراهڻ لائق آهي. محقق لڪل ۽ ڳجھين چيزن تان پڙدو هٽائي ٿو ڇڏي ۽ جو نه سچاتل چيزون به سچاتل ٿيون پاسن، ''خيام'' مري ويو پر اُن جون رباعيون زنده آهن، ''عظيم اياز'' مري ويو، هنجي شاعري شاهڪار جو درجو ماڻي چڪي آهي. نارائڻ شيام مري ويو، پر هن جي شاعري اڄ به امر آهي، وقتي هوندي به آفاقي آهي. ... اِهو سڀ ''محقق'' جي ڪري آهي ۽ آهي شاعر جي ''ذات'' جي ڪري.

سنڌي زبان جي عظيم شاعر شيخ اياز فرمايو هو :- ''محقق ٿيڻ سولو نه آهي، تحقيق لاءِ نه فقط اهر من جو آنبو چيرڻو پوي ٿو، پر يزدان جي ڳُجھيءَ ۾ به ليئو پائڻو پوي ٿو.''

اڄ سنسار جي هر زبان ۽ ادب ۾ کوجنا جو وياڳ آهي، جتي محقق، اپياس ڪري، اُدم ۽ اورچائيءَ جا اوچڻ اوڍي، موتي لهن، پوئن، ۽ پکيڙن ٿا. محقق لاءِ هڪ سيڪڙو ڪلا، ۽ نوانوي سيڪڙو پگھر جو پورهيو کپي. مرشد لطيف به فرمايو آهي :- ''ذات ناهي ذات تي، جو وهي سولهي.'' محقق کي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي درڪار آهي.

''1% inspiration and 99'' perspiration Edison ''

کوجنيڪ ايڊيسن (1931 - 1847) بلب جي کوجنا ڪئي هئي.

شاعر سڀُن آهوجا، نارائڻ شيام تي ۽ ابراهيم جوئي شيخ اياز تي، اپياس ۽ اُدم، تحقيق ۽ تنقيد، شاعريءَ جا طريقا ۽ ترتيب، عظمت ۽ اڏام، فن ۽ فڪر وغيره تي سوچي، لوچي، ۽ لکهي. ... اُنهن کي روشنيءَ ۾ آڻي سگھيا.

آنءُ فلاسافيءَ جو اپياسي آهيان ۽ مون هندو فلاسافيءَ ۾ پڙهيو آهي ته :-

''Adi Shankeracharya stars where Einstein ends''

- Swami Chinmayananda

واري ڇلانگ، نوڙي وٽڻ، ۽ شاه سائينءَ جا سڏڙا بہ سٽڻ ۾ اچن ٿا.

''غزل گُل تي''

ڪويتا ڪرڻ بہ هڪ ڪلا آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪُڏ ڪٽندو آهي تہ آنءُ بہ ڪويتا چو نہ ڪيان. ڪوي چو نہ بڻجان. ''رديف'' ڪي رد ڪري ڏٺو اَٿم، ''ڪافئي'' کان ڪنارو ڪندو آهيان. ''بحر'' ۾ تہ پوندوئي ناهيان، ''وزن'' ڪي بہ وزن نہ ڏيندو آهيان. ''عروضن'' ۽ ''ڇند'' کان ڇهہ ڪوهہ پري آهيان .... باقي رهي ''نئين ڪوتا'' يا ''نثري نظم'' .... اُهو بہ مشڪل پيو لڳي. ڪويتا هجي يا نئين ڪوتا هجي ... اِهي ٻئي آهن، فن، ذات، سرجڻ ۽ تخليق! پر ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ منهنجي نثر ۾ ڪي نثري نظم آهن.

ڪو وقت هو جو ''ڪويتا راڻي'' ڪو ٽَنِ ۾ بند هئي . پر اڄ ڪويتا آهي گهر گهر جي ڪهاڻي. ڪوي، ڇند ۽ عروض برپا ڪندا آهن پر ڇند ۽ عروض ... ڪوين ڪي قائم ڪونہ ڪندا آهن. شاعر اڪر شعور مان نڪتل آهي. شعر آهي اندر جي اُڇل ۽ جذبن جي جنبش. ڪويتا آهي اَٿيو جي سچائي ۽ اُن جو مختصر اِظهار. آنءُ موتي پڪيڙيندو آهيان ... موتي پوئيندو ناهيان. رواعتي شاعريءَ ۾ بہ علم عروض جا ماهر ئي فقط شاعر نہ ٿيندا آهن. شاه لطيف ڄائي ڄام هو. جي سنڌي شاعريءَ مان ڀٽائيءَ جي شاعري ڪيي وڃي تہ اُن جو سارو سرمايو هڪ واهٽي واٺڙوءَ جي هڙ جيترو مس ٿيندو، جنهن ۾ اِڳڙين ٿِڳڙن ڪانسواءِ ڪجهہ نہ هوندو.

آنءُ ڪويتا اُن ڪري ڪرڻ چاهيندو آهيان، ڇاڪاڻ جو شعر جي ٻن مصراعن (سٽن) ۾ ڪوي، گهاگهر ۾ ساگر سمائي سگهندو آهي. پر مون غريب نثر نويس ڪي اُهو ساڳيو اَثر يا تاثر ڏيڻ لاءِ، ٻن سٽن جي بدران بہ صفعا لکڻا پوندا آهن. اڇو تہ وٺون ڪي مثال :- اڄ رڳو گُل جو مثال وٺنداسين.

1) ''رتبو سندس وڏيو جو هوُ ،گل جي قريب هو
نہ تہ هوئنئن ڪهڙو حسن، رکيو آهي خار ۾.   سڳن آهوجا

2) ''گُلن جي مُرڪ حاصل ٿئي،

10) ''باه لڳڻ جا ڪمنب،
ور ور وڃندا ٿا رهن،
سنڌين ڪهري ننب.''

ڪهايل

11) ''جڏهن ڏسان ٿو مُرڪ مِٺي يا صورت ڪا چت چور،
تڏهن لڪان ٿو آءٌ.
جڏهن ڇِڪي ٿي قُدرت مون کي، ناچ نچي من - مور،
تڏهن لڪان ٿو آءٌ. هري دلگير

12) ''مان تہ لفظ آهيان، مگراهڙو نہ جو،
جهڙي تهڙي جُملي سان ٺهڪي بيهان.''

ايم ڪمل

13) ''عجب زندگيءَ جا هِي خاڪا ڏسو،
تَنل هي شرافت جا ٽاڪا ڏسو.''

ڀڳوان هوش

جاڻن جو چوڻ آهي تہ غزل جو ڳهاڙيتو ۽ مزاج ڪنهن ڌارا يا واد جو محتاج ناهي. پختي بندش ۽ تغزل، غزل کي غزل بڻائيندا آهن. غزل ڏکئي ۾ ڏکئي صنف آهي ۽ غزل جا نيم پوريءَ طرح نڀائڻا پوندا آهن. ٻيءَ شاعريءَ وانگر غزل ۾ بہ روائتي، ترقي پسند، جديد، بعد - جديد ۽ هاڻي Absurdness جو نئون دؤر پيو هلي .. ۽ تجربن جو دور بہ چالو هو ۽ آهي. نئين ڪوتا جو تجربو بہ نئون آهي ۽ نئين ڪوتا غزل ڏانهن بہ آڪرشڪ ٿي آهي. الڳ الڳ دؤرن هوندي بہ ڪاليڪ پائي اُنهن کي الڳ نٿو ڪري سگهجي ... پر هر دؤر کي پنهنجو مله معنيٰ ۽ مفهوم ضرور آهي. هند ۾ عزيز، دکايل، ايم ڪمل، واسديو نرمل، اندر ڀوڄواڻي، موتي پرڪاش، نارائڻ شيام، سڳن آهوجا، حاسد، موهي ۽ راهي، ڪيمن ۽ ڀولڻ، وغيره اِنهن الڳ الڳ تجربا ڪري غزل جي قلواڙيءَ کي شاد ۽ آباد رکيو آهي ۽ نواڻ ۽ رنگت آندي آهي. غزل جو سفر بہ عربستان کان اڄ تائين ڪيڏو نہ ڀِن ڀِن رهيو آهي! تاثير واري تاجل بيوس بہ، غزل ۾ نئين جان ڀري آهي ۽ غَزل کي ''نيڻ غزل'' ڪوٺيو آهي. تاجل جي غزلن ۾ مرٿيءَ

غنچي ۾ آه ڦول، ڪِ تنهنجڻ ۾ پار آهہ؟'' نارائڻ شيام

9) ''هيءُ کهڙو پوپٽ پرڏيهي،
گُل کي آ سينگاري ويٺو.'' سندري اُتمچنداڻي

10) ڪِليا گُل، ماڪ جا ڦوڙها اُکهي ، جئن سڄ نئون نڪتو،
اکين ۾ تنهنجي ساٿي! هِئن نٿا آنسون ٿهن هاڻي.'' هريڪانت

11) ''گُلَ وچي ڏسو ٿي ويءُ تي،
ڏاڍي چڙ مان چيو چمن.'' ناري لڇاڻي

12) ''اڄ هوُ سرڪاري ڦولدان ۾ آ،
چا بہ هو اڳ، گُلاب آ هاڻي.'' ايم ڪمل

اڄ زندگيءَ جي شام ۾، سنڌ اما جو فرض ۽ قرض ادا ڪرڻ لاءِ مون سنڌي شاعريءَ تي چار ڪتاب لکڻ جي رٿا ٺاهي آهي :-

١) سنڌي شاعريءَ جو سفر
٢) عظيم شاعر شيخ اياز
٣) شاه لطيف‌هڪ فيلسوف (شاه تي هڪ نئين نظر)
٤) عظيم شاعر تاجل بيوس

پهريان بہ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. باقي بہ شايع ٿيندا. اِهي شاعريءَ تي ڪتاب، سنڌ ۾ بہ شايع ڪرڻ جي ڪوشش چالو آهي. جي شاعر نٿو ٿي سگهان، تہ شاعرن تي لکي تہ سگهان ٿو.

شاعر بہ گُلن مثل آهن ۽ ڪويتا آهي گلدان ۽ بوستان! آنءُ لکندو نثر آهيان پر پڙهندو نظم آهيان. هاڻي اچو تہ گُل جا پيا مثال وٺون :-

1) ''مُنهن مُرڪ صبح ساڻُ ،
گُل پهريون آ ماڪ جو،
نئون نئون پهراڻ.'' هاڻيڪو غزل - واسديو موهي

2) ''سُکن جي گُلن سان مون گُلشن سجايو،
ڏُکن جي ڪنڊن ۾ مون جيون گذاريو.'' لتا ٿهلياڻي

3) ''شايد ايڏو رات رُنو آ،
رابيل تڏهن ماڪَ ڀنو آ.'' مينا شهدادپوري

4) ''ماڪ جو ڀي وزن سهي نہ سگهيو،
چا گُلن کان بہ وڌ ڪچو هوندو.'' جئرام چمناڻي ديپ

تہ ڪنڊن ۾ رهڻ سهڻو جو.'' نارائڻ شيام

عظيم شاعر شيخ اياز فرمايو آهي. ''پرہ جو پکيئڙا ڇو ٿا ڳائن؟ جيڪڏهن مون کي ڪو اهو راز سمجهائي تہ آءٌ اُن کي فرشتو ڪري مڃان!'' مان وري سوچيندو آهيان ''ڪنڊن ۾ رهندي بہ گُل ڇو ٿا مُرڪن ۽ ٽڙن؟ مونکي جيڪڏهن ڪو اِهو رهسيہ سمجهائي تہ آنءُ اُن کي ديوتا ڪري مڃان.''

ڏسون شاعر ڇا ٿا چون گُلن بابت!

3) ''ٻڙهي گُل جي خوشبوءِ سنگھہ،
پوءِ ڪنبي تي ويچار.'' شيخ اياز

4) ''وري وري توکي ڦٽٽو آ، گُل آهين تون!
نٽو مان سمجهان تہ پيارا! ڇٽي ڇٽي ٽڪبين.'' اياز گُل

هي چار شعر جي ڏيان سان پڙهندءُ، تہ ڏسندءُ تہ هڪ گُل کي ڪٽي چئن عظيم شاعرن ڪيڏو نہ ڪمال ڪيو آهي! سچي جيون جي فلاسافي اِنهن چئن شعرن ۾ سمايل آهي. اِهو سچو تاثر ڏيڻ لاءِ مون کي سؤ صفحا لکڻا پوندا. اهو آهي ڪويءَ جو ڪمال ۽ جمال. گُلن تي ٻيا مثال :-

1) ''ڪاساين جي مارڪيٽ ۾، دڪان کوليو اَٿم / گُل وڪڻندو آهيان.''

2) ''جڳ سچي کي ڏئي سُرهاڻ، موهن گيهاڻي
گُل جي پوءِ بہ ساڳي تورَ.'' تاج جويو

3) ''ٿي هوا گُل گُل سان گُستاخي ڪري،
تن کي چمندي ڪئن وڃي بار بار.'' پرسرام ضيا

4) ''گهائل ٿيون، پر مُرڪ ڇڏيون ڇو؟
گُل ڏي ڏس، ڇا گهايل ناهي؟'' هري دلگير

5) ''ڏسي ڪنهنجو مکڙو سہاجهو نماڻو،
گُلن کي بہ گردن جهڪائڻ تي دل ٿي.'' اندر ڀوڄواڻي

6) ''هڪ ٽيبل گلدستي جي سينگارڻ خاطر،
گهڻن گُلن جو مالهيءَ ڪنڌ مروڙيو هوندو.'' ڪيئلداس فاني

7) ''لڙڪ ماڪ جا، گُل جو چهرو،
سُک تي هردم دُک جو پهرو.'' گوورڌن ڀارتي

8) ''لوڏي هندورو شاخ جو، ٿي باغ ۾ صبا،

شاعر ڪري ٿا مڃيا وڃن. شيخ اياز، اُستاد بخاري، تاجل بيوس، اَياز گُل، نارائڻ شيام، موتي پرڪاش، ارجن حاسد، ڍولڻ راهي، واسديو موهي، وغيره جديد دور جا شاعر آهن. بعد جديد ۾ حاسد، ايم. ڪمل، واسديو موهي، صدف، ڍولڻ، ڪيمن، گوپ ڪمل، وغيره اچي وڃن ٿا.

چون ٿا ١٢ صديءَ ۾ غزل ايراني صوفين وسيلي ڏکڻ ايشيا ۾ آيو.

هاڻي اچو تہ ڪي غزل ماڻيون :-

1) ”هو جو مڪڙو پوڙهو هو،
پنهنجي گهر جو لوڙهو هو.“ — محسن ڪڪڙائي.

2) ”غزل گيت هوندا، هجان پُلُ نہ مان،
وَيس پاڻ پنهنجو، پنن ۾ اَڏي.“ — مريم مجيدي

3) ”زندگيءَ جا مسئلا پئي حل ڪيا،
چند اديبن اي وفا ڪاله بار ۾.“ — وفا پلي

4) ”ويهين صديءَ جو هو وڏو شاعر ”اياز“،
پر پڙهي ناهي ڏٺو تو ”شيام“ کي!“ — ستايل سڪندر

5) ”جسم خوشبوءِ ۾ واسجي ويو آ،
چيله تائين پرينءَ جا وار ڏسي.“ — عامر سيال

6) ”هي گيتَ غزل گهاڙيتي ۾، جڻ تو لئہ ڀِڳا ٺاهن ٿا،
سينگار ڪري سانباهن ٿا، ٿي ڪنوار لڳين جي پائين ٿي.“
شيخ اياز

7) ”جو بخاريءَ سان ناهي مليو، اڄ ملي، ڪجھہ پڙهي، ڪجھہ ٻڌي،
هر غزل اُن جي تن من جو آئينو، جذبن جو اِظهار هو.“
اُستاد بخاري

8) ”شاعر جي دل صاف - سدا،
هيري کي ڪيئن لڳندي ڪَٽُ.“
”مهٽي صاف ڪئي تنوير،
پوليءَ تان سڀ ڏاري ڪَٽُ.“ — تنوير عباسي

9) ”تارازيءَ ۾ لاش تُري ٿو،
عادل ڪان اِنصاف گهري ٿو.“ — تاجل بيوس

10) ”لُڙڪ کي لَفظ ڪرڻ ايترو سؤلو ناهي،

5) ڱُل جو ڱُل سان ٽيو ٽڪرائُ،
ڏس تہ هوا ۾ ڇا تہ هڳاءُ.'' مختيار ملڪ

6) ''ڱُل ٽاريءَ مان ڇِني، پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون،
ساز جون تارون ڇهي، پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون.''

ادل سومرو

7) ''هن جي رخسار جي ڏسي سرخي،
شرم ۾ غرق پڻ گلاب ٿيو.'' قاسم

پاڇاڙيءَ ۾ آنءُ عظيم شاعر تاجل بيوس جو هڪ شعر جنهن ۾ هن سنڌ جي پيٽ ''ٽڙيل ڱُل'' سان ڪئي آهي اُهو ڳنگنائيندس :-

١) ''سنڌ شام جي پهر ۾، ٽڙيل ڱُلاب آهي،
يا سونهن، سچ ،سڳنڌ جو ڱُليل ڪتاب آهي.''

(واسديو موهيءَ جي ڪتاب ... ''ورهاڱي کانپوءِ سنڌي غزل جو هئنڊبوڪ'' پڙهڻ کان پوءِ ڱلن جي سرهاڻ ماڻيم)

ڱُل وَخار - زندگيءَ ۾ آس ۽ نراس. لُڙڪ ۽ مُرڪ، ۽ ڏک ۽ سُک، مثل آهن ۽ آهن، ڇانوَ ۽ اُس جيان. عظيم شاعر نارائڻ شيام جيون جي فلاسافي، اِنهن ٻن سِٽن ۾ سمائي ڇڏي آهي :-

''ڱُلن جي مُرڪ حاصل ٿئي،
تہ ڪنڊن ۾ رهڻ سهنجو.''

جديد ۽ بعد جديد :

ٻيءَ شاعريءَ وانگر، سنڌ ۽ هند ۾، غزل جي اِتهاس کي ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو :- ١) روائتي غزل ٢) جديد غزل ۽ ٣) بعد جديد غزل. روائتي غزل ۾ عشق ۽ رومان جي پرمار آهي. جديد غزل ۾ سنڌ ۾ سنڌ جي زمين جو هڳاءُ، ۽ هند جي غزل ۾، شهري عقوبتون آهن ۽ بعد جديد غزل ۾ نواڻ، ڱونا ڱونيت، سلاست، تخليقيت، ۽ تخيل ٻولي، ۽ ادبيت، وغيره جي پرمار آهي. بعد جديد شاعريءَ ۾ ڪوين جو ذهني سفر، ۽ ڱوناڱون آزمودا بہ آهن، ذڪر لائق. ڄاڻن جو رايو آهي تہ جديد دور ١٩٧٠ کان ڇالو ٿيو.

راشدمورائي، مريم ماجيدي، عزيز، ضيا، فاني، وغيره روائتي دور جا

ڏيئو لاٽ تي لَڇي ٿيو آهي.''					ايم ڪمل
2) ''روز سوچيان وڏيون وڏيون ڳالهيون،
پر نہ ٺاريءَ تي ڳُل نہ پن اُپري.''					ارجن حاسد

جماليات ۽ علم خوبصورتي

جماليات معنيٰ حسن ، سونهن، سوڀيا، خوبصورتي، ڪشش، ۽ رس گيانAes thetics معنيٰ علم خوبصورتي 'سوڀيا لَڪ. اُهو ڪلاڪار يا قلمڪار جنهن کي رس گيان آهي، اُن کيAesthete ٿا ڪوٺن. سچا سرجهٽار ۽ تخليڪار، رس گياني ۽ سونهن جا پوڄاري ٿيندا آهن. سونهن يعنيٰ سندرم ، جو سَتيمَ ۽ شِوَمِ جو هڪ اَنگ آهي. مطلب تہ جماليات ۽ رس گيان سندرتا جو درشن آهن. ڪويتا اُها جيڪا ماڻي سگهجي! جيڪا رس ڏئي!! اِها ڪشش حواسن وسيلي ماڻي سگهجي ٿي. جماليات هڪ لطيف ڪلا آهي. قدرت ۽ انسان جي سونهن جي وسيلي، ڪوي اسان کي جماليات ماڻڻ جو رس عطا ڪريٿو.

حسن، سونهن، ۽ ڪشش، آهي اسان جي نظر ۽ نگاه ۾! ۽ نہ خوبصورت ناريءَ ۾. گلاب جي ڳاڙهي گُل ۾ بہ اوتري ئي حسن جي سرهاڻ ۽ سڳنڌ آهي، جيتري گلاب جي ڪاري گُل ۾ .خليل جبران فرمايو هو :- ''حُسن آهي دل جي روشني.'' فرينز ڪافڪا جو قول آهي : ''جو سونهن کي سڃاڻي ٿو، اُهو ڪڏهن بہ پوڙهو نہ ٿيندو.''

''سونهن آهي ايشور جا اکر''... ائين چيو هو سقراط. هيلن ڪيلر فرمايو هو: ''دنيا جي وڏ ۾ وڏ سهڻي چيز ڏسڻ يا ڇهڻ لاءِ نہ هوندي آهي، پر هوندي آهي دل سان محسوس ڪرڻ جي.'' دنيا ۾ مشهور شلپڪار مائيڪل انجيلو جو چوڻ هو: ''سنگمرمر ۾ مون فرشتي کي پسيو ۽ مان تيستائين اُن کي ڇليندو رهيس ،جيستاءِ مون اُن کي سنگمر مر مان آزاد نہ ڪيو.''

رس گيان ۽ نيتي شاستر جا قدر ساڳيا آهن.

هندو فلاسافيءَ موجب ايشور جو وڏي ۾ وڏو گڻ آهي سونهن!

اڇو تہ سنڌي زبان جي عظيم شاعر ۽ سنڌ جي قومي ۽ انقلابي ڪوي، شيخ اياز جي جماليات جو جمال ماڻيون:

''ٻڪارڻ / اڌ / اُگهاڙي / ڌرتيءَ تي ليٽي پئي آهي / ۽

باه جو سمنڊ ترڻ، ايترو سؤلو ناهي.'' امداد حسيني

11) ''شاعرَ! تنهنجا سپنا،
خالي ناهن خاڪا.'' تاج جويو

12) ''منهنجي ڪوتا جوڳياڻي آ،
ڪا شهزادي، راڻي ڪونهي.'' ادل سومرو

13) ''هرڪنهن دور ۾ ڇمندا آهن،
باغي ۽ درٻاري ماڻهو.''
''مان اِنسان رهيوئي ناهيان،
شاهد سڀ اخبارون آهن.'' اياز گُل

14) ''تون غمِ جا نان مان نڪري اَچ ڪوي!
ناهي ڌرتيءَ کان مٿي ڪا دلبري.'' اختر درگاهي

15) ''وسي برسات، اُڀ ڌوئي ڇڏيو آ،
ڌني ڌوپيءَ، لٽن کي ڇڻ ڪُلي آ.'' وسيم سومرو

16) ''مون جو ڀُوتيا نيڻ سمهڻ لئه،
جاڳيو من ۾ گيت غزل ڪو.'' رکيل مورائي

17) ''آءُ خدا کي ڳولڻ نڪتس دنيا ۾،
ٽڪي ٽڪي موتي آيس پاڻ طرف.'' سعيد ميمڻ

18) ''ڪنهن لوڪ گيت جهڙي،
ڇهري تي مُرڪ آهي.'' غلام نبي گُل

19) ''ڪيئن نه اُٿندو، سڙيل سماج،
ڏي سهي تون، هلڪي ڌوڪ.'' منگهاڻي

20) ''نرمل ٻڌاءِ توکي، آخر ۾ ڇا ٿيو،
هئن مثنوي ٻڌائي نه ڇڏ داستان کي.'' واسديو نرمل

ڪلاسيڪل شاعريءَ وارو دور، تجربا تي دور ۽ اُن کان پوءِ آيو ترقي پسند دور. سنڌي شاعريءَ ۾ بعد - جديديت جو دور ١٩٨٥ کان مڃيو وڃي ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ جديديت کان پوءِ گونا گونيت جي ڪري، بعد - جديديت جو دور چالو آهي.

ڪي مثال :-

1) ''پاڻ ۾ پاڇن جي جنگ ڏسي،

آهي، جماليات ۽ رس گيان ماڻ لاءِ، ۽ انسان جي حسن کي نکارڻ لاءِ اچو تہ جماليات ۽ رس گيان جو جلوو ۽ رس ماڻيون :-

1) ''ٿي اڳيان شفاف پاڻيءَ جي ندي وهندي وئي،
جل هئو يا چنبڊ جي جل روپ اوجل چاندني؟
ڇا تہ اُپريل اَنگ هي! هڪ هڪ مان سوپيا ٿي ڇٽي،
چيٽ جي الهڙ هوا جو عرش تي آهي دماغ.''

نارائڻ شيام

2) ''سانورو دونهون، اُفق تي رنگ ها،
لڱ ڇهيم، ڪنهن جا تہ سونهري لڳا.'' ارجن حاسد

3) ''روش نکري پيا اَٽس شايد وڏيڪ،
يا تہ اڳ کان وڌ لاچاري ٿي لڳي.'' موتي پرڪاش

4) ''منهن مؤمل جو محبوُباڻو، لڳندو آ،
هُن جي سامهون، چنبڊ پراڻو لڳندو آ.'' پريو وفا

5) ''سُندر سينا ساڻ ڪٽي آ پره پُڳي،
جيوَن - ڪٽ لئہ واڻ ڪٽي آ پره پڳي.'' علي آڪاش

6) ''اکيون محراب، مُرڪ چڻ پوُڄا،
ماٿو مساجد جو آ، يا مندر جو؟'' رڪيل مورائي

7) ''هٿ ۾ گُل گلاب اسان وٽ پيي آهي،
تو جهڙو هڪ خواب اسان وٽ پيي آهي.'' نصير مرزا

8) ''مُشڪين تون پاڻ وينٺي نظارن جي گود ۾،
چمڪي ٿو يا ڪو چنبڊ ستارن جي گود ۾.''

لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل

9) ''اڄ نئر تنهنجون اَدائون ڇو ٻٽيون،
بي اثر منهنجون صدائون ڇو ٻٽيون.'' هريڪانت

10) ا) ''لُڙڪ ماڪ جا، گل جو چهرو،
سک تي هردم دک جو پهرو.''

ب) ''ڇهري تي چڳ ائن جهولي ٿي،
مٽيءَ مٿان جئن سَپ جو لهرو.'' گوورڌن ڀارتي

11) ''چانوَ اڳ ۾ جنهن جي زلفن جي هئي،

ڏرتيءَ تي ڪرندڙ مينهن ڦڙا ڇڻ سئي ڏاڪي سان ۽ هن جا قاتل ڪپڙا سڀي رميا آهن. هاڻي نارائڻ شيام جو انداز پسو:

ماڻي سگهيو نہ حسن ڪوئي پي بهار جو،
ڪو گل ڇنڻ لڳو، ڪو ٿيو رنگ تي چريو!
چانڊوڪيءَ کي پاڪر پائي،
سونهن ستل هئي ڪاڪ ڪناري! ''

جماليات تي ڪومل ڪوين جا رايا :-

ارجن حاسد جي خيال موجب ''جماليات غزل جي سونهن آهي. اَهڙي سونهن، اَهڙي ڪشش، جيڪا هوَس ڏانهن آماده نہ ڪري، پر اهڙو اڏامو اُتپن ٿئي، جو ترپتي محسوس ڪاجي بندش جڏهن ڏانوَ جي آهي، تہ اُها بہ جماليات کي نکاري ٿي.''

سگن آهوجا جو چوڻ آهي تہ ''جمالياتي شاعري، ماديت ۽ روحانيت جي دلڪشين کي هڪٻئي ۾ سموئي ڇڏي ٿي.''

واسديو موهي فرمائي ٿو :- ''جسماني سک، آنند کان الڳ آهي. لطيف ڪلائون، انسان کي وحشي ٿيڻ کان بچائن ٿيون.

هاڻي اچو تہ عظيم شاعر اياز ۽ تاجل بيوس جو انداز پسون :-

1) ''پيارُ نہ پوڙهو ٿو ٿئي، پوڙهو ٿئي ٿو پاپُ،
ورهين لَيءِ وَرلاپُ، ساڳي پيڙا پيارَ جي.''

2) ''سانوڙا مان ساڳي آهيان
تو لئہ راتيون جاڳي آهيان
منهنجا انگ اڃا بہ نچن ٿا
ڳاهون تنهنجون ڳايو
ڇا ڪان شيام نہ آيو؟'' شيخ اياز

1) ڪَرَنِ هير ڳاڙها، ہ ٿي پير ڪڻُ،
ڳهڙيءَ لاءِ ڳوري، اسان تي بہ چَڻُ.'' تاجل بيوس

سنڌي شاعريءَ جي ڪليسڪل دور ۾ شاہ، سچل سامي، ترمورتي آهن ۽ جديد دور ۾ جماليات جي خيال کان شاہ لطيف، نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز ترمورتي آهن. اڄ جماليات جي ڏس ۾ نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز کي سلام آهي. مهاڪوي ڪاليداس جيان نارائڻ شيام، قدرت جو سهارو ورتو

سائين شاه لطيف تہ ڪمال ڪيو آهي، جڏهن هو شرنگار رس فرمائي ٿو :

1))''سهسين سائر ٻوڙيون،
مَٿ ٻوڙيو مهراڻ.''

2)مومل ڪي مجاز جا اکين ۾ انبور

هاڻي اچو تہ شاہ لطيف جي جماليات ۽ رس گيان جو رس وٺون :

1) ''جهڙا گُل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس!''

2) ''نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راڻُ!''

3) ''ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اکڙين ۾!''

4) ''سونا ڪر ڪنن ۾، ٻانچيءَ ٻاڙها هار،
ٻانهوتا ٻانهن ۾، سنڌ سٽيا وار !''

5) ''ڪنواريون ۽ ڪنوَل، هل تہ پسون ڪاڪ جا!''

6) ''ساهڙ مون جيئن سرتيون، جي ڏسو سپيئي،
تہ سمهون ڪين سک ٿئي، پاسو وَر ڏيئي،
مُهان اڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٺي.''

7) ''ونين ۾ ٿي ويه، تہ آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيه، آئون نہ ڏسان ڪو پيو.''

8) ''ڪٺي نيڻ خمار مان، ناز ڪيائون نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماٽو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڍيڪيندي دلبر،
جهڪيو ٿيو جو هر، جانب جي جمال سين.''

9) ''آڌي رات اُٿي ڪري، جهل تون ننڊا نيڻ،
جوين ٻہ ٿي ڏينهڙا.
سرتيون جي مون وسهو، ننڊ نہ هيريو نيڻ،
جوين ٻہ ٿي ڏينهڙا.

شاہ لطيق وانگر جڏهن شاعر - عشق، عاشق ۽ معشوق، ميهار، سهڻي ۽ ساعر يا پُنهون، سسئي ۽ سورَ، هڪ ڪري سمجهي ٿو، تڏهن ئي هو، جمال جو رَسُ ۽ حَسُ ماڻي ٿو.

پڃاڙيءَ آنءُ انگلستان جي ڪوي بئرن جو بيت ۽ ارجن حاسد جو شعر

هاڻ آ اُن جي وره جي اُس ڪڙي.'' ايشور آنچل

12) ''تو صراحي چو ڪمر جي لوڏي،
منهنجا ڏس نيڻ نشيلا ٿي پيا.'' سگن آهوجا

13) ''ڏيمي ڪِل ڪِل ناچ پنن جو،
اونده، ۾ جسمن جي سُس پُس.'' واسديو موهي

14) ا) ''ڪامنا تنهنجي ڪنواري هرڪا،
واڳ ويراڳ ڏي موڙين چو تو.''
ب) ''سون لُٽجي ويو جوانيءَ جو،
پوءِ به چاندي وٽي اچا تائين.'' ڊولڻ راهي

15) ''هتن ۾ گُل ڪو هجي، گُلبدن يا جام هجي،
اِلاهي وقت گذارڻ جي لاءِ، ڪجهه ته هجي.'' واسديو
نرمل

16) ''سندر ناري! ناچڻيءَ جهڙي،
موهين مان چڻ ڪوتيل آهين.''

17) ''ڪولهڻ تنهنجي ڪام،
جهڙي باک بسنت جي.
چڻ ڪا پڪل ليار جي،
لڙڪي آمي لام،
جهڙي باک بسنت جي.
مون کي ڪري مات وئي،
اُره جي اڏام،
جهڙي باک بسنت جي. تاجل بيوس

18) ''سانوريون نينگريون پنڊ ۾ ٿَڻَ لُڏن،
جيئن ۾ چڻ پيا انب جا وَڻَ لُڏن.''

19) ''دور تان تنهنجا ٽڙا
چڻ لڳن ٿا
ڏنيرا!'' شيخ اي

20) ''سِرُ نہ جهڪيو پر سجدو ٿي ويو،
نيڻ نهاريو جُهڪي جُهڪي.'' ڪرشن راهي

24

''تاجل بيوس چوند ڪلام'

شعور واري شاعر تاجل بيوس جو ڪلام، جنهن مونکي موهيو ۽ مون ماڻيو :-

1) ''زماني جو آخر تہ منصور آهيان،
وري دار تي سِرُ ڏيڻ آيو آهيان.''

2) ''منهنجي مالها، منهنجا مڻڪا،
سنڌي، سنڌيت، سنڌ سونهاري.''

3) ''ڪنهن ڏنو ٿي پيار، ڪنهن پيڙا ڏني،
گيت بيوس جا ائين ٺهندا ويا.''

4) ''تنهنجا ڳَلَ گُلابن جهڙا،
چُمندس روز رَسالي وانگر.''

5) ''وَڻَ جي ٽِڙيل لامَ تي،
چڻ ڪنهن پريل جامَ تي،
پکي ٿو ٻولي!''

6) ''قسمت واري ٿرهي بيوس،
هرڪو پنهنجِي پاڻَ لکي ٿو.''

7) ''مٽيِ جا مَلير جي، تنهن مٽيءَ وڏو ماڻُ،
اُٺيو آڌي رات، ڊُنهيون ڪَنِ ڌنار!''

8) ''اَچي ٿو اَلاه،
سائو ڪندو سنڌ کي،
دادلو درياه.''

9) ''منهنجا دوها، گيت، غزل،
اهڙا، جهڙا، ڏاڙهونءَ ڏار!''

10) ڪامريڊ / اِنهن بوتلن کي / ڪباڙ خاني ۾ اُڇلي ڇڏ. / سنڌ جا

گنگنائيندس :-

11) '' پوڄا سان انسان جو مَنُ، عرش تي رسي ٿو،
پيار سان وري سرڳ، عرش تان فرش تي رسي ٿو.''

بئرن

12) ''گُل ۾ خشبوءِ جي حياتي ٿوري،
دل ٻـ هرڪنهن تـ اُنهن تان گهوري،
سي جيئڻ سان نـ رکي موه سگهن،
جن کي مُرڪڻ جي لِڳل آ جهوري.''

ارجن حاسد

●●●

ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان؟
شل تنهنجيءَ ئي ڪُڪ مان پيو هرهر ڇمان،
کير تنهنجو پيان، وَير تنهنجو وٺان.''
21) ''منهنجي ڪوتا جي ڪنهن سٽ مان،
دنيا کي دستور ملي ٿو!''
22) ''اي انسان جا ٻچا! / تون جيڪڏهن / ڪنهن دُکي انسان جي دُکن کي / ڌوئي صاف نٿو ڪري سگهين / تہ پوءِ ڪنهن کي ڏکوءِ بہ نہ.''
23) ''تخليقار جو موت / موت تي شڪست آهي / ۽ فنا. / بقا کي جنم ڏئي ٿي.''
24) ''ڪنهن کان جڏهن ڪو ڪِرهُ ڪَسي ٿو. بيوس ڪنهن کي ٻُڪ ٻاڇي ٿو. آءُ تڏهن پيو، پيٽ بکين لئہ، سنگر ٻور، سٽيندو آهيان.''
25) ''ڇاٽون ٿو ڳولهيان،
آءُ تو ۾ ايترا،
ماڻهو ٿو ڳولهيان!''
26) ''مونکي رات موکيءَ جي دَرَ وٽِ مِليا،
ساڄل، شاه، سامي، عنايت ميون.''
27) ڏس تہ / پٽائيءَ کي اک بند ڪئي / ڪيڏا سال گذريا آهن / ۽ پوءِ بہ / سندس هر سِٽَ / اڄ و اري وقت ۽ و ايو منڊل / لاءِ لکيل ٿي لڳي.''
28) ''هر دل ۾ خدا سان گڏ، ماڻهو ٿو رهائي،
''بيوس'' کي تڏهن ئي، تہ گنهگار چئون ٿا.''
29) ''اُها جاءِ مون لاءِ مسجود آهي،
مان جنهن جاءِ تي ڪٽڪ - داٽو ڏسان ٿو.''
30) ''بيوس لِکي ڪو شعر مياري نہ ٿي پوي!
ڪوئو لهي مريتِ، پساري نہ ٿي پوي!''
31) ''سنڌي منهنجي ٻولِي آهي،
وَسڪارن ۾ ڇولِي آهي.''
32) ''وَٽُ مي ڪيت گلابن جَهڙا،
محبوبن جي خوابن جهڙا!''
''شاعر! تنهنجا شعر لڳن ٿا،
سنڌو جي سيلابن جهڙا.''

ٻار وَڻن ۾ ڪير پيئندا آهن.''

11) ''منهنجي غزل يا گيت کي چوندو نہ ڪر گلاب،
بيوس منهنجهان کو، ٻڌجي ٻخاري نہ ٿي پوي.''

12) ''ماضيءَ کي موٽايان ويٺو،
اڳتي وِک وڌائڻ خاطر،
هي جو مَٽ چڪايان ويٺو!''

13) ''اَڙي ذات ڏيئا اُجهامڻ ڇڏي ڏي،
مخالفت هوائون لڳن ٿيون، لڳڻ ڏي،
تون فطرت جي ڦوڪن تي، ڪامڻُ ڇڏي ڏي،
اَڙي ذات - ڏيئا، اُجهامڻ ڇڏي ڏي!''

14) ''پوتيِ ۽ پَهريانُ،
آيو آڌي رات جو،
سانوَڻ ڪٽي ساڻ.''

15) ''ڳائن ويٺيون ڳيرڙيون،
'ساميءَ جا سلوڪ'
ٿَرَ جي پَنجهر پونءِ تي.''

16) ''زندگي ڪيڏي خوبصورت هئي،
ويئي گذري، جا ڪنهن جي ٻانهن ۾.''

17) ''مون کي ڪري ماتِ وئي،
اُره جي اُڏامَ،
جهڙي ٻاڪَ بسنت جي.''

18) ''وَڻ جي ٽندڙيِ ڇانوَ ڏين ٿا،
سنڌ ڌرتيءَ سان وابيل ماڻهو.''

19) ''شل! هي اکڙيون پَسن ماڻهو ڏکايل سنڌ جا،
شادُ، ڪيرت، پوپٽي، جگديش، ڪومل ۽ ڪلا،
ڏيه شل پنهنجو ڏسن، ماڻهو ڏکايل سنڌ جا.''

20) ''سنڌ منهنجي امان! سونهن تنهنجيءَ مٿان،
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان؟
هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان،

25

''تاجل بيوس، هڪ نثر نويس''

تاجل بيوس جي شعر ۾ رواني، رس ۽ چس، فلاسافي ۽ فڪر، تہ آهي پر هو ''ترتيءَ جو شاعر'' آهي. نہ صرف حال، پر ماضيءَ ۽ مستقبل جو بہ شاعر آهي. هن ڪي جيترو ''نظم تي، اوترو نثر'' تي بہ عبور آهي. هن، نہ فقط موتي پويا آهن، پر موتي پکيڙيا بہ آهن.

ويلجهو مون هن سنڌي زبان جي عظيم شاعر جو ''هندستان جو سفر نامو''... ''اديون! ڙي، اوهان ڇا ڏٺو هو!'' ۽ سندس آتم ڪٿا، ڏک سُک جي سونهن'' (3ڀاڱا)...پڙهيا.هن ڪل ٢٩ ڪتاب لکيا آهن.

تاجل 1990 ۾، ''شاه-سچل-سامي،'' سيمينار لاءِ ۽ 2001 ۾ ''شاه جون سورميون'' سيمينار لاءِ هند ۾ آيو ۽ سنڌين سان ملي زيارت ڪري ويو. 1990 ۾ هن سان ٻيو سنڌي زبان جو عظيم شاعر شيخ اياز بہ هو. پهريون سيمينار ممبئيءَ ۾ ٻيو دهليءَ ۾ ٿيو هو.

ممبئي، اُلهاسنگر، پوني ۽ دهليءَ، جي اديبن ۽ ارٽسٽ، هن جي عمدي آجيان ڪئي.

تاجل لکي ٿو:-

ڀارت جي ادبي ياترائن ۾ هڪڙا اهڙا بہ سنڌي سڀاجها مليا، جن سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن بابت پنهنجن وزيٽنگ ڪاربن تي ۽ ڪاغذ جي ڪنهن ٽڪري تي بہ ڪاجهہ لکي ڏنو آهي، اُهو سون ۾ مڙهائي رکڻ جهڙو آهي.''

پوني لاءِ تاجل بيوس لکي ٿو:- هن شعر ڪي علم ۽ ڄاڻ جي حوالي سان، سنڌ جي اڳوڻن ٻن شهرن-پاٽ ۽ شڪارپور-سان ڀيٽي سگهجي ٿو.''

هند ۾ اچي هن ڏات ڏٺيءَ، جيڪي ڪاجهہ ڏٺو ۽ پسيو، ماڻيو ۽ چوڙيو، اُن جو بيان، هڪ عمدي اتهاسڪار، ۽ سهڻي ساهتيڪارمثل ورڻن ڪيو آهي.

''منهنجا گيت غزل ۽ وايون،
کوه متان چڙ ٿرَ جون مايون.''
33) ''مان ڪنير جي چڪ جو چاٽو،
مان ئي ڪورو ڪاٻر آهيان.''
34) ''سنڌ شام جي پهر ۾ ٽڙيل گُلاب آهي،
يا سونهن، سچ، سڳنڌ، جو کُليل ڪتاب آهي.''
35) ''مان شاه توري شيام جي رشتن تي پيو لکندس،
اِهو سنڌ توڙي هند سان ، اقرار ڪيو ٿم.''
36) ''ڪنهن بہ اَمر تخليق کي جڏهن پڙهيون،
دفعو، ڪو عظيم فنڪار ڳائيندو آهي،
تڏهن اُها تخليق، مائيڪل انئنجلو،
جي اُن مجسمي وانگر ٿي پوندي آهي،
جنهن ۾ پڙهيون دفعو، انسان جو روح داخل ٿي رهيو هو.
37) ''مان جڏهن مومل ۽ سندس جوانيءَ تي لکي رهيو هوس. اُن وقت
هڪ ٻيڙي، سندو مان پاٽي پري رهي هئي.''
38) ''تنهنجي شاعري تنهنجي مُٺ ۾ پڪوڙيل وظيفي مان جنم
وٺندي آهي، ۽ منهنجي شاعرِي عوامي جدوجهد جي سيلاب مان.''

●●●

اياز سان گڏ آيو هو، اُن وقت آنءُ هن سان سيتا سنڌو پون ۾ مليو هوس ۽ شيخ اياز کان اسان، ”بيسٽ سنڌي سپا“ پاران منهنجي ڪتاب ”ٻڙ مڙيوئي بوءِ“ جو اُدگهاٽن به ڪرايو هو.

هي دفعي جڏهن تاجل آيو ته مان هن سان ملي نه سگهيس. تاجل پنهنجي هندستان جي سفر نامي جي صفحه نمبر66 تي مون کي هنئين ريت ياد فرمايو آهي:-

”هولارام هنس کي ممبئيءَ جي ٻن ڏينهن وارين تقريبن ۾ نه ڏسي ڏاڍي مايوسي ويڙهي ويئي، مون جڏهن ساٿس سندس گهر وڃي ملڻ جي خواهش ڪئي، ته مونکي ٻڌايو ويو، ته هنس صاحب جو گهر تمام پري ممبئيءَ جي ٻئي ڇيڙي ۾ آهي.....

هولارام هنس جا مون وٽ ٻارهان ڪتاب آهن.هنن ڪتابن ۾ اهڙا به ڪتاب آهن جي ليکڪ کي امر بڻائيندا. مون جڏهن سندس ڪتاب ”فلاسافي جيون جيئڻ جي.“ پڙهيو هو ته هنس مونکي هڪ رهبر ۽ اوتار لڳو هو. اهڙوئي درجو رکندڙ مون کي هند جو ڪوي ڪرشڻ راهي محسوس ٿيو هو، جڏهن 15 آڪٽوبر 2001 تي ”سيتا سنڌو پون“ ۾ ممبئي جي مشاعري ۾ مون، سندس ڪلام ٻڌو هو ۽ پيو اُهو ڪلام، جو منهنجي لئبرريءَ ۾ موجود آهي. ”هيءُ سرحد ڪهڙي سرحد آ.....“

شاعري آهي يا ڪرشڻ راهي، تاج محل پرسان، جمنا ڪناري ويٺو آهي ۽ ڪوتا ديوي ،ڪيس رابيل جي گلن جا هار پارائي رهي آهي.

تاثير وارو تاجل 2001 ۾ هند ۾ اچي وينا، هيري، ڪومل، جيٺلي، رام، روي، ڇيٺو، جئوير، شالني، ٻٽاٽي، ملڪاٽي، پوڇواٽي، موتيهار، سندري اُتم، پوپٽي، چاولا ٺاڪر، لعل پشپ، هري، پرسو، ايشوري، شبنم ۽ شرما، نند، مست، جڳديش، متلاٽي، رتنا، پارو، گوڪلاٽي، اٺلاٽي، موتيلعل پنجابي، گريش، ستيپال، جويري، صدف، صابو، گوپال ٺڪر ۽ پين سان ڪاڇريون ڪيون.

”مان شاه توڙي شيام جي، رشتن تي پيو لکندس
اهو سنڌ توڙي هند سان ،اقرار ڪيو ٿم.

تاجل بيوس

سُر سارنگ ۽ سُر بلاول ۾ شاھ لطيف ''سنڌ جو ذڪر ٻہ دفعا ڪيو آهي.
تاجل وري هت اچي رگويد ۾ ڏنل سنڌو نديءَ جو ٣٠ دفعا پڙهيو ۽ ذڪر ڪيو:-

''اي سنڌو! جڏهن تون ميدان مان وهين ٿي، تڏهن بي شمار ڪاڌو پاڻ سان آڻين ٿي. تنهنجو پاڻي اُتم آهي. اي سنڌو! جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي پيٽ ڪاڇي، تہ تون نورني ڪنوار وانگر آهين. سنڌو سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهي.''

تاجل جي آتم ڪٿا جي پهرين ڀاڱي ۾ گنجيءَ ۽ گوڏ ۽ سائيڪل جي سفر جو ذڪر آهي. ٻي ڀاڱي ۾ ڪڪائين گهر پرسان محل ماڙيءَ ۽ موٽرڪار ۾ ڪيل سفر جو وڌ ۾ وڌ ذڪر آهي.

2003 ۾ ڀاڱ عبدالاه جيسر، تاجل ڪي، دادو، مورو، ۽ لليا گهمائڻ وٺي ويو هو. ٽين ڀاڱي ۾ لليا، پٽڻ ۽ سيوهڻ شريف جو احوال آهي، هن ڀاڱي ۾ تاجل پنهنجا چار رهبر (١) امان جياجل. (٢) اُستاد حڪيم الاه آندو جتوئي (٣) مانو ارو زاهدي ۽ (٤) اُستاد آدو جو بہ ذڪر ڪيو آهي. شاعريءَ جي ڪتابن وانگر، تاجل بيوس جا نثر تي ڪتاب بہ سانڍڻ لائق آهن.

''ايم ڪمل'' ڪي تاجل غزل جو چيف منسٽر ڪري ٿو سڏي، ''پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪي ادبي سفارتخاني جو سفير ٿو ڪوٺي. هن جي خيال موجب ''ماڻهو، ڌرتيءَ بنان ائين آهي جيئن ساڌ ٻيلو درياه بنا. سنڌ لطيف بنا ۽ هند رام پنجواڻيءَ بنا.''

تاجل جو چوڻ آهي: ''سنڌي اديبن، هند ۾ شاعريءَ جي پيٽ ۾ نثر وڌيڪ وڏن قدرن وارا لکيا آهن ڇاڪاڻ جو سنڌين جو شهرن ۾ آباد ٿيڻ ۽ پيرن هيٺان ڌرتي ڳوٺاڻو ماحول نہ هجڻ.''

تاجل جي نثر لکڻ جو هڪ انداز:-

''ٻولي، خاص ڪري، ماءُ جي ٻوليءَ وارو اهڙو رشتو آهي، جو مان ڪرسيءَ ۽ پلنگ تي ويهڻ کان وڌيڪ، ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ وهڻ تي فخر محسوس ڪندو آهيان.''

تاجل جي آمد تي دهليءَ جي سنڌين چيو:-

``Sindh is Coming`` (تاجل سان گڏ سندس ڪنوار، رکيل مورائي ۽ خاڪي جويو بہ هئا.'' سدا حيات تاجل هند ۾ جڏهن پهريون پيرو شيخ

ڪري ليکڪ کي پنهنجي ڪتاب تي اِنعام يا اَوارڊ به عطا ٿيڻ لڳا.

بيسٽ سنڌي سيا جو شان وڌيو. جڏهن اَسان نارائڻ شيام، هري دلگير، ڪيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيراننداڻي، اَرجن سڪايل، واسديوَ نِرمل، اَرجن حاسد، ڊاڪٽر پريم پرڪاش، ڪرشڻ راهي، گوورڌن ڀارتي، مايا راهي، ڪمل پياسي، موهن گيهاڻي، سندر حشمتراءِ ۽ ڀڳوان هوش ۽ ايشوَري جوتواڻي وغيره جا ڪتاب شايع ڪيا.

خادم، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ سان واقفيت منهنجي عالي اَديب گوبند مالهيءَ ڪرائي. خادم صاحب لکيو آهي :

''مون پوه جي پاري ۾ پهاڙيءَ تي اُڀو
هڪ صبوح اُکهاڙو ڪو اَلاهه لوڪ ڏٺو.
وسمئه ۾ ڏسي مونکي چيائين مُرڪي،
ڇو عشق جي ڪوريءَ تي ڪو نهي تو ڪپڙو؟'' ربابين ۾ رهبر - هرومل خادم

منهنجي ڪتاب ''بر مڙوئي بونءِ'' جو اُدگهاٽن سنڌي زبان جي عظيم شاعر ۽ سنڌ جي قومي ڪويءَ شيخ اَياز، سيتا سنڌو ڀوَن ۾ ڪيو هو. تاثير وارو تاجل بيوَس به آيل هو.

سنڌ ۾ خط وَ ڪتابت منهنجي آهي نازسنائي، ايڊيٽر ''ڪينجهر'' تاجل بيوَس، ماهتاب محبوب، عبدالاه جيسر ۽ غازي صاحب فقير شر سان. ڪار جمخانا ۾ هڪ رات جو بمبئيءَ جي سڄڻن سنڌ جي اَديبن کي مانُ ڏيڻ لاءِ ڊنر رکي هئي. اُتي نند جويري فرمايو هو : ''مان جڏهن سنڌ ويس ته ڪيترن سڄڻن هولارام هنس لاءِ پڇيو پئي.'' اُن محفل ۾ مان شامل هيس سنڌيت جي شيدائي رميش ڪاٽيجا سان.

اديبن، فنڪارن، ڪلاڪارن، قلم ڌڻين ، جي سنگه ۽ صحبت جي سُڳنڌ ۽ سونهن، مون ممبئيءَ ۽ بڙودي، ڀوپال ۽ جئپور، اِندور ۽ ناگپور، پُشڪر ۽ ڪاجوراءِ، جبلپور ۽ پوڻه، ڪندالا ۽ لوناوالا وغيره ۾ ماڻي سيمينارن ۾.

سيا پاران مون ''نارائڻ شيام ۽ شيخ اَياز اَوارڊ ''چالو ڪيا، جي سنڌي زبان جي مايه ناز ذات ڌڻين کي ڏنا ويندا آهن. ڻاڻه ۾ ١٥ سالن کان مٿي، مون اَدبي ڪلاس هلايو، جنهن ۾ مالهي، ڪيرت، واسديوَ نِرمل، گوورڌن ڀارتي، هري موٽواڻي، پدم شرما ۽ ڪرشڻ راهي وغيره سرجڻهارن، اَسان جي رهنمائي ڪئي.

پنهنجي پچار

1) ٽيهن سالن جون ساهتڪ سارو ٽيون

اَدب آهي زندگيءَ جي تصوير ۽ تنقيد ۽ نڪتيه چيني. نظم آهي موتي پوئڻ ۽ نثر آهي موتي پڪيڙڻ! ٽيهن سالن کان آنءُ لکندو نثر آهيان پر پڙهندو نظم آهيان. اِنڪري مان عظيم شاعر نارائڻ شيام، هري دلگير، گووردن ڀارتي، پريو وفا، پروفيسر رام پنجواڻي ۽ شيام جئسنگهاڻي وغيره کي ويجهو آيس. ستو ۽ جٽادار اَدب اُهو آهي جنهن ۾ ليکڪ زندگيءَ جي آزمودن ڏانهن، حقيقتن جي سچائيءَ ڏانهن ۽ پاڻ ڏانهن پورو پورو ايماندار آهي. ليکڪ کي فنڪار، ذات ذٽي ۽ سرجڻهار به ڪري ڪوٺن ٿا. جن قلمڪارن ۾ فن ۽ فِڪر سان گڏ هليمائي به آهي، اُهي ئي وقت جي واريءَ تي پيرن جا نِشان ڇڏي وڃن ٿا ۽ اُنهن جو ئي ساهتيه ماٺي سگهجي ٿو ۽ موهي ٿو.

ٽيهن سالن کان مان ”هِندواسيءَ“ لاءِ لکان پيو. سهٽي شاعر گووردن ڀارتيءَ چيو هو: ”توکي ناميارو هِندواسيءَ ڪيو.“ عظيم اَديب مالهي ۽ ڪيرت، اُتم ۽ سندريءَ مون کي لکڻ لاءِ همٿايو پئي سدائين. قلمڪار ۽ ڪلاڪار، عام آدميءَ وانگر پنهنجي سِياءُ جي وس آهن. ڪن ليکڪن مون کي دلشڪستو ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي. پيڻ پوپٽي چوندي هئي: ”تون اڳتي وڌندو رهه. اُنهن حرامن کي مان سڃاڻان.“ پوپٽي ته هڪ مڙد ملنگه هئي! جڏهن جڏهن دلشڪستو ٿيندو هوس ته نارائڻ شيام جو شعر: **”گلن جي مُرڪ حاصل ٿئي،**

ته ڪنڊن ۾ رمڻ سهڻجو!“ گنگنائيندو هوس.

بيسٽ سنڌي سِيا، ممبئيءَ جي عمر اڄ ۵۵سال آهي. مان جڏهن اَنڪل ٽيهه سال اڳ، سيا جي واڳه سنڀالي ته پشپ مخزن کي ڪتاب جو روپ ڏنم. هڪ ئي قلمڪارن جي هڪ ئي صنف... يعنيٰ ڪهاڻين جو ڪتاب، ڪويتائن جو ڪتاب يا ڪنهن جو ناٽڪ يا ناوَل وغيره اِئين ڪرڻ

رهواسين تي لکڻ لڳس جيئن : ”ڦوڪٽن وارو، ميري، پايل، لالو پڙهي وارو“ وغيره تہ پاڻکن لکيو: ”هاڻي تون عرش تان پرٿويءَ تي پهتو آهين!“

ڳٽن وارو ڳوبند مالهي، ڀڳونتي ناواڻيءَ سان گڏجي هندستان جي دور دراز علائقن ۾ بہ سنڌيت جو پروگرام پيش ڪندو هو. ٻڌايائين ”هڪ دفعي ڪنهن دور دراز ٻوٽڙي جي سنڌي مُکيءَ، ليکڪ هولارام هنس جي ڏاڍي ساراهہ پئي ڪئي، چاڪاڻ جو اُنهن ڏينهن ۾ هِندواسي جتي ڪٿي پهچندي هئي. شايد ٽيهہ سال اڳہ هِندواسيءَ جون اڌ لکہ کن ڪاپيون ڇپجنديون هيون.“

١٩٩٢ع ۾ مان رٽاير ٿيس ۽ فلاسافيءَ (روحانيت) طرف مُڙيس. اِنڪري ويهن سالن کان منهنجي لکڻين ۾ فلاسافيءَ جو بہ اثر آهي. مون جاچيو آهي تہ منهنجي ساهت ۾ فڪشن (ڪلپنا) جي پيٽ ۾ سچين ڳالهين، وڏيڪ اثر پئي ڇڏيو آهي، ريڊرس ڊائجيسٽ وانگر! جيڪي نِهٺا ۽ نِماڻا اَديب، ڏات ڏٺي، مون کي مِليا. اُنهن مون کي وڏيڪ موهيو ۽ مون سندن ئي ساهتيہ ماڻيو.

جڏهن جڏهن اِندور ويندو هوس، تہ ڪومل ڪهاڻيڪار ڪرشڻ کٽواڻيءَ سان ضرور ملندو هوس. ڀوپال ۾ مشهور شاعر ڪيئلداس فانيءَ سان مليس. جئپور واري سيمينار ۾ ڪوي لڇمڻ ڪومل، ڳني سامتاڻي، لڇمڻ ڀمپاڻيءَ ۽ ٻين جو سنگہ ماڻيم. پياري پريوُ وفا وٽ تہ ڪڏهن ٿاڻہ کان باندرا هليو ويندو هوس، خاص جاڳنگہ پارڪ ۾ پنڌ ڪرڻ لاءِ.

ڳوبند مالهي چوندو هو ”اُتم ڪڏهن بہ تنهنجي لاءِ نہ لکيو آهي.“ ٻڌايومانس، اُن کي بہ منهنجو سياوَ وڻندو آهي، ٻيڻ سندريءَ وٽ تہ آنءُ ويندو رهندو هوس، سندس اَدبي محفل ماڻڻ لاءِ ۽ سندس تندرستيءَ جو پڇڻ لاءِ.

اَٽڪل ٢٥ سال اڳہ هِندواسيءَ ۾ منهنجي ڪهاڻي ”ٻاجهارو پيار“ پڙهي، هڪ سڄڻ ڪئناڊا مان منهنجي لاءِ سمپادڪ شري تيرٿ سباڻي کي ڪجهہ ڊالرن جو چيڪ سوکڙي ڪري موڪليو هو.

آشاوادي نظرئي تي منهنجا ڪتاب پڙهي، ڪن پاڻکن جي راهہ روشن ٿي. اهو ڏسي ۽ ٻڌي، مان پاڻڻ لڳس تہ منهنجو لکڻ جو پورهيو

سيا پاران اَسان هِندي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪي ڪتاب ترجمو ڪرائي شايع ڪيا. نارائڻ شيام ڪي انگريزيءَ ۾ ۽ اَلهامي شاعر شاهه لطيف کي، اَسان هِنديءَ ۾ روشنيءَ ۾ آندو. وقت به وقت ڪهاڻي ڇنڊڇاڻ به ڪرائي.
سنڌ جي مايه ناز ناول نگاره ڀيڻ ماهتاب محبوب تي ”سنڌ جي سورمي“ نالي ڪتاب شايع ڪيوسين.
سنڌ ۾ اَسان هر سال سنڌي ساهتيه سڀا پاران ڇپيل موڪليندا آهيون. سنڌ جي حيدرآباد شهر ۾ شايع ٿيندڙ ”ڪينجهر“ مخزن ۾ منهنجون ڪافي رچنائون شايع ٿيون آهن. ”ڪينجهر“ جي سنڌي ڪتاب ”ڳهر منهنجو ڪتاب“ ”ٽي عظيم شاعر“ (شاهه، شيڪسپيئر ۽ مهاڪوي ڪاليداس) سنڌ ۾ ، سَنڌي زبان ۾ شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب هِنديءَ ۾ شايع ٿيو آهي هِند ۾ پڻ.
منهنجا ڪيترا ڪتاب، هِنديءَ ۽ مرهٽي، انگريزيءَ ۾ پروفيسر لڇمڻ هردواڻي، راڌا ڪرشن چانڊواڻي، ايم.ايس. لُلا، مايا راهي، ڊاڪٽر ايسراڻي ۽ گوڪلي ۽ هري موهن شرما وغيره ترجمو ڪري ڏنا... مان اُنهن جو ٿورائتو آهيان جو اِنڪري غير سنڌي به مون کي پڙهي سگهيا.
عالي اَديب ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ڪهاڻين جو ڪتاب ”نه لئلا نه مجنو“ شايع ڪري رهيا هئاسين. ڪيرت پڇيو، ”پروف ڪير ڏسندو؟“ چيومانس : ”ماڌوَداس گيتا پريس“ . اُن بزرگ سان ڪيرتيءَ واري ڪيرت کي ملايو مانس، جو سنڌ سکر ۾ پرائمري اِسڪول جو ماستر هو. اُن جو ڪم ڏسي، ڪيرت صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. مالهيءَ جي ناوَلن تي منهنجيڪتاب جو سِرو به ڪيرت ئي ڏنو هو ” سنڌي ناوَل ۾ مالهيءَ جي يگاني دين.“
سنڌ مان ڀيڻ ماهتاب محبوب منهنجو انگريزيءَ ۾ ڪتاب ”سيڪريٽس آف هئپي ۽ سڪسيسفُل لائيف“ پڙهي لکيو : ”هي ترجمو ته ڪونه پيو لڳي، اصلي چيز آهي. منهنجو به هڪ ڪتاب شري ايم. لُلا کان ترجمو ڪرائي ڏيو.“ اُن وقت تائين، لُلا صاحب سرڳ پڌارجي چڪو هو. لکيومانس، پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيس.
شروعات ۾ آنءُ روحن تي ڪهاڻيون لکندو هوس، جي نيم سان هندواسيءَ ۾ شايع ٿينديون هيون. جڏهن مان ترتيءَ تي ۽ ترتيءَ جي

اَسين سنڌي اَديب، عام آدميءَ وانگر فقط ڇڙهندڙ سڄ کي ئي سلام ڪيون ٿا. هر لکندڙ، ساهتڪار نٿو ٿي سگهي ۽ نہ سڀ سنڌي سگهڄي ٿو.

ويجهو مون قاضي قادن کان اڄ تائين سيني سنڌي شاعرن جي فن ۽ فِڪر تي پڙهيو ۽ پاتو، سوچيو ۽ لوچيو. اِن جو نچوڙ آهن چار شاعريءَ تي ڪتاب. سنڌ ۾ اهڙن ڪتابن جو وڌيڪ قدر آهي.

عام پاٺڪ کان مان پڇندو آهيان ”تو! نارائڻ شيام کي پڙهيو آهي؟“ چوندا آهن“نہ.“ شاه، سچل، ساميءَ کان پوءِ هِند ۾ نارائڻ شيام ۽ سنڌ ۾ شيخ اَياز عظيم آهن ۽ آهن هِند ۽ سنڌ جي وچ ۾ پُل ۽ بَس.

●●●

ثاب ويو.

ساهتيہ اُهو جو سوچڻ لاءِ مجبور ڪري. ڪيڏو نہ وڏو انيٽو حاصل ڪيو اٿم، پر اجا تياڳپٽو نہ آيو آهي! ٽيہ سال اڳہ هسيجا ڪارنر جي، دريءَ مان ديدار ڪندي ڪندي ،چوليءَ ۾ جيڪا ڪلا جي چٽنگہ لڳي هئي، اُها اُجاگر ٿي ۽ هولارام هسيجا مان قري ”هولارام هنس“ بڻيس. ”هنس“ تخلص مونکي بئنگلورر جي ناوَل نگار سداحيات، شري سندر حشمتراءِ ڏنو. هڪ بزرگہ پاٺڪ چيو ”تو پنهنجي ذات بدلائي آهي“. چيم ”ها“ ٻيو ڇا چوان؟

چون ٿا ”تو ٻي شادي ڇو نہ ڪئي؟“ چيم ”مون ڪلا سان شادي ڪئي آهي.“ اَديب اُهو جو پنهنجي فن جي پَروَرش ۾ زندگي پوري ڪري ڇڏي. دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي شاہ لطيف. شاہ تي ڪنهن بہ تنقيد نہ ڪئي آهي. جنهن جو هر بيت ۽ وائي ڳائي سگهجي ٿي. شاہ سائينءَ فرمايو هو ”ذات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي“ اڄ جا ڪيترا ليکڪ بنان محنت، بنان وسيلي مصالعي ۽ مشاهدي، ڪوي ۽ ڪهاڻيڪار بڻجڻ ٿا چاهين. اِهو ڏسي دُکہ ٿيندو آهي.

پهريون اَدبي سيمينار مون، ناسڪ ۾ ”سائين بيوَس“ تي ميارام درد جو ڪرايو، اُن ۾ شرڪت ڪئي هئي، جتي دڪايل ۽ دلگير، پريوُ ۽ پوپٽي، سڀ آيل هئا. ٻيو سيمينار هو ڀوپال جو. جنهن ۾ موهن ڪلپنا چيو هو ”ڪ لجرات جا بائينڊر بہ ليکڪ بڻجي هِن سيمينار ۾ آيا آهن.“ موهن ڪلپنا جو ”اَدب، عشق ۽ بکہ“ شاهڪار پڙهي مون کيس لکيو هو ”دکہ اِنسان کي مهان بڻائي ٿو.“ اِها ڳالهہ هِن کي وڻي هئي.

ما هري ديويءَ منهنجا خيال پڙهي داداآر.جي. آڏواڻيءَ کي... ”آر.جي. آڏواڻي اَوارڊ“ لائيف اَچيومينٽ ڏيڻ جي سفارت ڪئي هئي. اُن وقت تائين مان ڪڏهن بہ ما هري ديويءَ سان مليو ڪونہ هوس. عزيز وانگر اُٿم ۽ ايم. ڪمل ڳالهائڻ ۾ سخت هئا. هِن ليکہ ۾ مون پنهنجي ڀچار ئي ڪئي آهي.

پروفيسر رام پنجواڻي، زندگيءَ جي شام ۾ منهنجو فرينڊ ۽ فلاسافر رهيو. هِن تي وياجهو جيڪو سيمينار ٿيو. اُن ۾ منهنجي خيال موجب ڪن هِن سان اَدبي اِنصاف نہ ڪيو.

فيلسوفاڻا ۽ آڌياتمڪ ويچارن وارا بہ آهن. هوُ پڙهندو گهڻو آهي. هڪ پيرو ڳالهہ ڪيئين تہ ''پڙهندو آهيان تہ پنو ۽ پين ڪٺي وهندو آهيان. ڪتاب پڙهي اوڏي مهل ئي پنهنجا تاثرات لکي ڇڏيندو آهيان.'' هِن وقت سنڌي اَدب پڙهڻ جو چاهہ گهٽجندو ٿو وڃي. روز پيا ڪتاب اچن، پوءِ ڪو پڙهيو، تہ ڪو نہ پڙهيو. پر دادا هولارام، ننڍيو وڏو جيڪو ڪتاب ملندو اٿس، سو ضرور پڙهندو آهي ۽ ليکڪ ليکڪا کي پنهنجو رايو بہ لکي موڪليندو آهي. اهڙو وهنوار تمام گهٽ ساهتيڪارن ۾ وڃي رهيو آهي.

''سنڌي شاعريءَ جو سفر'' سنڌس ڳوڙهي اَڀياس جو ثبوت آهي. سوين ڪتاب پڙهي، اُنهن مان هرهڪ شاعر جا چونڊ شعر پاٺڪن تائين پهچايا اٿائين. ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي شاعرن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ بہ ڪيل آهي. جيئن نارائڻ 'شيام' کيس شاهہ جي قريب ٿو لڳي، ڇو تہ ٻئي پنهنجي وقت جا عظيم شاعر هوندي بہ نِهٺا ۽ حليم هئا.

شاعريءَ ۾ وقت ۽ حالتن جو چٽر بہ چٽيل آهي. اُها رڳو ماڻڻ لاءِ نہ، پر اِتهاس جي ڄاڻ بہ ڏيئي ٿي. هيءُ ڪتاب سنڌي اَدب جي شاگردن لاءِ بہ ڪارائتو آهي. سينئي شاعرن جا شروع کان وٺي چونڊ شعر، هن ۾ آيل آهن ۽ حوالن ۽ مثالن لاءِ هڪيا تڪيا حاضر آهن.

•••

2) ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“

- سريتا شرما

سنڌي شاعريءَ جو سفر اِنتخاب ۾ هولارام هنس هِند سنڌ جي لڳ ڀڳ مڙنئي شاعرن جو تخليقن جا مِثال ڏيئي اُنهن جي عظمت ظاهر ڪئي آهي. قاضي قادن، شاهه، سچل ۽ ساميءَ کان وٺي صدف ۽ ومي سدارنگاڻيءَ جي ڪويتائن ۽ غزلن جا مِثال ڏنا آهن. سنڌ جي شاعرن ۾ شيخ اَياز کان پشپا وليءَ ۽ اَرم محبوب جي شاعريءَ جا نمونا پيش ڪيا آهن. هِن سيني شاعرن ۽ شاعرائن جي تمام ٿوري ۾ واقفيت بہ ڏني آهي. حقيقت ۾ اُنهن جي واقفيت اُنهن جي شاعري آهي. هِن سنڌي اَدب جي شاعريءَ جي عميق ۾ ٽٻي هڻي، موتي ميڙي پاٺڪن اڳيان پيش ڪيا آهن. هوُ لکي ٿو، ”شاعر تارن جي ڪٽ تي ليٽي نور مان نغما جوڙيندا آهن... شاعر دنيا جي لڪل سونهن تان پردو هٽائي ٿو. شاعري ذات آهي، فن آهي، ڪلا آهي، شاعري سکڻ ۽ سيکارڻ جي چيز نہ آهي.“

هِن جي خيال موجب شاعر پنهنجي اَندر جي اُڇل ۽ اُمنگہ ظاهر ڪرڻ لاءِ شعر لکندو آهي. هِن کي دنيا جي اِنعامن، اِڪرامن جي طلب نہ هوندي آهي. شاه کي ڪهڙا اِنعام مليا پر تڏهن بہ ٽي سؤ سالن کان پوءِ بہ هوُ سنڌي شاعريءَ جي بُلنديءَ تي آهي. ليکڪ چوي ٿو ”اَدب عبادت آهي، جيڪو اَديب اِنعام گهري وٺي ٿو، اُهو واپاري آهي.“ شاعر تہ چوندو :

”جڳہ ميڙيا ٽامي جا ٽڪرا،
مون ميڙيا گيتن جا موتي.“ گوورڌن ڀارتي

شاعري تہ هڪ گل مِثل آهي، جنهن جي مهڪ هرڪو پيو ماڻي.

هولارام هنس ڀيا بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ ڪهاڻيون، مضمون، يادگيريون ۽ خاڪا لکيل آهن. گهڻا مضمون

پري ڪان ئي شاعر لڳندو هو. هن جي انقلابي شاعريءَ جا ٻه چار ڪتاب سنڌ ۾ ضبط ڪيا ويا هئا. جي ايم سيد کيس ”سنڌ جي آتما“ ڪوٺيو آهي. اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ مسلسل تجربا ڪندو رهيو ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ اياز ٻڙ جي وڻ مثل ڇانيل آهي.“

”اياز چوندو هو ته جيڪڏهن عورت ۽ شراب مان هڪ کي چونڊڻو پوي ته مان جيڪر شراب کي چونڊيان ۽ جيڪڏهن شراب ۽ ڪتاب مان هڪ کي چونڊڻو پوي ته مان جيڪر ڪتاب کي چونڊيان.... اياز جو مطالع گهڻو هو. هن لاءِ ذات ڪان به سچ ۽ پيار وڏيون شيون هيون. اياز سورٺ، نوري، سسئي، سهڻي، ليلا، مومل، موکي، مارئي جهڙن نج سنڌي ڪردارن کي جديد دؤر ۾ جديد نمونني لکي، جديد دؤر جي مسئلن مؤجب ٺمڪايو ۽ ڦمڪايو. هن سوين نوان رديف ۽ ڪافيه ڪتب آندا. هن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو، هن رومانوي شعر به لکيو، نيون تشبيهون، ترڪيبون، استعارا ۽ اصلاح ڪتب آندا.

”مسرت جا ڏينهڙا، ڪکر ڪتيءَ جا،
پاڇا بستيءَ جا، ڪاري ڪارونڀار ۾.“

بيت ۽ وايون سندس پياريون صنفون رهيون. اُن ڪانپوءِ هائڪو، غزل، نظم، گيت نظم وغيره به لکيائين. اياز جي شعر ۾ خيال جي اُڏام ۽ اونهائي هئي. هوُ هڪ عظيم انسان ۽ انسان جو دوست هو. اياز جي دل ۾ ورهاڱي جو درد سمايل هو. کيس سنڌ لاءِ ازحد پريم هو. هڪ غزل جي مطلع ۾ چوي ٿو:

”ساڳ پنهنجو پلي، سنڌ پو ٻي ٻلي،
ٻاڳ واري سدا ٻونءِ تي ٻر جهلي.“

سنڌي ٻولي اياز کي ٻين سيني ٻولين کان وڌيڪ پياري هئي. هڪ بيت ۾ چوي ٿو:

”پنهنجي ٻوليءَ ۾ ميان! جڏهن چوندين ماءُ،
توکي اهڙو ساءُ ڏيندي ٻي ٻولي ڪٿي!“

ڪل ملائي شري هولارام هنس هيءُ ڪتاب لکندي وڏي محنت ڪئي آهي. جنهن لاءِ کيس داد هجي. ڪتاب ۾ ڏنل سڀيئي مضمون عظيم شاعر شيخ اياز جي شاعريءَ جي ڪئين ڪُنڊن کي اُجاگر ڪن ٿا. ڪتاب پڙهندي لڳي ٿو ته ليکڪ، اياز جي نثر توڙي نظم جي لڳ ڀڳ سڀني ڪتابن جو مطالع ڪيو آهي. جن جي لسٽ به صفحي 129 تي ڏني اٿائين.

●●●

3) "عظيم شاعر شيخ اياز"

-ڪيمن يوُ مولاڻي

ڀارت جي سنڌي اديبن ۽ اخبار نويسن کي اها شڪايت آهي تہ سنڌي
ٻولي پڙهڻ وارا ڏينهون ڏينهن گهٽجندا ٿا وڃن. تنهن هوندي بہ هتي
سوين سنڌي ڪتاب سنڌي لپيءَ ۾ ڇپجن ٿا ۽ ڪئين روزانيون، ماهوار
هفتيوار اخبارون، مخزنو ۽ رسالا سنڌي لپيءَ ۾ ڇپجي ظاهر ٿين ٿا
ممبئيءَ جي بيسٽ سنڌي سڀا بہ هر سال سنڌي لپيءَ ۾ ڪتاب ڇپائي ٿي
جيڪي اڪثر شري هولارام هنس جي قلم جي پيدائش هوندا آهن. اڳي
سڀا ٻين ليکڪن شاعرن جا ڪتاب بہ ڇپائيندي هئي جن مان ڪن کي
مرڪزي ساهتيہ اڪاڊميءَ جا انعام بہ مليا هئا. پر هاڻي الائي ڇو ٻين
ليکڪن شاعرن جا ڪتاب ڪو نہ ٿي ڇپائي خير. تازو مون وٽ هولارام
هنس جو لکيل ڪتاب "عظيم شاعر شيخ اياز" پهتو آهي. هولارام هنس
شاعر ڪونهي پر ليکڪ آهي پر لڳندو آهي تہ هن جو رجحان شاعريءَ
طرف ڪجهہ وڌيڪ آهي. هن کان اڳ بہ هن ٻہ ڪتاب "عظيم شاعر
شيام" ۽ ٽي عظيم شاعر (شاهہ، شيڪسپئير ۽ مها ڪوي ڪاليداس) لکي
ڇپايا هئا. جن مان "عظيم شاعر شيام" تي سنڌي ٻولي وڪاس پريشد
پاران کيس انعام بہ عطا ڪيو ويو هو.

مذڪور ڪتاب ۾ شيخ اياز جي جيوني، اياز بابت تخليقڪارن جا
رايا، اياز جي جيون جو فلسفو، سنڌس ذين سميت مٿس لکيل 27 مضمون
ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ڪتاب جي "پيش لفظ" ۾ چيو ويو آهي تہ
"شاعري ڪندي اياز (1923-1997) فيلسوفن وانگر سوچيو آهي تہ جڏهن
انسان مري وڃي ٿو تہ هن جو ڇا ٿو ٿئي؟ پنر جنم آهي يا نہ؟ موڪش ڇا
آهي؟ جيو آتما جو پرم آتما سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ دک ۽ سک ڇا آهي؟
ڪي منظرپسي، هن کي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ هن اُنهن کي اڳ بہ ڏٺو
آهي. ان جو مطلب ٿيو تہ هن پنر جنم ورتو هو! اياز چوي ٿو:

"چڻ مون مان ٿي ڪا اچي، اڳئين جنم جي رڙ،
مون کي ائين نہ ٿڙ، جي مان توڏي گهوُريان." (بيت)

اياز جي جيوني لکندي ٻڌايو ويو آهي تہ "اياز کي پنهنجي ملڪ جي
مٽيءَ ۾ ماڻهن سان مجنوءَ جهڙي محبت هئي. شاعريءَ سان جنون جي
حد تائين لڳاءُ هو. شاعري ئي هن جي نجات هئي. شاعراڻو مزاج هوس

BEST SINDHI SABHA MUMBAI
(1958 to 2012)

١. سڌريل زمانو ۽ بگڙيل پيار (ناول)	سندر حشمتراءِ
٢. چپل (ناول)	,, ,,
٣. پريشان پتنگ (ناول)	,, ,,
٤. ڪپھ ۽ باھ (ناول)	ڊاڪٽر ارجن سڪايل
٥. راجڪماري گيتا (ناول)	,, ,,
٦. تپسيا تني پيئي (ناول)	,, ,,
٧. خوشبوءِ - ١٩٨٧	ٽاڻھ ادبي ڪلاس جا ليکڪ
٨. خوشبوءِ - ١٩٨٨	,, ,, ,,
٩. تيرٿ درشن ۽ فڪر	تيرٿ سڀاڻيءَ جي جيوني، فن ۽ فڪر
١٠. پلئہ پلي	واسديو نرمل
١١. مس ريتا	,, ,,
١٢. ڪچا ڌاڳا پڪي ڏور (ڪهاڻيون)	ڪمل پياسي
١٣. اُماس (ناول)	ڊاڪٽر چندولعل جئسنگهاڻي
١٤. گيان گنگا	جئرام چيلاڻي
١٥. نہ لعليٰ نہ مجنوُ (ڪهاڻيون)	ڪيرت ٻاٻاڻي
١٦. چونڊ سنڌي ڪهاڻيون	(تارا ميرچنداڻي، گوبند پنجابي، گوپال نڪر، جينت ريلواڻي ۽ ريتا شهاڻي وغيره)
١٧. شيشي جا گهر (ڪويتائون) (ساهت اڪادمي اِنعام حاصل ڪيل ڪتاب)	گوورڌن ڀارتي
١٨. موڳو (غزل)	ارجن حاسد
١٩. احساس (غزل)	ڀڳوان هوش
٢٠. آئينا ۽ عڪس (هائيڪو)	پريو وفا
٢١. ڀڻڪ (ڪويتائون)	ڊاڪٽر پريم پرڪاش
٢٢. روحن سان ملاقات (روحن تي ڪهاڻيون)	هولارام هنس
٢٣. بر مڙيوئي بوءِ (ڪهاڻيون)	,,,,
٢٤. ٽي عظيم شاعر (شاھ، شيڪسپيئر ۽ ڪاليداس)	,, ,,
٢٥. ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪجي؟	,, ,,
٢٦. ماستر صاحب (طنز ۽ مذاق)	,, ,,
٢٧. ڪرم يوگي (ناول)	,, ,,
٢٨. عظيم شاعر شيام (مضمون)	,, ,,
٢٩. سنڌي ناول ۾ مالهيءَ جي يگاني ڏين (مضمون)	,, ,,
٣٠. سنڌ جون هستيون	پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي
٣١. سرهي مشڪ (ڪهاڻيون)	پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي
٣٢. سِنڌ جي سورمي	(ماهتاب محبوب جي جيوني، فن ۽ فڪر)
٣٣. اُمنگن جا آبشار (مضمون)	پروفيسر ايشوري جوتواڻي
٣٤. محبت جو مينهن (ڪهاڻيون)	مايا راهي
٣٥. اڪيلو چنڊ (ڪويتائون)	هري دلگير
٣٦. آڌي رات ڏنو مون جاڳي	هولارام هنس
حد بيحد جي سرحد ساڳي (فلاسافي)	
٣٧. ڪهاڻيون هنس جون	,, ,,
٣٨. جا چتايم چت ۾	موهن گيهاڻي

هنس ساهتيہ (1980 to 2012)

هولارام رهندومل هسيجا (هولارام هنس) جنم ١٥ جون ١٩٣٤، قمبر لاڙڪاڻو (سنڌ) عظيم شاعر شيام تي ليکڪ کي NCPSL جو اوارڊ مليو آهي ۽ هن جي ساهتيڪ دين تي هن کي آر جي آڏواڻي اوارڊ عطا ٿيل آهي.

ساهتيہ:-

(١) پايل (٢) روحن سان ملاقات (٣) سرهاڻ جو سفر - آتم ڪٿا هڪ اديب جي (٤) برمڙيوئي بوءِ (٥) ٽي عظيم شاعر، (شاه، شيڪسپيئر، مها ڪوي ڪاليداس، (٦) عظيم شاعر شيام (٧) ڪهاڻيون هنس جون (٨) ساهتيہ ۽ ساهتيڪار (٩) ٽفن ليٽ تہ ٽرين ليٽ (١٠) امانت (١١) ماستر صاحب (١٢) ڦوڪڻن وارو ۽ ميري (١٣) ڊائريءَ جا ورق (١٤) سنڌي ناول ۾ گوبند مالهيءَ جي دين. (١٥) سنڌي شاعريءَ جو سفر (١٦) عظيم شاعر شيخ اياز. (١٧) عظيم شاعر تاجل بيوس.

(نوٽ: ”ٽي عظيم شاعر“- سنڌ ۾ بہ شايع ٿيو آهي)

فلاسافي:-

(١) آڌي رات ڏنو مون جاڳي، حد بيحد جي سرحد ساڳي (٢) فلاسافي جيون جيئڻ جي (٣) نرتڪي (٤) ميرا (٥) هر سوال جو

) Journery of Fragrance (Autobiography)
) Secrets of Happy and Successful Life
) Baloon walla
) Narayan Shyam
) Eastern and Western Wisdom (Edited by Hans)

Translators : 1) Dr. Prof. S. M. Israni
2) Shri M. S. Lulla

Hindi:

) तीन श्रेष्ठ कवि २) पायल ३) रहस्य सखी और सफल जीवन के ४) टिफन लेट तो ट्रेन लेट

Translators : 1) Shri RahdhaKrishan Chandwani
2) Shri Hari Mohan Sharma 3) Smt. Maya Rahi

Marathi :

) मोती आणि इतर सिंधी कथा
) सुखी आणि सफल जीवनाचे रहस्य
) आशावादी जीवन कसे जगाल

Translators : Prof. Lachhman Hardwani
& Prof. Hemant Gokhale

"مددي ڪتاب"

1) جڏهن يون ۽ پٽي   تاجل بيوس
2) انبن جهليو بور   تاجل بيوس
3) سرجيندر ساٽيه جا   تاجل بيوس
4) سنڌ منهنجي اَمان   تاجل بيوس
5) ڪاچي مٿان ڪونج   تاجل بيوس
6) ڪنڌيءَ ڪوئنر ترن   تاجل بيوس
7) ڪنڌيءَ اَڪ ڦلاريا   تاجل بيوس
8) صحرا سترجنِ   تاجل بيوس
9) تنهنجا نينڻَ غزلَ   تاجل بيوس
10) وڏا وَڻ وَڻڪار جا   شيخ اياز ۽ تاجل بيوس
11) انٽرنئشنل سنڌي ساهتيہ سيمينار 2008 ارجن حاسد
12) سنڌي ادب ۾ بعد جديديت ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي
13) ورهاڱي کانپوءِ سنڌي غزل جو هئنڊ بوڪ واسديو موهي
14) آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي ائنٿالاجي ارجن حاسد
15) چپ انجيل جي حاشين جهڙا   تاجل بيوس
16) سون سريڪا چار سين (سنڌ، سنڌو، سيد ۽ سن) تاجل بيوس
17) سنڌي غزل   ارجن شاد
18) شاعر جي نوٽ بوڪ تان شيخ اياز
19)ٽڪرا ٽٽل صليب جا   شيخ اياز
20) پيهي منجهہ پاتاو   گوورڌن گهايل
21) ڪچ ۽ ڪوڏيون   ارجن چاولا
22) فنِ تحقيق ۽ اُن جا اَصول   ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي

٢٣) علم عروض ۽ چند وديا   اِندر پوجواڻي

●●●

٣٩. فلاسافي جيون جيئڻ جي	هولارام هنس
٤٠. ساهتيہ ۽ ساهتيڪار	,, ,,
٤١. نرتڪي	,, ,,
٤٢. ڊائريءَ جا ورق	,, ,,
٤٣. آتم ڪٿا هڪ اديب جي	,, ,,
٤٤. ميرا (ناول)	,, ,,
٤٥. ڦفن ليت تہ ٽرين ليت	,, ,,
٤٦. پيهي ويو پرلاءِ ۾	ڪرشڻ راهي
٤٧.سنڌي شاعريءَ جو سفر (قاضي قادن کان اچ تاءِ)	هولارام هنس
٤٨. جي گهر اچين مون	,, ,,
٤٩. عظيم شاعر شيخ اياز	,, ,,
٥٠. ڪهاڻي ڪنعيالعل جي	,, ,,

- ترجما -

سنڌي:

ڪتاب جو نالو	ليکڪ	ترجمان
٢٦. شرابي نگاهون	(امرتا پريتم)	هوندراج بلواڻي
٤٧. ببلي	(شورام ڪرانت)	بهاريلعل ڇابڙيا
٤٨. ڊونگہ	(بنگالي ناول)	,, ,,
٤٩. بنگالي ڪهاڻيون		,, ,,
٥٠. نچڪيتا جي ڪهاڻي	(هندو گرنٽ مان)	سڳن ۽ ڦتن
٥١. ڪفن	(منشي پريمچند)	پورن چينواڻي
٥٢. ديش ڀڳت	(پرل بڪ)	تيرٿ سپاڻي

مرهٽي

٥٣. موتي آڻي اتر سنڌي ڪٿا	(هولارام هنس)	پروفيسر هردواڻي
٥٤. سکي آڻي سڦل جيو ناچيہ رهسيہ	,, ,,	,, ,,
٥٥. آشاوادي جيون ڪسي جڳال		پروفيسر گوڪلي

هندي:

٥٦: تين سريشٽ ڪوي	(هولارام هنس)	راڌاڪشن چاندواڻي
٥٧. پايل (ڪهاڻيون)	,, ,,	,, ,,
٥٨. رهسيہ سکي اور سڦل جيون کي	,, ,,	هري موهن شرما
٥٩ ڦفن لَيت تو ٽرين ليت	,, ,,	مايا راهي

انگريزي:

٥٩. سنڌي شارٽ اسٽوريز	(چوند سنڌي ڪهاڻيڪار)	ڊاڪٽر ايسراڻي
٦٠. سنڌي اسٽوريز (بلون والا)	(هولارام هنس)	,, ,,
٦١. جرني آف فرگرنس	,, ,,	,, ,,
٦٢. سيڪريٽس آف هئپي ائنڊ سڪسفل لائيف	,, ,,	ايم. ايس. للا
٦٣. آپٽيمسٽڪ ائروچ	,, ,,	,, ,,
٦٤. نارائڻ شيام	,, ,,	,, ,,

’شيشي جا گهر‘ ۽ ’ڀڳت‘ ڪتابن تي ليکڪن کي ساهت اڪاڊمي اوارڊ عطا ٿيو آهي ۽ ’محبت جو مينهن‘ ۽ ’عظيم شاعر شيام‘ ڪتابن تي اين.سي.پي.ايس.ايل جو نئشنل اوارڊ ليکڪن کي مليو آهي.

Dr Yashodhara Wadhwani
C/O Shri Navinchandra C. Shah
21-22, Kakkal Bldg. society
3rd Floor, 59, Goa Street
off Mint Rd, Near GPO
Mumbai 400001
M. 9324968458

With Blessings from

Late Dada Thakurdas Kursija



13th January 1945 - 27th January 2008

عظيم شاعر تاجل بيو



ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جا ٽي عظيم شاعر
نيخ ياز، اُستاد بخاري، ۽ تاجل بيوس

عظيم شاعر تاجل بيوس (1938-2008) سنڌ جي حال، ماضيءَ ۽ مستقبل ۾ ٽپيون هنيون آهن. هيءُ فنڪار سنڌ جي پيڙا جو پرلاءُ آهي. هن ڏات ڏٽيءَ جي شاعري قديم ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جو مهراڻ آهي. هن جا ڪومل ۽ قوت وارا شعر، سنڌ جي ٻهراريءَ جو حُسن يا شاهڪار آهن. هن سرجڻهار جو ڪردار قوميت کان وڌيڪ انسانيت ڏانهن جُهڪيل آهي. هن ٻُوٽاٽي شاعر تي شاعري ائين اُپرندي هئي، جئن وڻ تي سياويڪ نمونيِ پڻ اُپرندا آهن. هن تخليقار جي تخليق، سنڌي فڪر ۽ فن جو سنگم آهي. هن جي شاعري، اَزل ۽ اَبد جي وچ ۾ پُل آهي. شروعاتي حياتيءَ جو وڏو حصو، هن ٻهراريءَ ۾ گذاريو آهي. بيوروڪريٽ هوندي بہ، هارين ۽ پورهيتن جو سردار آهي.

سنڌ ۾ اياز، تاجل ۽ بخاريءَ جي شاعري امر جوتي آهي، جنهن کي گهٽنائون ۽ هوائون وسائي نہ سگهنديون! هنن جيڪا ديگ چاڙهي اُن جو ڍُڪ بہ هنن ئي لاتو.

هند ۾ تہ عظيم شاعر نارائڻ شيام ٽرو تاري مثال آهي. جنهن لاءِ ستايل سڪندر فرمايو آهي:

"ويهين صديءَ جو هو وڏو شاعر اياز
پر پڙهي ناهي ڏٺو تو شيام کي."

هولارام هنس